ريڊيو ۽ ٽي وي ڊرامن جو مجموعو

# اڙي اڙي زنجير




## قاضي خادم

انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جي اشاعتي سلسلي جو ۱۷ ڪتاب

# لَٽڪ لَٽڪ زنجير

(ريڊيو ۽ ٽي - وي ڊرامن جو مجموعو)

قاضي خادم

ناشر
انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي
سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو، سنڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(ليکڪ جا حق واسطا قائم)

ڇاپو پهريون: اپريل ١٩٨١ع مطابق جمادالثاني ١٤٠١ھ
[تعداد هڪ هزار]

قيمت: ٣٥-٠٠-٠ روپيا

ڪور ڊزائين، محمدعظيم چانڊيو.

soorihsindhiadab

سول ايجنٽس

ميسرس ادبيات
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد

---

الماس بڪ هائوس
انور رائي روڊ، پوسٽ باڪس نمبر ١٠٣٧١
صدر ڪراچي-٣

هي ڪتاب، سنڌ يونيورسٽي پريس ۾، اعجاز محمد صديقيءَ ڇپيو ۽ ڊاڪٽر غلام علي الانا، پروفيسر انچارج، انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي، سنڌ يونيورسٽي نئون ڪئمپس، ضلعو دادو سنڌ، پڌرو ڪيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# انتساب

پنهنجي پياري ماءُ جي نالي -

جيڪا اسان کي ڇڏي وڃي جنت نشين ٿي آهي -

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ترتيب


| | |
|---|---|
| ناشر طرفان | صفحا |
| پيش لفظ | الف کان ط تائين |

## ريڊيو ڊراما

| | |
|---|---|
| ١- احساس | ١ |
| ٢- فاصلن جو موت | ٤٣ |
| ٣- پيار ۽ سپنا | ٧٥ |
| ٤- روپ بهروپ | ١١٩ |
| ٥- رشتو | ١٦٥ |

## ٽي - وي - ڊراما

| | |
|---|---|
| ٦- سک جو سپنو | ٢١٢ |
| ٧- لڙڪ لڙڪ زنجير | ٢٤٩ |
| ٨- منزلون ۽ مسافر | ٢٧٩ |
| ٩- شڪست | ٣٠٩ |


soorihsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ناشر طرفان

سنڌي ادب، زبان ۽ ثقافت جي سيني سڄڻن کي خبر آهي تہ سال ١٩٨٠ع کي سنڌي ناٽڪ جو ”سئو سالہ جشن“ جـو سال قرار ڏنو ويو هو. انهيءَ سئو سالہ جشن جي موقعي تي هڪڙي ٻاهي سيني اخبارن ۽ رسالن سڄي سال ۾ سنڌي ناٽڪ جـي مختلف موضوعن تي مضمون ڇپيا، ۽ ٻئي ٻاهي سرڪاري سطح تي تشڪيل ڏنل ڪميٽيءَ طرفان سئو سالہ جشن ملهايو ويو، جنهن ۾ مختلف دورن جي نمائندگي ڪندڙ چوندي ڇهہ ناٽڪ اسٽيج ڪيا ويا. اتي انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جهڙي اهم ثقافتي، ادبي ۽ علمي اداري لاءِ ٻوٽي رهجي وڃڻ ناممڪن هو.

انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ، سئو سالہ جشن جي سلسلي ۾ گذريل سڄي سال لاءِ سيمينار منعقد ڪرڻ جو سلسلو رٿيو ۽ ان تي ڪاميابيءَ سان عمل ڪيو. انهن ۾ سنڌي ناٽڪ جي ڄاڻن ڪان سنڌي ناٽڪ جي مختلف پهلوئن تي ليڪچر ڪرايا ويا، جن ۾ سنڌي ناٽڪ جي تاريخ، فن ۽ سماجي پس منظر اچي وڃن ٿا.

انهيءَ سيمينار منعقد ڪرڻ سان گڏوگڏ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ، سنڌي ناٽڪ جي ڏِس ۾ خاص ڪتابن شايع ڪرڻ جو پروگرام پڻ رٿيو آهي ۽ هي ڪتاب ان سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي.

قاضي خادم سنڌي زبان جو ڄاتل سڃاتل نقاد، افسانہ نگار ۽ ناٽڪ نويس آهـي. سنڌس ڪيترائي ناٽڪ ريـڊيو ۽ ٽي- وي تـان پيش ٿي چڪا آهن، جن مان ڪجهہ ڊرامـا چونڊي هيءُ ڪتاب ترتيب ڏنـو ويو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هن ڪتاب کان پوءِ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ طرفان نانڪ جي
فن تي ٻيو ڪتاب به جلد ئي ڇپايو ويندو، جيڪو انسٽيٽيوٽ آف
سنڌالاجيءَ طرفان منعقد ڪيل سيمينارن جي سلسلي ۾ ڏنل ليڪچرن تي
مشتمل آهي.

اسان کي اميد آهي ته اسان جا پڙهندڙ اسان جي هن محنت
جو قدر ڪندا ته جيئن اسين اڳتي هلي ان سلسلي ۾ بهتر کان بهتر
ڪتاب ڏيئي سگهون.

ڊاڪٽر غلام علي الانا
پروفيسر انچارج
انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي

soorihsindhiadab
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# پيش لفظ

ڊراما ۾ ڪهاڻي بيان ڪرڻ جي ڪيترن ئي طريقن مان هڪ آهي. هن ۾ ڪهاڻي بيان ڪرڻ جو طريقو ناول کان ڀنئي نموني جو آهي، ڇو جو هن ۾ ناول جيان ڪهاڻي سڌي سنئين انداز ۾ بيان ڪونه ڪئي ويندي آهي، بلڪ ان کي عوام جي آڏو اسٽيج تي اداڪارن جي وسيلي پيش ڪيو ويندو آهي. درحقيقت هڪ لکيل ڊرامو ايستائين ڊرامو نٿو ٿي سگهي، جيستائين ان کي اسٽيج تي پيش نه ڪيو وڃي يا موجوده دور ۾ ريڊيو ۽ ٽيليويزن تان پيش نه ڪيو وڃي. يعني ته جيستائين ليکڪ، پروڊيوسر، اداڪار ۽ عوام هڪ هنڌ نه اچي مڙن- ڊرامي جو حقيقي مقصد ان کي پيش ڪرڻ آهي، نه ڪه ان کي پڙهڻ- ناول نگار جي برعڪس، ڊراما جي ليکڪ کي پنهنجن اداڪارن تي ڀاڙڻو پوي ٿو ۽ اداڪارن کي وري مئنيجر (پروڊيوسر) جي پاليسين، ٿيئٽر جي وسائل ۽ عوام جي پسند جو خيال رکڻو پوي ٿو.

هڪ ڊرامہ نگار جو خاص مقصد ڏسندڙن (پڙهندڙن) کي خوش ڪرڻ آهي ۽ ڏسندڙ وري ڊرامو پنهنجي تجسس جي جذبي کي مطمئن ڪرڻ لاءِ ڏسندا آهن. هنن کي هڪ سهڻي ڪهاڻي ڏسڻ جي توقع هوندي آهي. هو ڪردارن طرفان ٿيندڙ دلچسپ واقعا ڏسڻ چاهيندا آهن. صرف ابسن يا جارج برنارڊشا يا سنڌيءَ ۾ محمداسماعيل عرسانيءَ ۽ محمدعثمان ڏيپلائي جهڙا چند ڊرامانگار ٿي گذريا آهن، جن ڊرامي کي سڌاري جو ذريعو ڪري سمجهيو آهي، ليڪن هو به پنهنجن ڊرامن ۾ ڪردارن ۽ واقعات کي اهڙو ته دلچسپ ۽ وڻندڙ ڪري پيش ڪن ٿا، جو عام ڏسندڙ به هنن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هڪ ڊراما نگار کي هر قسم جي ڏسندڙن جو خيال رکڻو پوندو آهي. هن کي خبر هوندي آهي ته هڪ عام تماشبين پنهنجي هيرو کي طاقتور، شريف ۽ غريبن جو همدرد ڏسڻ چاهي ٿو. هن کي هيرو جي فتح سان دلچسپي آهي. هو ابسن ۽ برنارڊشا جي ذومعنيٰ جملن ۽ ذهين قسم جي ڪردارن ۾ ڪا دلچسپي نه ٿو رکي. انهيءَ ڪري ئي ڊراما جا اهڙا ڪردار ڪامياب ٿيندا آهن جيڪي سوچ کان وڌيڪ جذبات کان ڪم وٺندا آهن.

عظيم ڊرامن جو مرڪزي خيال تمام سادو سودو هوندو آهي ۽ گهڻو ڪري پراڻو به هوندو آهي. تماشبين پراڻين ڪهاڻين کي وري وري مختلف انداز ۾ پيش ٿيندو ڏسڻ چاهيندا آهن. هو پراڻن چرچن تي کلندا آهن ۽ ساڳين ڏاڍ جي نظارن تي وري وري پيا روئندا آهن.

هڪ واقعو اهڙو ياد اٿم جيڪو هت بيان ڪرڻ مناسب ٿيندو، ته ۱۹۶۴ع ۾ هڪ دوست لنڊن مان ٿي آيو ۽ ٻڌايائين ته اي - ايم فارسٽر جو ناول اي پئسيج ٽو انڊيا، ڊرامائي صورت ۾ براڊوي ۾ ڏيکاريو پيو وڃي. هن ٻڌايو ته اهو ڊرامو گذريل چئن سالن کان هلي پيو ۽ ڏاڍي رش اٿس ۽ ڪيترا ڪراڙا ۽ ڪراڙيون انگريزياڻيون روزانه ساڳيو ڊرامو ڏسڻ ٿا اچن ۽ ڊرامي جي مک ڪردار ڊاڪٽر عزيز سان ٿيندڙ ناانصافي ڏسي اوڇنگارون ڏئي روئن ٿا.

تماشبينن جي مزاج جو خيال رکندي ڊراما نگار کي هميشه انسان جي بنيادي دلچسپيءَ وارن جذبن جي اپٽار ڪرڻي پوندي آهي، جهڙوڪ پيار، نفرت، لالچ، همدردي ڏک ۽ ڏپ

وغيره . هو اهڙا موضوع چونڊيندو آهي جن سان ڪنهن هڪ فرد يا ڪلاس جي نه بلڪ سموري انسانذات جي دلچسپي هوندي آهي . جيڪڏهن هڪ ڊراما نويس اهڙي خيال کي برقرار رکڻ ۾ ڪامياب ٿي ويجي ته پوءِ هو ناول نگار کان به وڌيڪ ڪامياب ٿي سگهي ٿو . هن جي هڪ مزاحيه سٽ ڏسندڙ کي کلائي کيرو ڪري سگهي ٿي . جڏهن ته ڪئين مزاحيه ناول نگارن جون ڪاوشون وڏي مشڪل سان ڪنهن کي مرڪائڻ ۾ ڪامياب ٿي سگهنديون آهن . مرزا قليچ بيگ جي ”انڪواري آفيسر“ يا محمد عثمان ڏيپلائي جي ”بدڪار“ جو ئي مثال ڪڍي وٺو . پڙهڻ ۾ اهي ڊراما ٿي سگهي ٿو ته ڪنهن کي کلائڻ ۾ ڪامياب نه ٿيا هجن ليڪن انڪواري آفيسر جڏهن اسٽيج تي پيش ٿيو ته سڄو هال کلڻ جي ڪوڪرن ۾ ٻڏي ٿي ويو .

تماشبين مختلف قسمن جا ٿيندا آهن - جنهن ڪري هنن جو ڪهاڻيءَ جي مختلف موڙن ڏانهن رد عمل به مختلف ئي ٿيندو آهي . ڪي ڏسندڙ غم وارن نظارن کي دلچسپيءَ سان ڏسندا آهن ته ڪي وري کل خوشيءَ جا ڪوڏيا هوندا آهن . ڪي بهادريءَ وارن قصن جا شائق ته ڪي وري پيار محبت جي قصن سان دلچسپي رکندا آهن - انهن سڀني کي هڪ ئي وقت ۾ خوش رکڻ جو ڏکيو ڪم صرف ڊراما نگار ئي پورو ڪري سگهي ٿو - سو به ان پابنديءَ سان ته هن کي اها ڪهاڻي ٻن يا ٽن ڪلاڪن جي اندر ئي پوري ڪرڻي آهي ته جيئن اها اسٽيج تي پيش ڪري سگهجي . جڏهن ته هڪ ناول نگار تي اهڙي ڪا به پابندي ڪانهي - پيو ته هن کي پنهنجي ذات کي ڊراما کان الڳ رکڻو آهي - هن کي جيڪي ڪجهه چوڻو آهي اهو ڪردارن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

صوتي اثرات، موسيقي ۽ آواز جو لاهه ۽ چاڙهه ڪم ايندو آهي تنهنڪري ريڊيو ڊرامن ۾ اهڙا موضوع ڪامياب ٿيندا آهن، جن جو واسطو سنئون سڌو انساني جذبات سان هجي. پيار، نفرت، ڏڪار، ۽ جاسوسي يا جنگي ۽ تاريخي موضوع ريڊيو لاءِ ڏاڍا ڪامياب ثابت ٿيا آهن. ٻئي طرف ٽيليويزن ۾ ٻڌڻ کان وڌيڪ ڏسڻ جو حصو هوندو آهي. اتي هر واقعو اسٽيج وانگر ڏيکاريو ٿو وڃي. تنهنڪري ان ۾ عام سماجي موضوعات يا ريتون رسمون ڪاميابيءَ سان اثرائتي انداز ۾ پيش ڪري سگهبيون آهن. هنن ڊرامن ۾ ڏسندڙ گفتگو ۾ ايتري دلچسپي نه وٺندا آهن، جيتري حرڪت يا هلچل ۾. تنهنڪري ٽي - وي ڊراما لکڻ جو انداز به مختلف ٿيندو آهي. ان ۾ نه رڳو مڪالما يا گفتگو ڪي قلمبند ڪيو ويندو آهي بلڪ منظرنامو به لکيو ويندو آهي جنهن ۾ هلڻ چلڻ، اٿڻ ويهڻ ۽ اسڪرين تي پيش ايندڙ هر واقعي جي تفصيل سان اهڙي نموني لکيو ويندو آهي جو انهن واقعن کي فلمبند ڪرڻ وقت يا اداڪارن کي اداڪاري ڪرڻ وقت ڪا، تڪليف نه ٿئي.

ريڊيو ۽ ٽيليويزن ڊرامن ۾ مون کي جن پروڊيوسرن، صداڪارن، اداڪارن ۽ صوتي اثرات ڏيندڙن سان واسطو پيو سي هي آهن:

پروڊيوسر :- مراد علي مرزا، مصطفيٰ قريشي، عبدالڪريم بلوچ، پير اسحاق جان سرهندي، الله بخش شاهه بخاري، سڪندر بلوچ، انور بلوچ، منظور قريشي، محمد بخش سميجو، ابراهيم شيخ، غلام حسين شيخ، زاهد قلباڻي، جهانگير قريشي ۽ هارون رند.

صداڪار ۽ اداڪار :- غزال رفيق، سيما، ساجده، نسرين، ساوتري،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مجموعو "سنڌي ڊرامن جي صدي" واري سلسلي ۾ پيش ٿيڻو هو، ليڪن فني دشوارين جي ڪري ان ۾ ڪجهه دير ٿي وئي آهي. تڏهن به هيءَ مختصر ڪوشش انهيءَ سلسلي ۾ ٿي سمجهڻ گهرجي. آخر ۾ آءٌ پنهنجي پٽ طارق جو به شڪريو ضرور ادا ڪندس، جنهن روزانو باقاعدگيءَ سان پريس مان پروف آڻي ٿي ڏنا ۽ زوريءَ مون کان اڌ رات جو پڙهائي ويندو هو.

قاضي خادم -

سنڌ يونيورسٽي — ڄام شورو

٥-١-١٩٨١ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

# ريڊيو ڊراما

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# احسـاس

کردار :-

اختر : فضيلت وارو نوجوان ، جنهن کي غريبن سان همدردي آهي .

اسلم : بد ڪردار وڏيرو، اختر جو وڏو ڀاءُ .

بيگم : اسلم ۽ اختر جي ماءُ .

نازو : ڳوٺاڻي سادي ڇوڪري .

سلميٰ : اختر جي فيشن ايبل مڱ .

ڏاڏي : نازوءَ جي پوڙهي ڏاڏي .

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# [ڏيک پهريون]

(شروعاتي موسيقي)

[ٽانگي هلڻ ۽ هڪ هنڌ بيهڻ جو آواز]

پوڙهي — اتي روڪ ابا، اتي روڪ. رئيس سيف الله جو گهر اچي ويو.

نازو — بس ڏاڏي لهون؟

پوڙهي — لهنداسين نه ته ڪو ٽانگي ۾ ويٺا هونداسين!

نازو — ڏاڏي در کڙڪايان؟

پوڙهي — ها ابا، هي وٺ پنج روپيه.

(ٽانگي جي هلڻ ۽ وڃڻ جو آواز)

نازو — ڏاڏي ڪنڊو ته آهي ئي ڪونه، چا کڙڪايان!

پوڙهي — امان هي وڏن ماڻهن جو گهر آهي، هتي ڪڙو ڪونه کڙڪائبو آهي، هو اچو هٿ لڳو پيو آهي نه، تنهن کي زور ڏيو.

نازو — چڱو، (وقفو.... هلڪو گهنٽيءَ جو آواز) اوئي!

پوڙهي — ڇو ڇو، ڇرڪي ڇو وئين؟

نازو — مون هٿ دٻايو ته گهنٽي وڄڻ جو آواز آيو.

پوڙهي — اهو گهنٽيءَ جو بٽڻ ئي ته آهي.

نازو — پر اچي ته اڃا ڪير به ڪونه ٿو.

پوڙهي — ماٺ نٿي ڪرين.

نازو — مون ڪيئي ته لنڊو پئي اچي.

soorihsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(در ڪڙڪڻ جو آواز)

اختر — رات جو هيڏيءَ مهل وري ڪير آيو آهي... جي فرمايو!

پوڙهي — ابا رئيس سيف الله جو گهر هي آهي نه؟

اختر — اڙي ڏاڏي تون!

پوڙهي — ابا اختر آهين ڇا؟

اختر — ڇو ڏسڻ ۾ ڪونه ٿو اچان ڇا؟

پوڙهي — ابا نظر وڃي آهي گهٽ ٿي.

اختر — اچو اچو، اندر اچو. (در بند ٿيڻ جو آواز)

(ڇوڪريءَ جي ٽهڪن جو آواز)

اختر — هيءَ ڪير آهي؟

پوڙهي — ابا، هيءَ نازو آهي، ڪمونءَ جي ڌيءُ.

اختر — الين نتي ڇوين ته، تنهنجي پوٽي آهي. پر هيءَ ايترو ڪلي ڇو پئي؟

پوڙهي — هوش ڪر نازو، ڪو ايڏو کلبو آهي ڇا!

نازو — هو ڏس ڏاڏي، (کل جو آواز) هو ڏس.

پوڙهي — ڇا ڏسان، ڇري ته ڪونه ٿي آهين.

نازو — ڏس نه کهڙا پٽاپٽي ڪپڙا پايو بيٺو آهي.

اختر — سو ان ۾ کلڻ جي ڪهڙي ڳالهه آهي، هيءَ ته سليپنگ ڊريس آهي.

نازو — اها ڇا ٿيندي آهي؟

اختر — رات جو اهي ڪپڙا پائي سمهبو آهي.

نازو — هنه جهڙو پٽاپٽي ڳڏهه.

پوڙهي — (دڙڪو ڏيندي) نازو، ڪڏهن وات بند ٿيندءِ... ابا، بيوقوف آهي. هن جي ڳالهين کي دل ۾ نه ڪجانءِ.


Scanned with CamScanner

فضيلت سان ڪاڻ نازو. ڪا تڪڙ ڪانه پئي اٿئي....
سچو پٽ پٽ ڪري ڇڏيو اٿئي.

(موسيقي)

## [ڏيک ٻيو]

[موسيقي]

(صبح وارو ماحول ـ جهرڪين جو آواز)

بيگم صاحبه ـ مائي جنا، چڱو ڪيئي جو هاڻي آئين... نازو ته خاصي وڏي ٿي وئي آهي.

پوڙهي ـ ها جيجي. ڏيءُ وڌندي ڪا ويرم ٿي ڪانه ٿي لڳي.

بيگم ـ رات اڪيلا آيا آهيو؟

پوڙهي ـ جيجي، ڳلوءَ جو هو ڀاڻيءَ جو وارو ـ هتي پڌو اٿئون ته اکين جي ڪئمپ لڳي آهي، سو ڇوڪري ساڻ ڪري هلي آيس. سوير پهچي وڃان ها، پر بس وات تي خراب ٿي پئي هئي.

بيگم ـ خير... ڪو فڪر نه ڪجئين... اختر کي چوان ٿي ته توکي ڪئمپ ۾ داخل ڪرائي اچي.

پوڙهي ـ تنهنجا لک لائق جيجي. نازو هتي گهر جو ڪم ڪار ته پئي ڪندي، ڏاڍي سدوري آهي.

بيگم ـ گهر جي ڪم ڪار لاءِ گهڻا ئي نوڪر ۽ نوڪرائيون آهن، تون فڪر نه ڪر. نازو ڀلي هتي رهي پئي هجي. اسلم جي ڪا خبر ڪر.

پوڙهي ـ رئيس ننڍو ته شڪار تي ويل هئو.

بيگم ـ هن کي شڪار ۽ سير کان فرصت هجي ته ڪڏهن ماءُ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بيگم — نه، مون روڪي ڇڏيو هئو مانس . . . . آئون ڪمري ۾ ٿي وڃان . (قدمن جو آواز) .

پوڙهي — الله هميشه سکي رکيس، اسان غريبن جو هميشه خيال رکندي آهي .

نازو — هاڻي جلدي اچجو .

اختر — تون فڪر نه ڪر . هو ڏس، ميز تي فوٽن وارو ڪتاب پيو اٿئي، وڃي ڏس .

نازو — منهنجو به فوٽو ڪڍايو .

پوڙهي — هاڻ چوئين ٿي ته بڪ بند ڪر . ابا هل، دير نه ٿي وڃي .

نازو — هونه، . . . (چيڙن واري انداز ۾) ابا هل دير نه ٿي وڃي .

اختر — (ڪل جو آواز) ڏاڍي ڏنگي آهي .

(قدمن جو آواز آهستي آهستي دور ٿيندو تو وڃي)

## [ڏيک — ٽيو]

(صبح جو پکين جا آواز — ڪنهن شئي جو پٽ تي ڪرڻ جو آواز)

اختر — ڪير آهي . . . اڙي، تون هتي چا پئي ڪرين . آف . . . هي فريم پجي ڇڏيئي .

نازو — مون چاڻي واڻي ڪونه ڪيرايو آهي . . . پاڻهي ڪري پيو .

اختر — ها ها . . . اهو ته آئون به سمجهان ٿو ته توکي ڏسندي ئي ان فريم جو هانءُ ڦاٽي پيو . پر اهو ٻڌاءِ ته تون صبح ساڻ منهنجي ڪمري ۾ ڇا پئي ڪرين؟

soorihsindhiadab


Scanned with CamScanner

نازو — ڇو هتي صبح ساڻ اچڻ ڪو ڏوهه آهي ڇا؟

اختر — (ٿورو ڪاوڙجي) ٻهرين منهنجي ڳالهه، جو جواب ڏي، ڇو آئي آهين . . . !

نازو — (سڏڪا ڀريندي) معاف ڪري ڇڏيو . . . وري ڪانه ايندي س. معاف ڪري ڇڏيو.

(دڪڻ جو آواز)

اختر — عجيب ڇوڪري آهي! (در کلڻ جو آواز). ڪير، امان توهين . . . !

بيگم — ها پٽ . . . تنهنجي ڪمري مان آواز ٻڌم ته هلي آيس. ہر هيءَ نازو ڊوڙي ڇو نڪتي؟

اختر — ڪجهه به ڪونه هئو امان . . . . . هي فريم هٿن مان ڪري پيم.

بيگم — اڙي، هي ته ڇيهون ڇيهون ٿي ويو آهي . . . . سنڀالجئين ڪٿي پيرن ۾ شيشو نه لڳئي — آئون نوڪر کي ٿي وجي موڪليان ته اچي صاف ڪري.

اختر — نه نه امان . . . . ٻه ٽي شيشي جا پور آهن، آئون پاڻ ٿو صاف ڪريان.

بيگم — نه نه، شيشي کي هٿ نه لائجئين. آئون نوڪر کي موڪليان ٿي. (قدمن جو آواز)

اختر — (پنهنجي منهن) سچي فريم جو ڪارو منهن ٿي ويو. ڪيڏي نه شوق سان ٺهرايو هوم . . . سلمىٰ ڏسندي ته اها دل ۾ ڪندي. امان سوچيو هئو ته هن فريم جي هڪ پاسي منهنجي تصوير لڳندي ۽ ٻئي پاسي سلمىٰ جي — (قدمن جو آواز) ڪير . . . وري تون !


Scanned with CamScanner

پئي ته هٿ مان ڇڏائجي ويو. ڀلا هي خالي ڇو هئو.

اختر ــ انڪري جو اڇا هن ڪي پرنٽ لاء فوٽو تيار ڪونه ٿيا آهن.

نازو ــ فوٽو پيل هجنس ها ۽ پوء شيشو ڪري پوي ها ته.

اختر ــ ته پوء آئون تنهنجو مٿو به پچي ڇڏيان ها ــ سمجهئي!

نازو ــ ڇو، اهڙا قيمتي فوٽو آهن ڇا، جو تون منهنجو مٿو به پچي ڇڏين ها!

اختر ــ تو ڇا سمجهو آهي؟

نازو ــ اسان جي ڳوٺ ۾ ڇهين ڇهين مهني هڪڙو فوٽو ناهڻ وارو مشين کڻي ايندو آهي ۽ روپئي روپئي فوٽو ڪڍي ڏيندو آهي.

اختر ــ فوٽوء جي قيمت ڪا روپين سان هوندي آهي ڇا؟

نازو ــ ٻيو نه ته وري ڇا سان هوندي آهي؟

اختر ــ دل سان ــ چري، دل سان هوندي آهي.

نازو ــ دل سان فوٽن جو ڪهڙو واسطو؟

اختر ــ اهي ڳالهيون تنهنجي سمجه، کان مٿي آهن.

نازو ــ ڇو آئون ڪا بيوقوف آهيان!

اختر ــ انهيءَ ۾ ڪهڙو شڪ آهي...!

نازو ــ مون کي بيوقوف نه چوندو ڪر.

اختر ــ ڇو... ڇو نه چوان؟

نازو ــ ڇو جو آئون عقلمند، سلڇڻي ۽ سهڻي آهيان.

اختر ــ ۽ ڏاڏي جو تو کي بيوقوف، زبان دراز ۽ جاهل چوندي آهي!

نازو ــ اڙي، اها ته پيار مان چوندي آهي، اڪيلائيءَ ۾ پڇينس ته خبر پوندي...

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اختر – ڇگو بابا، هاڻ شيشا ڪٽي وڃ ... مون کي پيا به ڪم ڪرڻا آهن .

نازو – وڃان ٿي، وڃان ٿي، لوڏين ڇو ٿو؟ ڪو آئون پنهنجي مرضيءَ سان آئي آهيان ڇا! هونهه.... (در جو بند ٿيڻ ۽ موسيقيءَ جو آواز) .

اختر – صفا عقل ڪونهيس – (پنهنجي منهن ڳالهائڻ جو آواز) .

(موسيقي)

# [ڏيک چوٿون]

(ڪلب جو گڏيل آواز)

سلمىٰ - ڇا ڇي هاڻ اسان وڃون ٿا، ڏسو نه ڪيترو ٽائيم اچي ٿيو آهي؟

بيگم - ها پٽ پلي وڃو. مون کي هن سنڌن جي سور ماري وڌو آهي. ڪڏهن ٺيڪ ته ڪڏهن وري جن اچيو پويس نه ته آءٌ به توهان سان گڏ هلان ها.

اختر - آءٌ ته ڇوان ٿو امان هلي هل، موٽر ۾ سور ڇا ڪندو؟

بيگم - نه ابا، جيءَ خوش نه هجي ته ڪا ڳالهه ڪانه ٿي وڻي. توهين ٿي اچو.

اختر - ڇگو امان - هل سلمىٰ (قدمن جو آواز، در کلڻ ۽ بند ٿيڻ جو آواز).

بيگم - نازو، او نازو –

نازو - جي اچان پئي (ويجهو قدمن جو آواز) جي جيجي.

بيگم - ماڻيءَ ڏک ته پريو اچجئين .

(قدمن جو آواز)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نازو - هي وڏو ٿي پاڻي.

بيگم - ڇا ٿئي ڏسين؟

نازو - هيءُ ڪير هئي جيجي؟

بيگم - تو اڳي ڪانه ڏٺي آهي ڇا...؟

نازو - اونهون... مون ته اڳي ڪانه ڏٺي آهي.

بيگم - اها اسان جي عزيز آهي، اختر سان گڏ فلم تي وڃي ٿي.

نازو - (کلي ٿي) ته جيجي اها اختر سان گڏ کيل تي ٿي وڃي!

بيگم - ها- تو ڪڏهن کيل ڏٺو آهي...؟

نازو - اونهون... ڏاڏي نه ٿي ڏسڻ ڏي.

بيگم - هنن سان گڏ ويندينءَ؟

نازو - نه.

بيگم - چڱو تون پلي وڃ، ڏاڏهين جون اکيون ٺن چئن ڏينهن ۾ ٺيڪ ٿي وينديون.

نازو - آءٌ ڏاڏيءَ کي ڏسڻ وڃان؟

بيگم - اختر کي چوندس ته وٺي وڃنئي.

نازو - نه آءٌ پاڻهي ويندس، ويجهي ته اسپتال آهي.

بيگم - تنهنجي مرضي پر اچجئين جلدي.

نازو - ها. (قدمن جو آواز)

بيگم - ڏاڍي هنيلي ڇوڪري آهي.

(موسيقي)


Scanned with CamScanner

# [ڏيک پنجون]

(قدمن جو آواز)

بيگم — اختر، سلميٰ کي ڇڏي آئين؟

اختر — ها امان، ڏاڍي مزيدار فلم هئي، توهين هلو ها...
سچ پچ ڏاڍو مزو اچيو ها.

بيگم — پٽ، هاڻ اسين وهي ڪائي چڙهيا آهيون، پر ها....
پڻ نازو آئي؟

اختر — ڇو، (حيرت مان) نازو ڪيڏانهن وئي آهي؟

بيگم — توهان جي وڃڻ کان پوءِ هوءِ به ڏاڏيس ڏانهن هلي
وئي هئي.

اختر — اڪيلي...! توهان هن کي اڪيلو ڇو ڇڏيو امان؟

بيگم — ابا، ڇيائين تي ته ڪيس رستي جي خبر آهي.

اختر — اڪيلو نه موڪليوس ها امان، آخر هوءَ اسان وٽ نئي
تڪيل آهي...

بيگم — ها پٽ، چوين سچ ٿو. جوان ڌيءَ آهي، وقت ۾ رهيو
ڪونهي... خدا خير ڪري... تون وڃينس ته سهي.

اختر — هاڻي ڪٿي وڃي ڳوليانس — اسپتال کان اسان جي گهر
ڏانهن ڪو هڪ رستو ته ڪونه ٿو اچي. خبر نه آهي ته
ڪهڙي رستي تان وئي هوندي، امان توهان هن کي اڪيلو
نه ڇڏيو ها!

بيگم — ڏس متان اسپتال ۾ دير تي وئي هجيس. هاڻ ٽيڻ ڪي
ته ٿي چڪو... جلدي وڃ.

اختر — چڱو امان وڃانس ٿو ڏسڻ.

soorihsindhiadab


Scanned with CamScanner

# [ڏيک ڇهون]

(صبح جو پکين جو آواز)

اختر ــ (اوباسي ڏيندي) شڪر آهي جو اڄ ننا ڪنهن ڪڙڪي ڇي اک کلي اٿم : دريءَ کان ٻاهر ڪيڏو نه مٺو نظارو آهي . . . اڙي هيءَ لان تي نازو اڪيلي ڇو ويٺي آهي! . . . . شايد روئي پئي . ڏسانس ته سهي ــ (قدمن جا آواز ــ ڏاڪڻ تان لهڻ جا آواز) .

اختر ــ نازو.....!

نازو ــ هونهه .

اختر ــ هتي اڪيلي ڇو ويٺي آهين .

نازو ــ مون ته اڳ ئي چيو ته مون کي ڏاڏيءَ وٽ موڪلي ڇڏيو .

اختر ــ منهنجو مطلب اهو ٿورو ئي هئو، منهنجو مطلب هو ته . . .

نازو ــ تنهنجو مون سان ڪهڙو مطلب؟

اختر ــ ايڏي ڪاوڙ . . . آخر ڳالهه ڇا آهي!

نازو ــ آئون ڇو ڪاوڙبس . مون کي ته اها حيرت آهي ته شهر آهس ڇو! اتي ئي ڳوٺ ۾ ويٺي هجان ها .

اختر ــ ڇو شهر ڪونه وڻيئي ڇا؟

نازو ــ شهر ڏئو ڪنهن‌آهي جو شهر وڻي! .... گهر کان ڏاڏيءَ واري اسپتال تائين ته رڳو رستو آهي ، شهر ته مون ڪٿي ڪونه ڏٺو.

اختر ــ (کلندي) چريءِ اهو ئي ته شهر آهي .

نازو ــ ها، اهو شهر آهي! ٻاهه لڳي اهڙي شهر کي. آئون ته پنهنجي ڳوٺ ۾ ئي چڱي هيس .


Scanned with CamScanner

اختر- هل ته ڪڏهن توکي شهر گهمايان.

نازو- مون کي ڇا جي لاءِ گهمائيندين؟

اختر- ڇو تون انسان ناهين ڇا؟

نازو- پر تنهنجي مٽ ته ناهيان.

اختر- الائجي ڇا پئي چوين؟ ڪجهه سمجهين ٿي ته ڳالهائي‌ن ڇا پئي؟

نازو- منهنجو ڳالهائڻ سمجهه ۾ نٿو اچنئي ته پوءِ ڳالهائين ڇو ٿو؟

اختر- عجيب ڇوڪري آهين، هر وقت نڪ تي ڪاوڙ رکي اٿئي.

نازو- ڀلا منهنجي جان ڇو نه ٿو ڇڏين، مون ته تنهنجي ڪمري ۾ اچڻ ئي ڇڏي ڏنو.

اختر- مون روڪيو هئو مئين ڇا؟

نازو- ڀيو نه ته وري ڪنهن روڪيو هو!

اختر- مون ته ڇيو هئو ته رڳو هر ڇر نه ڪندي ڪر.

نازو- ته ڀلي اچان... (خوشيءَ مان) هان!

اختر- ها ها، توکي ڪنهن روڪيو آهي. هاڻ ته اٿي اندر هل.

نازو ـ هل... هل... مون کي فوٽن وارو ڪتاب ڏيکار.
(قدمن جو آواز)

اختر- امان پئي اچي.

بيگم - صبح ساڻ ڪٿان پيا اچو؟

اختر- امان، نازو اڪيلي ڪمري ۾ منجهي پئي آهي، سو لان ۾ وٺي هئس.

بيگم - ڇو امان ايڏي ڪک ٿي آهين ڇا؟

نازو- نه جيجي آئون ته صبح جي ٿڌي هير کائڻ وٺي هئس.

بيگم - اختر، نازو پنهنجي ڳوٺ جي ڇوڪري آهي. هن جي

## [ڏيڪ سنون]

( صبح جو وقت )

اختر- اڄ نازو، اڙي ويھ، نہ!

نازو- ڊپ ٿو لڳيم تہ ڪٿي دڙڪا نہ کان!

اختر- حرڪت ڪندينءَ تہ دڙڪا نہ کائيندينءَ؟

نازو- ھي شيشو نئون ورتو؟

اختر- ھا. ڪالھہ ئي وڃي بازار مان نئون وٺي آيس.

نازو- پوءِ انھيءَ لاءِ تہ مون کي دڙڪا ڏنو. انھيءَ ڏينھن تہ ائين ٿي لڳو ڄڻ اھو وري ڪونہ ٿيندو!

اختر- ھاڻ ڇڏ اھي ڳالھيون. تون ٻڌاءِ تہ ڳوٺ ۾ خوش ھئينءَ يا ھتي؟

نازو- (کلندي) ظاھر آھي تہ ڳوٺ ۾ وڌيڪ خوش ھوندي ھئس.

اختر- ڇو، ڳوٺ ۾ ڪھڙي خاص ڳالھہ ھئي؟

نازو- (کلندي) ڇين ڇو ٿو، اڙي اھو منھنجو ڳوٺ آھي، اتي بابا آھي ۽ منھنجون ساھيڙيون آھن.

اختر- امان پئي چيو تہ تنھنجي شادي ٿيڻ واري آھي؟

نازو- ھون.

اختر- ڇو، ماٺ ٿي وئينءَ ٻڌاءِ نہ!

نازو- شادي ڪندو منھنجو موچڙو.

اختر- سو وري ڇو؟

نازو- ڇو بہ ڇو!

اختر- وري بہ ٻڌاءِ ڪٿي، مون کان ڇو ٿي لڪائين؟

نازو- ڀلا تون ٻڌاءِ، آئون شڪل جي ڪيئن آھيان؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اختر - چوين ٿا پيئي، آئون به ته سمجهان!

سلميٰ - ايترو پولو پالو نه ٿي، ٿا مون کي خدا اکيون ڪو نه ڏنيون آهن؟

اختر- سلميٰ ذهن ڪانسواءِ اکيون کهڙي ڪم جون، ڪجهه دماغ کان ڪم وٺ.

سلميٰ - اج ئي ته دماغ کان ڪم ورتو اٿم.

اختر - ڇ هيستائين؟

سلميٰ - هيستائين دل کان ڪم وٺندي هيس.

اختر - تون غلط ٿي سمجهين سلميٰ.

سلميٰ - جي آئون غلط آهيان ته پوءِ اهو ٻڌاءِ ته هيءَ ڇوڪري هتي ڇو رهي پئي آهي؟

اختر - توکي خبر آهي ته هن جي ڏاڏي بيمار آهي. اکين جي ڪئمپ ۾ آپريشن ڪرايو اٿس، ٻن چئن ڏينهن ۾ ٺيڪ ٿيندي ته هيءَ هلي ويندي.

سلميٰ - ڇ اوستائين تون هن سان دل وندرائيندو رهندين!

اختر - هوش ڪر سلميٰ، ڪنهن معصوم تي اهڙا الزام نه مڙهه.

سلميٰ - معصوم، نا سمجهه هنر . . . . نا سمجهه ته آئون آهيان.

اختر - ڀلا هرو ڀرو وڙهڻو اٿئي ڇا؟

سلميٰ - مون کي ڪهڙي ڇتي ڪتي ڪاٽو آهي جو توسان وڙهنديس.

اختر - ـ ڀلا وڃ، ته سهي.

سلميٰ- وهار وڃي هن لاڏلي کي، آئون وڃان پئي. (قدمن جو آواز)

اختر - سلميٰ . . . سلميٰ . . . ترس سلميٰ-

سلميٰ. مري وئي سلميٰ! مون سان تنهنجو ڪهڙو واسطو ڪونهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اختر - پڇتائيندينءَ سلميٰ.

سلميٰ - پرواهه ناهي.

اختر - هڪ غلط فهميءَ جي ڪري بس اڪيون ڦيرائي ڇڏيون اٿئي.

سلميٰ - اکيون ڪوليون اٿم چئه. خدا حافظ.

( در زور سان بند ٿيڻ جو آواز )

( موسيقي )

•••• 

## [ڏيک - اٺون]

بيگم - اختر تون ڪجهه خاموش پيو ڏسجين؟

اختر - ڪا ڳالهه ڪانهي امان.

بيگم - پٽ، ماءُ کان ڪهڙي ٿو لڪائي سگهين، تنهنجو چهرو چئه غم جو آئينو بڻجي ويو آهي.

اختر - مون چيو نه امان ته ڪا خاص ڳالهه ڪانهي.

بيگم - مون کان لڪائين ٿو پٽ، توهان جي پيءُ جي وفات کان پوءِ مون توهان کي ماءُ نه بلڪ پيءُ بڻجي نپايو آهي... هر ڏک سک ۾ توهان سان گڏ رهي آهيان... ڇا تون مون کي پنهنجو ڏک ڪونه ٻڌائيندين.

اختر - سلميٰ ڪاوڙجي وئي آهي امان.

بيگم - (حيرت مان) ڇو؟ ڇو ڪاوڙجي وئي آهي!

اختر - خبر ناهي.

بيگم - ته پوءِ وڃي پرچائي اچينس.

اختر - نه امان، هوءَ ڪانه پرچندي.

soorihsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بيگم - ته، پوءِ آئون ٿي فون ڪريانس.

اختر - نه، امان توهين تڪليف نه ڪريو.

بيگم- نڪو ٿــو هيئن ڪرڻ نڪو هونئن. آخر چاهين ڇا ٿو!

اختر- ڇڱو آئون پاڻ ٿو هليو وڃان.

بيگم - ها پٽ، توهان کي ته زندگي ڪڏ گذارڻي آهي ۽ ها!
پڻ اڄ پاڻين اچي پيو.

اختر- ادا اچي پيو، پر ڪنهن ٻڌايو.

بيگم - ڪمدار آيو هئو ڪم سان شهر، سو ٻڌائي ويو... هو اڄ
اچي پيو... خبر ناهي وري ڪهڙو زهر اچي هاريندو... هو
ته منهنجي حياتيءَ لاءِ ناسور بڻجي چڪو آهي.

اختر- توهين فڪرمند نه ٿيو امان، ادا هاڻ بدلجي چڪو هوندو.
آخر هو ڪو ٻار ته ڪونهي!

بيگم - ابا پڪن گهڙن ڪڏهن ڪنا پيا! بهرحال تون به جلدي
اچي وڃجانءِ.

اختر- آئون ڪلاڪ کن ۾ اچان ٿو.

بيگم - چاچهين کي منهنجا سلام ڏجئين ۽ ٻڌائجينس ته مون سلمي
لاءِ هڪ نئون سيٽ ٺهرايو آهي، جوي ته ڏياري موڪليانس.

اختر- حاضر امان.

(قدمن جو آواز)

(موسيقي)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# [ڏيک ناٿون]

( در تي ٺڪ ٺڪ جو آواز )

سلميٰ - ڪير آهي!

(در کولڻ جو آواز)

اختر - آئون آهيان سلميٰ. ڪمري ۾ بند ٿيو ڇو ويٺي آهين؟

سلميٰ - اهو منهنجو ذاتي مسئلو آهي.

اختر - منهنجي باري ۾ ڇا خيال آهي؟ آئون به ته تنهنجو ذاتي مسئلو آهيان.

سلميٰ - توسان منهنجو ڪهڙو واسطو؟

اختر - ناهي ته ٿي ويندو.

سلميٰ - مشڪل آهي.

اختر - ڀلا معمولي ڳالهه، تان ايتري ڪاوڙ ڪبي آهي ڇا؟

سلميٰ - اها ڳالهه تنهنجي نظر ۾ معمولي آهي باقي هڪ عورت لاءِ زندگي ۽ موت جو سوال آهي.

اختر - پر ڪا ڳالهه به هجي نه!

سلميٰ - (رڙ ڪري) هڪ نوجوان ڇوڪريءَ کي پنهنجي ڪمري ۾ وهاريو ويٺو آهين ۽ چوين ٿو ته ڪا ڳالهه به هجي نه!

اختر - اڙي پر هوءَ ته پنهنجي ڏاڏيءَ جي اکين جي آپريشن لاءِ آئي آهي.

سلميٰ - اهي به سڀ بهانا آهن، آئــون هاڻ سڀ سمجهي وئي آهيان. آئون ڪا بيوقوف ناهيان.

اختر - جي اهو سڀ هجي ها ته آئون هتي ڇو اچان ها! مون کي

sooriHsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

کھڙي پئي ھئي جو ھرو ڀرو توکي منٿون ڪريان ھا!

سلميٰ- مون کي کھڙي خبر!

اختر- تون سمجھين ٿي ته مون کي تنھنجي دولت سان پيار آھي.

سلميٰ- مون اھو ته ڪونه چيو.

اختر- تون چوين نه چوين، آئون چڱي طرح سمجھان ٿو. آئون ڪو ٻڪيو پينگيو ڪونه آھيان، سمجھئي، جي توکي مون سان جان ڇڏائڻي آھي ته پوء بھانا ڳولھڻ جي کھڙي ضرورت آھي، سڌو سنئون چو نه ٿي چوين ته . . .

سلميٰ- اھو فيصلو منھنجو ڪونه ھئو، تنھنجي پيءُ ۽ منھنجي پيءُ ڪيو ھو.

اختر- مون کي انھيءَ کي ٽوڙڻ ۾ ڪو اعتراض ڪونھي.

سلميٰ- تون اھو رشتو ٽوڙڻ ٿو چاھين؟

اختر- (رڙ ڪري) آئون . . . آئون ٽوڙڻ ٿو چاھيان، تڏھن ھتي ھلي آيو آھيان!

سلميٰ- پوء چوين ڇو پيو؟

اختر- تون پئي چوين.

سلميٰ- آئون ته ڪاوڙ ۾ ھئس.

اختر- ھاڻ ته لھي ولئي نه؟

سلميٰ- نه.

اختر- ڇو ھاڻ وري ڇا ٿيو؟

سلميٰ- تون ته مون سان رشتو ٽوڙڻ لاء تيار آھين نه.

اختر- ڏس سلميٰ تون ھڪ پڙھيل ماڊرن ڇوڪري آھين توکي اھي ننڍيون ننڍيون ڳالھيون نه سوچڻ گھرجن.

سلميٰ - پلا وري ته هن سان ڳالهيون ڪونه ڪنديون.

اختر - هوءِ اسان جي هاريءَ جي ڌيءَ آهي، جي هن سان نه ڳالهائيندس ته ڪوٺ ۾ وڃي ڇا چوندي!

سلميٰ - ڇا ٿو چوين، واعدو ڪريو ته هن سان ڪونه ڳالهائيندؤ.

اختر - اجايون ڳالهيون نه ڪر.

سلميٰ - ته ڇٿو مون سان نه ڳالهايو.

اختر - وري ساڳيون ڳالهيون.

سلميٰ - بس وڃو وڃو. مون سان ملڻ جي ڪا به ضرورت ڪانهي.

اختر - آئون وڃان ٿو سلميٰ، مون کي پڪ ٿي وئي آهي ته تون مون کي ڇڏڻ ٿي چاهين.

سلميٰ - پنهنجا ڪرتوت ڪونه ٿا ڏسو.

اختر - وري ساڳي ڳالهه. ڇٿو (ڪاوڙ واري انداز ۾) خدا حافظ.

( قدمن جو آواز )

سلميٰ - (سڏ ڪري) اختر.

اختر - هنه.

سلميٰ - ڪيڏانهن ٿو وڃين.

اختر - گهر.

سلميٰ - مون کي وٺي ڪونه هلندين.

اختر - (خوشيءَ مان) تون هلندينءَ!

سلميٰ - هاڻ ته خوش ٿي ويئو نه.

اختر - توتي ڪهڙو ڀروسو، هل.

( ٻنهي جي ڪلڻ جو آواز )

جلدي هل متان خيال نه بدلائين.

( موسيقي )

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# [ڏيک ــ ڍهون]

اسلم ـ امان تون خوامخواه ناراض آهين . مون ۾ ته سڀ خراب عادتون ڇڏي ڏنيون آهن.

بيگم ـ ( ٿڌو ساهه ڀري ) ابا، تنهنجو پيءُ وفات ڪري ويو ته به مون توهان ٻن پٽن کي ڏسي پٺي ساهه کنيو — تون ننڍڙو ته ڪو نه آهين، پڙهئين ڪو نه ته ڏنڊو سنڀالين ها — ڏنڊو سڄو تباهه ٿي ويو . هاڻ ٻنين تي ويو آهين ته سال ڪان فصل مڙئي گهٽجڻ لڳو آهي .

اسلم ـ امان ان ۾ منهنجو ڪهڙو قصور، ٻوڏ، طوفان، سوڪڙ مطلب ته اهي قدرتي آفتون آهن. انهن آڏون ڇا ڪريان ـ

بيگم ـ ابا، تون ته رڳو شڪار ڪر، توکي ڪهڙو فڪر .

اسلم ـ امان اهي ڳالهيون ڪنهن دشمن توهان کي ٻڌايون آهن.

بيگم ـ دشمن ته تون پنهنجو پاڻ آهين، بس ابا منهنجو نصيب ـ پٽي کي ڪهڙو ڏوهه ڏجي.

اسلم ـ (ڪاوڙ ۾) ته پوءِ اختر کي ڪٽي ٻنين تي موڪليو نه ـ

بيگم ـ هن ڊاڪٽري پاس ڪئي آهي ، سو هاڻ ڪيئن ٻنيون سنڀاليندو .

اسلم ــ پوءِ مقاطع تي ڪٽي ڏيو .

بيگم ــ مطلب ته تون گهر ۾ ويهي ڪاليندين؟

اسلم ــ ڏسو امان ، هونئن به توهين ٿا چئو ، وري جي آئون ٿو چوان ته ان جي مخالفت به توهين ٿا ڪريو .

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بيگم — تنهنجي مرضي ابا، آئون ته پريشان ٿي ويئي آهيان. هاڻ تون هٿ منهن ڌوءُ ته آئون ماني ڪڍايان.

(قدمن جو آواز — در کلڻ جو آواز)

اسلم — اڙي ڪير، نازو! تون هتي؟

نازو — رئيس تون!

اسلم — واهه ڙي قدرت واهه، مون ته ٻڌو هئو ته تون ڪنهن اسپتال ۾ هئينءَ!

نازو — ڏاڏي اسپتال ۾ آهي، آئون ته هتي ٽڪيل آهيان.

اسلم — واهه جي ملاقات ٿي آهي.

نازو — منهنجي ويجهو نه اچو.

اسلم — ڇو، آئون ڪو ڀوت آهيان يا ڪو جنڙو!

نازو — رئيس، آئون چوانءِ ٿي ته منهنجي ويجهو نه اچ.

اسلم — هي منهنجو ئي گهر آهي، ڏسان ته توکي ڪير ٿو ڇڏائي.

نازو — هئو.... مون ڪان ڀري هئو، (رڙ ڪري) مون ڪان پري هئو.

اختر — (در کلڻ جو آواز) ادا!

اسلم — ڇا آهي؟

اختر — هوش ڪريو ادا! پنهنجي گهر جي عزت جو به ته خيال ڪريو.

اسلم — گهر رکو تنهنجو ڪونهي، جو تون ئي عيش ڪرين.

اختر — نازوءَ جو هٿ ڇڏيو.... آئون چوان ٿو ته نازوءَ جو هٿ ڇڏي ڏيو.

اسلم — همت اٿئي ته هٿ ڇڏاءِ. (زور ڏيڻ جا آواز)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سلميٰ — چاچي توهان دل نہ لاهيو.

اختر — امان ڳالهہ ڪي نہ پڇيو، آئون جذبات کان مجبور ٿي ويس،
ادا نازوءَ جي ٻانهن نٿي ڇڏي.

بيگم — ڳالهہ ڪي نہ پڇيان! جوان پٽ هڪڙي ڇوڪريءَ ۾ هٿ
وجهيو بيٺا هجن ۽ آئون خاموش ٿي ويهي ڏسان!

سلميٰ — جيڪڏهن ادا اسلم ڪٿي نازوءَ جي ٻانهن جهلي بہ هئي
تہ ڇا ٿيو؟ هوءَ هڪ هاريءَ جي ڌيءَ آهي، ڪا نوابزادي
تہ ڪانهي!

اختر — (رڙ ڪري) ڇا هاريءَ جي ڌيءَ جي ڪا بہ عزت ڪانهي!
ڇا عزت صرف نوابن جي ڌيئرن جي ٿيندي آهي؟ خبردار!
جو هڪ لفظ بہ وڌيڪ ڪڇيو آهين، هوءَ هن گهر ۾
امانت آهي، هڪ معصوم امانت.

بيگم — هل پٽ سلميٰ، اندر هل، منهنجو تہ هاڻ هانءُ پيو ٻڏي.

سلميٰ — ها، چاچي هلو، اندر هلو.

اختر — آف خدايا، هي ڇا آهي — هن معصوم ڇوڪريءَ کان
ڪهڙو بدلو ورتو پيو وڃي؟ هن جو ڏوهہ ڪهڙو آهي —
ڇا هوءَ غريب آهي، تنهنڪري هرڪو هن جو دشمن
ٿي پيو آهي — آف...

(موسيقي)

soorihsindhiadab


Scanned with CamScanner

# [ڏيک ـــ يارهون]

بيگم ـــ بيوقوفيءَ جون ڳالهيون نہ ڪر سلميٰ.

سلميٰ ـــ چاچي، مون سوچي سمجهي فيصلو ڪيو آهي.

بيگم ـــ ليڪن اهو تہ سوچ تہ تنهنجي هن فيصلي مان نہ صرف
ٻہ زندگيون تباهہ ٿينديون، بلڪ ٻن خاندانن جي قديم
دوستيءَ تي بہ اثر پوندو.

سلميٰ ـــ چاچي آئون مجبور آهيان، ڏني واڻي مک ڪير ڳهندو.

بيگم ـــ ليڪن مون کي پڪ آهي تہ توکي غلط فهمي ٿي آهي.

سلميٰ ـــ مون کي غلط فهمي ڪانہ ٿي آهي. مون پنهنجي اکين
سان ڏٺو آهي.

بيگم ـــ تو آخر ڇا ڏٺو آهي؟

سلميٰ ـــ توهان اٿڻ ويهڻ جي ڪوشش ڇو پيا ڪريو؟ (تيزيءَ
سان) اختر توهان جي سامهون پنهنجي وڏي ڀاءُ جو لحاظ
بہ ڪونہ ڪيو.

بيگم ـــ ليڪن، اهو تہ هن پنهنجي گهر ۾ آيل مهمان جي عزت
بچائڻ لاءِ ڪيو هئو.

سلميٰ ـــ تہ معنيٰ توهان بہ هن جي حمايت ٿا ڪريو.

بيگم ـــ سلميٰ، اهو نہ وسار تہ اسان ڳوٺن مان شهرن ۾ آيا آهيون،
اسان جي تهذيب جون پاڙون ڳوٺن جي معصوم ۽ پاڪ
فضا ۾ کُتل آهن. نازو اسان جي هاريءَ جي ڌيءَ سهي،
پر هن جي لڄ اسان جي لڄ آهي، جنهن سان ڪيڏڻ جو
ڪنهن کي بہ حق ڪونهي. اختر بہ پياءُ سان نہ، پر لڄ
لٽيري سان منهن اٽڪايو هئو ـــ خدا بخشي اختر جي مرحوم
پيءُ کي، جيڪڏهن هو جيئرو هجي ها، تہ اسلم کي گولي
هڻندي بہ ويرم نہ ڪري ها!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سلميٰ — توهان بيشڪ ائين سمجهو، پر مون کي پڪ آهي تہ اختر جو هن سان پيار آهي.
بيگم — ٻاراڻي ڳالهہ، ٻہ ڏينهن ۾ ويندي هلي. هن جهڙي ڏاڏي اڄ سيان ۾ ايندي ۽ ٻہ هوء هتان هلي ويندي.
سلميٰ — چاچي، اختر ٻدلجي ويو آهي.
بيگم — نہ، توکي غلط فهمي ٿي آهي. تون وري ملي آهينس.
سلميٰ — نہ.
بيگم — ڪالهہ تنهنجي گهر ٻہ تہ آيو هو.
سلميٰ — ها.
بيگم — تہ ڇا تنهنجي مرضي آهي تہ تون اختر سان شادي نہ ڪرين! ڇا اها ڳالهہ عقل جي آهي؟
سلميٰ — جيئن ٻہ هجي چاچي، پر مون کي پنهنجي زندگيءَ جي باري ۾ فيصلو ڪرڻ جو پورو پورو اختيار آهي.
بيگم — آئون هڪ ڀيرو اختر سان تہ ڳالهائي وٺان.
سلميٰ — توهان جي مرضي، پر مون کي پڪ آهي تہ ورندو ڪجهہ بہ ڪونہ.
بيگم — ڀلا هل تہ سهي اختر جي ڪمري ۾، هڪ ڀيرو تہ ڳالهائي ڏسينس — اهڙا فيصلا ايتري جذباتي انداز ۾ ڪونہ ڪبا آهن.

(قدمن جو آواز)

[ موسيقي ]


Scanned with CamScanner

# [ ڏيک ـــــ ٻارهون ]

اختر ـــ نازو، ڏهه دفعا سڏيو اٿم، تڏهن مس آئي آهين.

نازو ـــ مون ۾ ڪهڙو ڪم اٿئي؟

اختر ـــ ٻه ٽي هزار روپيا اڌارا وٺڻا اٿم.

نازو ـــ (کِل جو آواز) مون وٽ ته ٻه ٽي ٽڪا به ڪونهن.

اختر ـــ شڪر آهي، کِلئين ته سهي.

نازو ـــ تنهنجو منهنجي کِل سان ڇا!

اختر ـــ ادا واري ڪاوڙ اڃا ڪانه لٿي اٿئي؟

نازو ـــ مون کي ڪاوڙ آهي ئي ڪانه. اسين غريب اهڙين معمولي بيعزتين تي هريا پيا آهيون.

اختر ـــ ائين نه چئه نازو، غريب بيعزتيءَ جي قابل ڪونهي. جيڪي ائين سوچين ٿا سي انسان نه پر حيوان آهن. تون اهو ٻڌاء ته تون ڪاوڙي ڇو آهين؟

نازو ـــ مون ڇيو نه، ته آئون ڪانه ڪاوڙي آهيان.

اختر ـــ تڏهن هيترا ڏينهن مون سان ڳالهايئه به ڪونه.

نازو ـــ آئون ڏاڏيءَ جي فڪر ۾ هيس.

اختر ـــ تون پنهنجي ڏاڏيءَ کي ڏاڍو پيائيندي آهين!

نازو ـــ اها به ڪا پڇڻ جي ڳالهه آهي، هن مون کي نپايو آهي ۽ چوندا آهن ته نيپاج ڄم کان وڌيڪ پيارو ٿيندو آهي.

اختر ـــ ته پوءِ توکي ڏاڏيءَ جو قسم، پلا هاڻ ٻڌاء ته تون ڇو ڪاوڙي آهين؟

نازو ـــ آئون تو سان ڪاوڙي آهيان.

اختر ـــ پر آئون ته تنهنجي لاءِ وڙهيو هئس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نازو ــ ته ڇا ٿيو.

اختر ــ تنهنجو پاسو ڪنيم ته اها ڪا ڳالهه ئي ڪانه ٿي، باقي ڪاوڙجڻ ڇا تان ــ ها، ته پوءِ پڪ سلمىٰ جي ڳالهين تان ڪاوڙي هونديءَ.

نازو ــ هن جي ڳالهين تان ڪاوڙجي منهنجو پادر!

اختر ــ ته پوءِ ٻڌاءِ نه، ته ڇا تان ڪاوڙي آهين؟

نازو ــ تون هن سان گڏ ڪليو ڪليو ڪٿان پئي آئين!

اختر ــ اڙي ــ اڙي ڇوري، هوءَ منهنجي مڱ آهي.

نازو ــ (هلڪي موسيقيءَ اداسيءَ جو انداز) تو مون کي پهرين ته ڪونه ٻڌايو هئو!

اختر ــ مون ڀانيو هو ته توکي خبر هوندي.

نازو ــ سچ ٿا چئو ــ مون کي اها خبر هجڻ گهرجي ها.

اختر ــ تون اداس ڇو ٿي وئينءَ؟

نازو ــ آئون اداس ڇو ٿيندس، نه نه آئون اداس ناهيان.

اختر ــ منهن مان ته ائين پيو لڳي.

نازو ــ منهن هميشه سچ ٿورو ئي ڳالهائيندا آهن.

اختر ــ واهه، فلاسافرن واريون ڳالهيون شروع ڪري ڏنئي!

نازو ــ خبر ناهي، ڏاڏي اڃا تائين ڇو ڪونه آئي آهي.

اختر ــ نازو!

نازو ــ هونهه....

اختر ــ خبر اٿئي ته انهيءَ ڏينهن کان پوءِ سلمىٰ ٻه مون سان ڪانه ملي آهي.

نازو ــ پوءِ توهان ته ڏاڍا بيچين هوندا.

soorihsindhiadab


Scanned with CamScanner

اختر — ٻڌڻ وري ڇا جو، پر عجب ضرور ٿو لڳيم، آخر ته سالن جو ساٿ آهي!

نازو — سچ ٿا چئو، (آهستي) مون کي ته صرف چند گهڙين تي لئي ڪيڏو مانُ هئو!

اختر — ڇا چيئي؟

نازو — هر ڳالهه وري ٻڌائڻ جي ڪانه هوندي آهي.

اختر — اڄ ته تنهنجون ڳالهيون عجيب پيون لڳن.

نازو — مون کي پاڻ به عجيب پيون لڳن.

اختر — آخر ڇو؟

نازو — اها ته خبر ڪانه اٿم، پر اڄ مون کي پنهنجو ڳوٺ ڏاڍو ياد پيو اچي، دل چوي پئي ته ٻار جو رٻنگٽ ٻڌان، جهار هڪلڻ وارن جي "هو هو" ٻڌان. ڏاڏيءَ کي چوان ته آئون کوهه تي پڻو ڏيڻ تي وڃان ۽ هوءَ مون کي پرچائي ۽ منٿون ڪري (سڏڪن جو آواز)، اڄ شهر جي هوا ڪائڻ پئي اچيم.

اختر — اهڙي ڪهڙي ڳالهه ٿي آهي، جو ايتري مايوس ٿي ويئي آهين؟

نازو — تو کي ڪهڙي خبر، تون ته پنهنجي سالن جي قائم ڪيل ساٿ جو خيال ڪر!

اختر — نازو، اڄ هل ته تو کي شهر گهمايان.

نازو — مون کي شهر گهمڻ جي ڪا آرزو ڪانهي.

اختر — ڀلا ڳوٺ ويندينءَ ته اسان کي ياد ڪندينءَ؟

نازو — اها به ڪا پڇڻ جي ڳالهه آهي!

اختر — ڀلا ٻڌاءِ، تو کي سڀ کان وڌيڪ ڪير ياد ايندو؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نازو ــ ڳوٺ وڃان ته خبر پوي .

اختر ــ ڀلا تون وري گهمڻ ايندين؟

نازو ــ وچڻ وارا اڃ ڪڏهن آيا آهن؟

اختر ــ اُبتا جواب ته نه ڏي .

نازو ــ سوال اُبتا هوندا ته جواب به اُبتا ملندا .

اختر ــ ڏاڍيون عقلمندن واريون ڳالهيون پئي ڪرين .

نازو ــ ڪجهه ڏينهن عقلمندن ۾ جو رهي آهيان .

اختر ــ هاڻ ڪاوڙ ڇڏ ــ ڪلهه ٺهڪ ڏي، مون کي تنهنجي ته چڀا، پر ڪنهن به غريب جي منهن تي ڏک ڏسڻ جي همت ڪانه آهي .

نازو ــ ڏاڍي همدردي اٿوَ غريبن سان! توهان جي مرضي آهي ته آئون کلان، ٺهڪ ڏيان!

اختر ــ ها!

نازو ــ (زور زور سان ٺهڪ ڏيڻ جا آواز ).

اختر ــ نازو، نازو، ڇا ٿي ويئي؟

نازو ــ (کلندي) ڇو، منهنجا ٺهڪ به برداشت ڪري نٿا سگهو ــ اهڙين شين جي گهر ڇو ٿا ڪريو، جيڪي برداشت ڪان به ٻاهر هجن . (هينئر نازوءَ جو آواز ڏک وارو آهي ۽ ٺهڪ به ڏک ڳاڏڙ آهن) .

بيگم ــ (در کلڻ جو آواز) ڇا، ته هتي هي ڊراما پيا ٿين!

سلميٰ ــ چاچي، مون ڇا چيو هئو!

اختر ــ امي! اچو .

بيگم ــ تون خاموش رهه ــ نازو، تون هيڏانهن اچ، ڏائڻ، توکي ڪاڻڻ لاءِ منهنجو ئي گهر مليو هئو؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نازو ـــ جيجي . . . . جيجي . . . .

بيگم ـــ جيجيءَ جي ٻچي ! هيڏانهن اچ تہ تنهنجي منڊي ٿـي مروڙيان ! ڪم ظرف، ڪم ذات، واقعي جُتي هميشه پيرن ۾ ئي ٺهندي آهي ! هيڏانهن اچ ، (مارڻ جو آواز، نازوءَ جا سڏڪا)، نڪر هن گهر مان . . . . هن ئي وقت نڪر ، ذليل، ڪميڻي ، نڪر ٻاهر . . . . (ڌڪو ڏيڻ جو آواز ، در بند ٿيڻ جو آواز)، ٽون ڇا پيو ڪرين ـــ اختر ... (ڪنهن شئي جو زور سان ڪرڻ جو آواز) اڙي . . . اختر !

سلميٰ ـــ اختر بيهوش ٿي ويو .

بيگم ـــ اختر ... اختر ... جلدي ڪري ڊاڪٽر کي گهرايو ـــ سلميٰ جلدي ڪر . . . . منهنجي پٽ کي الائجي ڇا ٿـي ويو . الائجي ڏائڻ ڪهڙو جادو ڪري ويس ! جلدي ڪر ، ڊاڪٽر کي سڏاءِ .

سلميٰ ـــ آئون هينئر ئي ڊاڪٽر کي فون ٿي ڪريان ! (تيز ڊوڙڻ جو آواز) .

( موسيقي )

# [ڏيک ٽيرهون]

ڊاڪٽر ـــ توهان فڪرمند نہ ٿيو بيگم صاحبہ ، ڪا خاص ڳالهہ نہ آهي ـــ بس ٿوري پريشاني آهي ، سو هي ننڊ جون گوليون ڏيان ٿو، جيڪي روزانو رات جو ڏيندا وڃوس، ڪيس ننڊ ايندي تہ پاڻيهي ٺيڪ ٿي ويندو .

بيگم ـــ خدا منهنجي پٽ کي صحت ڏي، هاڻ هوش ۾ تہ آهي نہ؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڊاڪٽر — ها، توهين وڃي سگهو ٿا.
بيگم — هل ڪمري ۾ سلميٰ.
سلميٰ — هلو.
ڊاڪٽر — آئون هاڻ وڃان ٿو، ضرورت پوي ته ڪٿي فون ڪجو.
بيگم — مهرباني ڊاڪٽر. (قدمن جو آواز).
بيگم — (در کوليندي) اختر...
اختر — نازو ڪٿي آهي!
بيگم — نازو ڏاڏيس وٽ اسپتال ويٺي آهي.
سلميٰ — پر توکي هن ڪميڻيءَ سان ڇا؟
اختر — (ڪاوڙ مان) زبان سنڀالي ڳالهاءِ سلميٰ.
سلميٰ — ڏس ڇاڇي، اختر هڪ ذليل ڇوڪريءَ لاءِ مون کي ڇا چيو ڇوي.
بيگم — پٽ! سلميٰ تنهنجي مڱ آهي، ڪجهه ته خيال ڪر.
اختر — مون کي ڪابه ضرورت ڪانهي ڪنهن جي! جيڪو انسان ٻئي انسان جي عزت نه ٿو ڪري، اهو منهنجي آڏو حيوان آهي، ۽ سلميٰ بيگم! ڪن کولي ٻڌي ڇڏ، هوءَ ذليل ۽ آواره ڇوڪري ڪانه هئي — پر ڳوٺاڻي سادگي، خلوص ۽ معصوميت جي تصوير هئي — جيڪا هميشه لاءِ منهنجي دل ۾ رهندي. سمجهيئه! توهان هن سان ڇا ڪيو، تنهن جو توهان کي ڪوبه احساس ڪونهي! پر هوءَ بيوس هئي — ڇو جو هن وٽ توهان سان وڙهڻ لاءِ نقلي خانداني پس منظر ۽ دولت جو هٿيار ڪونه هئو.
بيگم — اختر....
اختر — توهان سلميٰ تي ته هٿ کڻي ڏسو.


Scanned with CamScanner

بيگم ـ اختر، ٻڌ اختر!

اختر ـ آئون جوان ٿو ته، مون کي اڪيلو ڇڏي ڏيو، مون کان
ڪنهن ٻئي جو وجود برداشت ڪونه ٿو ٿئي ـ ٻيو وجود
مون کي ڏنگي ٿو.

بيگم ـ آئون تنهنجي ماءُ آهيان اختر....

اختر ـ خدارا! مون کي اڪيلو ڇڏي ڏيو. ڪاش! آئون هڪ
دفعو ٻيهر ٻيوسيءَ جي تصوير کان معافي ٿي وٺي سگهان
ها! پنهنجي بزدليءَ تي پشيمان ٿي ٿي سگهان ها!....
ڪاش! ٻيو ويل گهڙي ڪڏهن واپس آئي آهي!

( موسيقي )

[ پورو ٿيو ]

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# فاصلن جو موت

ڪردار:

اختر : ڀاڳل جو پٽ

جميله : سيائيءَ جي ڌيءُ

ڀاڳل : اختر جي ماءُ

سيائي : جميله جي ماءُ

عباس : اختر جو پيءُ، سيائيءَ جو ڀاءُ

مامو : جميله جو پيءُ

حامد : جميله جو ڀاءُ

گل محمد : جميله جو بدڪردار مڙس

نوران : گل محمد جي ڀيڻ ۽ حامد جي زال.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# [ڏيک پهريون]

( شروعاتي موسيقي )

اختر — جميل .

جميل — هون . . . . !

اختر — (زور سان) جميل !

جميل — (زور سان) چا آهي ، پڙهڻ ڀي نٿو ڏين . . . . ڪجهه تہ خيال ڪر ، صبح جو امتحان آهي .

اختر — اها تہ مون کي بہ خبر آهي تہ صبح جو امتحان آهي .

جميل — ڀلا جلدي چئي وٺ چاهين؟

اختر — ڀس ڪجهہ ڀي نہ ، ڀس ائين ئي تو سان ڳالهائڻ تي دل ٿي هئي .

جميل — اهو ڳالهائڻ تہ روز ٿيو ٿيندو . . . ڪجهہ امتحان جو بہ خيال ڪر .

اختر — بيوقوف ، امتحان بہ ڪا اهڙي شئي آهي ، جنهن جو ايڏو خيال ڪجي؟

جميل — ڏسو جناب ، توهين تہ آهيو هوشيار ، هميشہ جا پوزيشن هولڊر . پر آءٌ آهيان ڏڏ . . . ڳوناٺي ڇوڪري ، سو مهرباني ڪري منهنجو سال نہ ڪاريو .

اختر — تون امتحان جو ٿي سوچين ۽ مون کي ان ڏينهن جو ٿو خيال اچي ، جڏهن تون هتان هلي ويندين .

جميل — پر آءٌ رزلٽ نڪرڻ تائين تہ هتي ئي رهندس .

soorihsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اختر — چاچا! ائين ته تو ٿي سگهي ته تون هميشه هميشه لاءِ هتي رهي پئين؟

جميلہ — (ڌڏو ساهہ ڀري) اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي . . . ؟

اختر — ڇو! اهو ڇو نہ ٿو ٿي سگهي؟

جميلہ — آءٌ ڇوڪري آهيان اختر — امان بہ زور ڪري پڙهائيءَ لاءِ موڪليو اٿم ، سو بہ اُن ڪري جو انٽر ڪان پوءِ بي. اي. ڪرڻ لاءِ مون کي شهر جي ڪاليج ۾ ئي داخلا وٺڻي هئي — نہ تہ هتي شايد ڪڏهن بہ اچي نہ سگهان ها .

اختر — مون کي خبر آهي جميلہ ، تہ تنهنجو بہ‍يءُ امان کي پسند ڪونہ ڪندو آهي . (آهستي) شايد امان پئي اچي.

(قدمن جو آواز)

ڀاڳل — ٻارو! اجا پڙهو پيا ڇا . . . . ماني نہ کائيندؤ؟

اختر — امان! اسين هيڏا سارا اچي ٿيا آهيون ، بي. اي. جي آخري سال ۾ پيا پڙهون — اجا بہ ٻار آهيون؟

ڀاڳل — ابا، اولاد ڪٿي ڪيڏو بہ وڏو ٿي وڃي ، پر مائٽ جي اکيان تہ ٻار آهي .

جميلہ — مامي ، سڀاڻي امتحان آهي ، سو منهنجي تہ ٻڪـ لئي مري ويئي آهي .

اختر — هيڏانهن بہ ساڳيو حال آهي .

ڀاڳل — پر پٽ، مانيءَ جو گرهہ پيٽ ۾ هوندو تہ سبق بہ سولو ياد ٿيندو .

اختر — نہ امان، مون کي تہ بک ڪانهي .

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جميله — چڱو مامي ، توهان جي دل ٿي چوي ته پلا ڏيو ماني.

پاڳل — اختر کي به ته چئه نه ته ماني کائي .

اختر — آئون به کان ٿو . . . هاڻ اٿين لڳي ٿو ته جڻ واقعي بک به لڳي اٿم .

پاڳل — بس ابا ، پوڙهيءَ ماءُ جو چوڻ چو وٺين؟

اختر — واه امان . . . . ته هي ڪنهن جو چوڻ ورتو اٿم؟

پاڳل — ابا ، مون به زمانو ڏٺو آهي ، هي وار ڪي آس ۾ اڇا ڪونه ڪيا اٿم .

اختر — پر امان ، توکي اڇا وار آهن ڪٿي؟

پاڳل — اهو مٿو ڪيس ڪيو اٿم ، نه ته مٿو مٿو جهڙو ڪپهه ٿي ويو آهي . . . پر هاڻي آئون ماني کنيو ٿي اچان . . . توهين کائو .

جميله — مامي ، آئون ٿي ماني کڻي اچان .

پاڳل — نه امان ، توهين ويهي پڙهو — امتحان مٿي تي اٿوَ ، آئون ٿي ماني کڻي اچان .

(قدمن جو آواز)

جميله — (مخاطب ٿيندي) اختر . . .

اختر — (پري کان) جي . . .

جميله — (ويجهو ايندي) مامي پاڻ کي ڪيترو نه پيانئي ٿي .

اختر — مون کي ته ڪونه ٿي پيانئي ، پر توکي ته ڏاڍو ٿي پيانئي.

جميله — وري چرچو ڪيئي نه؟

اختر — پر هميشه وانگر وري هينئر نه رمجهڻ ، سياڻي امتحان آهي ۽ پاڻ کي اڇا پڙهڻو آهي .


Scanned with CamScanner

جميل ـ (ٽڏو ساهہ ڀري) ها، امتحان بہ هڪ عجيب شئي آهي، ڀيون سڀ ڳالهيون وساريو ڇڏي .

اختر ـ مثلاً، ڪهڙيون؟

جميل ـ مثال طور ـ منهنجي جان ڪان وڌيڪ عزيز هڪ ساهيڙي رقيہ آهي . . . . جنهن کي ڪيترن مهينن کان هڪ خط بہ ڪونہ لکي سگهي آهيان .

اختر ـ هون . . . . تہ ضرور رقيہ سهڻي بہ هوندي .

جميل ـ ها، آهي تہ ڏاڍي سهڻي . . . . توهان کي شوق هجي تہ ملايانوَ .

اختر ـ وري تني وٺڻ نہ جاهل ڇوڪري !

جميل ـ انهيءَ ۾ جهالت جي ڪهڙي ڳالهہ آهي؟

اختر ـ اهو ساڙ ۽ حسد، جهالت نہ آهي تہ ٻيو ڇا آهي؟

جميل ـ مون کي ڇو ساڙ ۽ حسد ٿيندو؟

اختر ـ مون جو ٻيءَ ڇوڪريءَ جو نالو ورتو !

جميل ـ هڪ نہ، ٻہ هزارن ڇوڪرين جا نالا کڻي وٺ، مون کي ان سان ڇا؟

اختر ـ چڱو، اسين بہ ڏسنداسين .

(قدمن جو آواز)

ڀاڳل ـ ابا، ڇا ڏسندؤ . . . . وري جميل کي ڪاوڙايو اٿئي ڇا؟

اختر ـ نہ نہ، امان . . . . امتحان جي تياريءَ ڪري منهن اهڙو ڪيو اٿس ـ اسين تہ ٻيهرن جي ڳالهہ ڪري رهيا هئاسين، ڪيئن جميل؟

جميل ـ (ڪاوڙ مان) ها .

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پاڳل ــ چڱو چڱو، هاڻي ماني ڪاڻي وٺو، هيتري دير تائين پڙهندؤ ته صبح جو دماغ ڪهڙو ڪم ڪندو ــ چڱو، آئون وڃان ٿي.

(قدمن جو آواز)

اختر ــ هاڻ هڪدم صلح ڪر، نه ته . . . .

جميل ــ نه ته ڇا ڏيندو؟

اختر ــ نه ته، نه ته آئون به ڪاوڙجي پوندس.

جميل ــ مون کي ڪا پرواهه ناهي.

اختر ــ محترمه! مون کي ته پرواهه آهي. بس هاڻ ته پرچي پئه.

(ٻنهي جي کلڻ جو آواز)

(خوشيءَ واري موسيقي)

# [ڏيک ـــ ٻيو]

(جميل ۽ اختر جي کلڻ جو آواز)

اختر ــ امان . . . . امان اسين پاس ٿي وياسين.

پاڳل ــ ابا، لک لک شڪرانا الله جا. هيڏانهن ته اچو . . . ماءُ جي سيني سان لڳي وڃو.

جميل ــ مامي، اختر وري به پهريون نمبر آيو آهي.

اختر ــ پر امان، پڪ جميل جي ڪاپين جاچڻ واري کان چڪ ٿي وئي آهي! نه ته هن مون کان وڌيڪ پڙهيو هو، خبر ناهي ڇو هيءَ ٻيو نمبر آئي آهي!

پاڳل ــ ابا، تو ۾ ۽ جميل ۾ ڪو ورهايو آهي ڇا؟ ٻئي نمبر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اختر — جميل . . . .

جميل — جي . . . .

اختر — تون ڳوٺ وڃي مون کي وساري ته ڪانه ڇڏيندين؟

جميل — اختر. پهرين منهنجي وچڻ ڪان پوءِ تون به مون کي وساري ته ڪونه ڇڏيندين؟

اختر — ڇا، اهو ممڪن آهي؟ نه جميل نه، اختر ته اهو سوچي به نه ٿو سگهي.

جميل — ته بس، تنهنجي سوال جو جواب توکي ملي ويو.

اختر — جميل . . .

(پريان ماءُ جي سڏڻ جو آواز)

ماءُ — اختر، جميل . . . اچو ماني کائو.

جميل — هل، مامي سڏي ٿي.

اختر — هل.

( موسيقي )

## [ٻيو ڏيک]

سيائي — (در کلڻ جو آواز) امان، ڪير آهي در تي . . . رقيه تون!

رقيه — ها، ماسي آئون آهيان. ڪٿي آهي جميل، آئي آهي، يا وري ڪنهن مون سان چرچو ڪيو آهي!

سيائي — ها، اچا ڪالهه آئي آهي، هنهنجي ڪمري ۾ ويٺي آهي.

رقيه — ته آئون وڃي ٿي ملانس.

سيائي — ڀلي ڀلي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

رقيه — اوهه . . . . ته اها ڳالهه هئي . . . . ته منهنجو شڪ بلڪل صحيح نڪتو .

جميل — ڪهڙو شڪ؟

رقيه — اِهو، ته تو ڪٿي دل لڳائي آهي .

جميل — ڏس رقيه، پيٽ جي هلڪي نه ٿي . . . . اهي ڳالهيون دل ۾ رکبيون آهن .

رقيه — ها سائين، دل جون ڳالهيون ضرور دل ۾ ئي رکبيون .

جميل — چڱو پلا، اهو ته ٻڌاءِ ته تنهنجو به ڪو بندوبست ٿيو آهي يا نه؟

رقيه — اسان جو بندوبست ٿيل آهي — تون پنهنجو فڪر ڪر .

جميل — مون کي ڪوبه فڪر نه آهي . بس، ٻن چئن ڏينهن ۾ ماءِ ايندي .

رقيه — اوهو! ته اهو قصو آهي! آئون به چوان ته ايڏي زور شور سان پڙهائي جو ڇا هلي!

جميل — بس رقيه، ڳالهه ٿي نه پيئي، هاڻ ته رکو انتظار اٿم .

رقيه — پلا ٻڌاءِ ته سهي، ڪيئن آهي . . . . اسان ته ڏٺو لوءِ ڪونه آهي .

جميل — بس، ڏسي وٺجئين .

رقيه — اهو ته منهنجي سوال جو جواب ڪونهي .

جميل — بس، ماڻهن جهڙو ماڻهو آهي .

رقيه — تنهنجي پسند به ڪا شئي هوندي .

(قدمن جو آواز)

سيالي — امان، ڪهڙين ڳالهين ۾ آهيو؟

soorihsindhiadab


Scanned with CamScanner

رقيہ — اوهو . . . . ماسي ، جميل کي هڪ هار پسند آيو آهي ، تنهن جي ڳالهہ پئي ڪئي سين .

سيائي — ڇو جميل . . . . جيڪڏهن توکي هار پسند هو تہ وٺي ڇو نہ ٿي آڻينءَ؟

رقيہ — توهين وٺين ڏيوس ، هيءَ ويچاري ڪٿان وٺندي !

سيائي — سٺو هار ، منهنجي ڌيءَ لاءِ .

رقيہ — ها ماسي ، توهان جو پاڻُ ايندو نہ ، تہ ان کي ڪٺي چنجو .

سيائي — ادو ايندو ڇا ؟

جميل — ها امان ! اڄڻ جو تہ چيو هئائون .

سيائي — الله ڪري ، اختر کي بہ وٺي اچي . . . . ڪيترا ئي ڏينهن ڏٺي ٿيا آهن .

رقيہ — ڇا ، هو بہ ايندو ، ڪيئي نہ ، جميل؟

جميل — مون کي ڪهڙي خبر ، هروڀرو تنگ نہ ڪندي ڪر .

سيائي — واه مائي ، انهيءَ ۾ تنگ ٿيڻ جي ڪهڙي ڳالهہ آهي .

رقيہ — ڏس نہ ماسي . جميل هاڻ مون مان تنگ پئي ٿئي .

جميل — رقي ، هاڻ تہ جند ڇڏ — هل ، تہ هلي ٻاهر پينگهي ۾ ويهون .

سيائي — توهان جون ڳالهيون ، توهان ئي ڄاڻو ، آئون تہ هاڻ وڃان ٿي .

( موسيقي )

# [ڏيک چوٿون]

(ٽانگي جي در تي اچي بيهڻ جو آواز)

سيائي — ادا، ڀلي ڪري آيا. ڀاڄائي ڀاڳل، خوش ته آهين نه؟

ڀاڳل — ها ادي، الله جا شڪرانا آهن . . . . توهين ته سڀ خوش آهيو نه.

عباس — ادي، تو ته اسان کي وساري ڇڏيو آهي.

سيائي — نه ادا، ائين ڪونهي. جميلو هيستائين پڙهائي ۾ هئي، سا توهان وٽ ڪيئن اچي . . . . سمجهي گهر جو بار هئو منهنجي ڪلهن تي، سو نڪرڻ ڪونه ٿي ڏيو.

عباس — بس ادي، جميله به پڙهائي پوري ڪئي.

سيائي — ها ادا. خبر اٿئي ته مون ڪيئن وڙهي، جهيڙا ڪري، جميله کي پڙهايو آهي، نه ته پڻس ته پڙهائڻ جي سخت خلاف هئو.

ڀاڳل — جميله آهي ڪٿي؟

سيائي — رقيه وٽ وئي آهي، بس ايندي ئي هوندي.

ڀاڳل — تو کي ڇا پڌاءِ ان ادي، جميله به سال مون وٽ رهي آهي . . . . ته ڇڻ جهڙي هميشه کان مون وٽ رهي آهي.

سيائي — ها ادي، چوندا آهن ته، جم کان نيپاڄ وڏيڪ ملو ڏيندو آهي.

عباس — ڀلا ادو ڪٿي آهي، حامد به ڏسڻ ۾ ڪونه ٿو اچي.

سيائي — ڪيڏانهن ڪم سان ويا هوندا، تو اختر کي ڪونه آندو؟ ڪيس ڏٺي سال ٿي ويا آهن.

ڀاڳل — ادي، گهر ۾ به ته ڪنهن نه ڪنهن کي رهڻو هئو نه؟

soorihsindhiadab



Scanned with CamScanner

عباس — هي توهان ڇا پيا چئو!!!

سيائي — مون ان ڪري ئي هن کي ٽڪڙو ڪپرابو هو.

عباس — پر . . . . سگ ڪٿي ڪيو اٿو؟

سيائي — گل محمد کي سڃاڻو نه؟

عباس — ها ها، هو ادي جي سوٽ جو پٽ نه؟

سيائي — ها ها . . . . آهو.

عباس — مون ته پڌو آهي ته هو وڏو لوفر آهي، شهر ۾ به ڪيترا ئي دفعا فساد ڪيا اٿس.

سيائي — ادا، پڻس سڀ عيب لڪابو ڇڏي، ۽ وڏي ڳالهه هيءَ آهي، ته اسان جي حامد کي به ته هن جي ڀيڻ ملي آهي.

عباس — ڀين اکرن ۾ ته اسان وٽ پڌي ڏيڻ لاءِ ڇوڪري ڪانهي، ۽ سڄا سڪڻا به آهيون، ڇوڪريءَ کي به خوش رکي نه سگهنداسون.

سيائي — نه ادا، منهنجي ڇوڻ سان اها مراد ڪانه هئي.

عباس — ڏاريا ته اکيون ڦيرائيندا آهن، پر پنهنجن کي به اڄ آزمايو سين. ڀاڳل، هل ته هاڻ اڄ ئي واپس هلون — هنن بي قدرن وٽ اسان جو ڪهڙو ڪم!

ڀاڳل — ادي، اسين ته وڏي آس رکي آيا هئاسين!

سيائي — آئون ڇا ڪريان، آئون بلڪل مجبور آهيان! پر توهين رُسي ته نه وڃو، ڀاڻهين سان ته ملندا وڃو.

عباس — اسين هينئر ئي وينداسين. هاڻ هتي ترسي ڇا ڪبو . . . هل ڀاڳل . . . . هل.

ڀاڳل — ها . . . . هلو. (قدمن جو آواز)

soorihsindhiadab


Scanned with CamScanner

سيائي – (پنهنجي منهن) هيءُ ڇا ٿي ويو! . . . . آئون ڇا ٿي ڪري سگهان!

( موسيقي )

## [ ڏيک – پنجون ]

رقيه – هي سڀ ڇا ٿي ويو؟

جميل – مون کي ته ڪجهه سمجهه ۾ ڪونه ٿو اچي. آف . . . يا خدا، هي سڀ ڇا ٿي ويو؟

رقيه – هاڻ تنهنجو ڪهڙو ارادو آهي؟

جميل – ارادو؟ ارادو ڇا ٿيندو آهي . . . . رقي، منهنجا ارادا ته امان جي زبان ڏيڻ سان دم ٽوڙي چڪا آهن. جنهن تي ڀروسو هئو، سو ئي ڦري ويو – باقي ڀراون تي ڪهڙي حجت هلندي!

رقيه – پر ماسيءَ کي پنهنجي پاڻ سان ائين ڳالهائڻ نه گهربو هو!

جميل – هن کي پنهنجي پٽ جو به ته خيال هئو.

رقيه – حامد کي ڪٿان نه ڪٿان سڱ ملي وڃي ها.

جميل – منهنجو نصيب جو ڦٽو هئو!

رقيه – ته تون ماٺ ميٺ ۾ شادي ڪري ڇڏيندين ءِ؟

جميل – ماٺ ميٺ ۾ ڇو، وڏي ڌوم ڌام سان ٿيندي منهنجي شادي.

رقيه – ڪهڙيءَ دل سان پئي چئين؟

جميل – دل ته ٽٽي چڪي آهي، سو ان جي ته ڳالهه ئي ڇڏي ڏي. بس، زبان ئي آهي، تنهن سان پئي ڳالهايان.

رقيه – اختر جو ڪهڙو حال ٿيندو؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ادا جي گهر ۾ وينديءَ ته اتي آهي ڇا؟ يا رکي ڇڏڪي
تي گذارو ڪرڻو پوندس، يا وري ڪٿ نوڪري ڪرڻي پوندي،
هر اچڪلهه جا نوجوان آهن چريا!

( قدمن جو آواز آهستي آهستي پري ٿيندو ٿو وڃي)

رقيه — هل جميله ٻاهر هلون.

جميله — مون کي تنگ نه ڪر رقيه، آئون هتي سان ملڻ ڪونه ٿي چاهيان.

رقيه — ليڪن چاچا دل ۾ ڪندو.

جميله — جن منهنجي دل جي پرواهه ڪانه ڪئي تن جو آئون ڇو خيال رکان؟

رقيه — پر زماني جي خاطر به ته ڪجهه ڪرڻو پوندو.

جميله — مون کي اهي سبق نه ڏي.

رقيه — ادي تنهنجي مرضي.

جميله — ٺيڪ آهي ته جڏهن وٺين تڏهن ڪن.

رقيه — خير ادي. قسمت ۾ جيڪي لکيل هوندو سو ٿيندو.

جميله — بس ماٺ ڪري ويهي رهه.

رقيه — چڱو راڻي - اسين ماٺ ڪري ٿا ويهون - بس.

[ موسيقي ]


Scanned with CamScanner

# [ڏيک ـ ڇهون]

ارشد ـــ اختر، اڄ ته تون واقعي ڏاڍو غمگين پيو لڳين ؟

اختر ـــ نه آئون غمگين ڪونه آهيان .

ارشد ـــ مون کان ڇو ٿو لڪائين يار، آئون ڪو تنهنجي حالت کان بيخبر ناهيان .

اختر ـــ جي تون سمجهيءَ ويو آهين ته پوءِ توکان ڇا لڪائجي !

ارشد ـــ ها، اهوئي ته آئون توکي گذريل اڌ ڪلاڪ کان سمجهايان پيو .

اختر ـــ اڄ هن جي شادي ٿيندي هوندي .

ارشد ـــ ڪنهن جي ؟ اڙي تنهنجي هن مائٽياڻيءَ جي ؟

اختر ـــ ها .

ارشد ـــ پر يار، تو به ڪهڙي خرابي هئي، جو تنهنجي لاءِ هن جو سڱ ڪو نه ڏنائون ! يا ڇاچا جن گهر ئي ڪا نه ڪئي !

اختر ـــ سڱ ته گهريائون پر هن جي ماءُ پيءُ انڪار ڪري ڇڏيو .

ارشد ـــ ڇو ! ڇو انڪار ڪيائون !

اختر ـــ ان ڪري جو مون کي ڪا ڀيڻ ڪانه هئي .

ارشد ـــ (حيرت مان) توکي ڀيڻ هجي ها ته ڪهڙو فائدو ٿئي ها؟

اختر ـــ ها، ته پوءِ اها بدي ۾ ڏئي سگهان ها .

ارشد ـــ يار، اها رسم اڃا تائين هلي پئي؟ ڪمال آهي!

اختر ـــ بس، ارشد هاڻ ته منهنجي زندگي ئي ويران ٿي وئي آهي .

ارشد ـــ ڀلا ٻڌاءِ، هاڻي ڇا ڪندين؟

اختر ـــ بس يار، وقت جي ڪا خبر ڪانه ٿي پوي، پر ڀانيان


Scanned with CamScanner

ٿو ته هي زخم ڏاڍو ڏکيو پرجندو . منهنجي طبيعت جي ته توکي خبر آهي .

ارشد — اڙي يار! تنهنجي حساس طبيعت کان ڪير واقف ڪونهي!

اختر — بس ادا، هينئر کان ئي دل ڀڄي پئي، اڃا ته لڳي ٿو ته جڻ الائجي ڇا ٿيندو؟

ارشد — ٿيندو وري ڇا، هل ته هلي توکي وندرايان.

اختر — اهي فلمي ڳالهيون نه ڪر ارشد، منهنجي دل کي وندرائڻو اٿئي ته مون کي اڪيلو ڇڏي ڏي .

ارشد — نه ميان نه! هينئر دل ٽٽل اٿئي، ڪٿي ڪو غلط قدم نه کڻي ويهين!

اختر — غلط ۽ صحيح قدم مان هاڻ ورندو ڇا؟

ارشد — تڏهن ته چوئين ٿو ته هل، ته هلي توکي گهمائي اچان.

اختر — نه نه، ارشد نه، منهنجي دل اصل ڪجهه به نٿي چاهي.

ارشد — ڀلا، هل ته فلم ڏسڻ هلون .

اختر — يار، مون توکي چيو نه، ته مون کي ڪابه شئي ڪانه ٿي وڻي .

ارشد — ٺيڪ آهي، ڀلي تون ماٺ ڪري، ماضيءَ جي ڏنڊ ۾ گم ٿي وڃ ۽ آئون وري ويهي ڪتاب ٿو پڙهان، بس .

(در تي ڪڙڪو ٿو ٿئي ۽ دروازو کلي ٿو)

پيا ڪِل — ابا، ويٺا آهيو؟

ارشد — ها ماسي .

پيا ڪِل — ابا، ڏس ته سهي، اختر ڪيترو نه اداس آهي! اچ مالي به ڪونه ڪاڏي اٿس — تون ئي ڪارائينس .


Scanned with CamScanner

ارشد ــ ماسي، توهين ماني رکي وڃو، آئون زوريءَ ٿو کارايانس.
پاڳل ــ ابا، الله وڏي ڇمار ڏيندءِ.

(قدمن جو آواز ۽ در بند ڪرڻ جو آواز)

( موسيقي )

# [ڏيک ــ ستون]

( سيٽي وڄائڻ جو آواز )

گل محمد ــ اڄي، تون جاڳين پئي؟
جميلہ ــ اوهان جو انتظار پئي ڪيم.
گل محمد ــ مون توکي ڪيترا ڀيرا دفعا چيو آهي، تہ تون منهنجو انتظار نہ ڪندي ڪر، پر تو تي تہ ڪو اثر ئي ڪونہ ٿو ٿئي.
جميلہ ــ اڳتي خيال ڪنديس.
گل محمد ــ ها، نہ تہ جي ڪنهن مهل منهنجو هٿ کڄي ويو، تہ پوءِ ان کي روڪڻ وارو ڪير بہ ڪونہ هوندو.
جميلہ ــ (آهستگيءَ سان) توهان لاءِ ماني کڻي اچان.
گل محمد ــ هيڏيءَ مهل ماني؟ بيوقوف رات جا ٻہ اچي ٿيا آهن، هن وقت ڪهڙو عقلمند ماني کائيندو؟ آئون تہ ماني کائي آيو آهيان.
جميلہ ــ مون کي ڪا ڳالهہ بہ ڪرڻي هئي!
گل ــ ها ها، پلي ڪر.
جميلہ ــ اسان ماڻهو موڪليو آهي تہ وٺانئس ٿي وڃان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

گل محمد ـ (ڪاوڙ ۾) ڇو ـ ماڻهن کي اسان جي گهر ۾ اچڻ
ڪان عار ٿو ٿئي ڇا؟
جميلہ ـ توهين ڪجهہ تہ خيال ڪريو. آخر هوءَ منهنجي ماءُ آهي.
گل محمد ـ خيال آءٌ پنهنجي ماءُ جو بہ ڪونہ ڪريان، سو هوءَ
وري ڇا آهي. بهرحال نہ، تون ڪانہ ويندينءَ.
جميلہ ـ پر اوهان کي ان ۾ بيعزتي ڇو ٿي محسوس ٿئي؟
گل محمد ـ هنہ، اسان جي پيءُ تہ شاديءَ کان پوءِ اڄ تائين
هتي ڪانہ آئي آهي، باقي منهنجي زال ڇو وڃي! آءٌ ڇو
هنن کي سندن ڇوڪريءَ جو منهن ڏيکاريان، ۽ ها هل
تہ سيائي شهر گهمائي اچئون. پر ماڻهن جي گهر ڪونہ
ويندينءَ. هن ۾ منهنجي چڱي بيعزتي ٿئي آهي.
جميلہ ـ آءٌ شهر ڪونہ هلنديس.
گل محمد ـ ڪيئن نہ هلندينءَ. (سيٽي وڄائڻ جو آواز) هاڻ
ڇا ايٽي ڪرين، ڏهي پڻ، صبح جو سويل اٿڻو آهي.
(موسيقي)

# [ڏيک اٺون]

اختر ـ (پنهنجي منهن) تہ هوءَ جميلہ ئي هئي، نہ نہ، ڪا ٻي
عورت هئي. جميلہ هجي ها تہ مون ڏانهن ڪيئن نہ نهاري
ها؟ جميلہ صفا اهڙي تہ نہ ٿي ٿي سگهي. ڪاش هوءَ ڪا
ٻي عورت ئي هجي ها. نہ مون کي ڏنو تہ ضرور هوندائين.
سندس مڙس ڪيئن نہ ڇتائي مون ۾ ڏٺو هئو. (قدمن جو آواز)

ارشد ـــ دل ته نه ٿي چوي، پر واعدو ڪري ويٺو آهيان ـــ هل ته هلون.

( موسيقي )

# [ڊيڪ ـــ ناٿون]

جميل ـــ ڇا ٻڌايان توکي رقيه، منهنجو ته ساهه اچا به ڄڻ ڪنهن به طرح ڪونه پيو ڪڇي.

رقيه ـــ پر آخر شهر ۾ تو ڏٺو ڇا، جو اهو حال ٿيو اٿئي؟

جميل ـــ مون اختر کي ڏٺو هئو رقيه.

رقيه ـــ اختر کي! .... ڪٿي؟ ڪا ڳالهه ٻولهه به ٿي؟

جميل ـــ (اداس) هاڻ وري ڪهڙي ڳالهه ٻولهه ٿيڻي هئي؟

رقيه ـــ وري به توهان هڪٻئي کي ڏٺو ته هوندو.

جميل ـــ هن ته حيرانيءَ ۾ مون ڏانهن اکيون ئي ڪونه ٿي کڻيون، پر مون بلڪل ڏانهس ڪونه نهاريو.

رقيه ـــ ايڏو ظلم!

جميل ـــ جيڪڏهن آئون اهو ظلم نه ڪريان ها، ته مون تي ان کان به وڏو ظلم ٿئي ها. منهنجي مڙس ڪان تون واقف ڪونه آهين، هو ته اشاري وهيلو آهي.

رقيه ـــ ته پوءِ هو ته ڏاڍو اداس ٿيو هوندو!

جميل ـــ آئون پنهنجي آداسيءَ مان به انهيءَ جو اندازو لڳائي سگهان ٿي (ٿڌو ساهه ڀري)، اسان ته هڪ پل به جدا نه گهارڻ جا واعدا ڪيا هئا.

(اهل ڪري) ويچارو هينئن نهاري رهيو هئو، هونئن نهاري رهيو (زور سان) آئون چوان ٿو ته، نڪري وڃ منهنجي گهر مان اصل هينئر جو هينئر.

جميله — ائين نه ڪريو، زمانو ڇا چوندو؟ آئون ڪيڏانهن وينديس؟

گل محمد— جيڏانهن وڻيئي تيڏانهن وڃ - سمجھئي- مونکي تون ڪونه گهرجين نڪر هن گهر مان.

جميله — خدارا منهنجي ڳالهه ٻڌو!

گل محمد— آئون ڪجهه به ٻڌڻ لاءِ تيار نه آهيان.

(ڌڪي ڏيڻ جو آواز)

جميله — (روئيندي) خدارا مونتي هي در بند نه ڪريو. مونکي هن گهر مان نه ڪڍو........

(موسيقي)

●●●●

# [ڏيک ڏهون]

جميله — (ڏڪندي) مون توهان جو ڪهڙو قصور ڪيو هو امان ان ڪان ته مون کي ڪنهن اندي ڪـوهه ۾ ڪٽي ڦٽو ڪريو ها.

سياڻي — پٽ نصيب جي خبر ڪا اڳوات ته ڪونه هوندي آهي . . .

حامد — (سخت ڪاوڙ وچان رڙ ڪري) ليڪن هن منهنجي ڌيءُ سان هي سلوڪ ڪرڻ جي همت ڪيئن ڪئي؟

ٻيءُ — (ڪاوڙ مان) ڳلوءَ جي هيءَ مجال . . . .

سياڻي — هاڻ ڇا ٿيندو؟

soorihsindhiadab


Scanned with CamScanner

حامد — ڀوربن ته آءٌ هن نوران جي ڀڃيءَ کي ڏکو ڏيان ته پلي وچي پاڻس جي بنگلي ۾ کري. نوران. (سڏ ڪندي) او نوران.

نوران — جي چا آهي.

حامد — هيڏانهن اچ.

نوران — جي ! !

حامد — برقعو پاءِ هل.

نوران — پر ڪيڏانهن؟

حامد — پاڻهين وٽ.

نوران — چو؟ ادا وٽ چو هلان؟

حامد — اچا پڇين ٿي چو؟ هن منهنجي ڀيڻ کي گهران ڪڍي ڇڏيو آهي ۽ چيو اٿس ته طلاق ڏيندو. سو آءٌ وري ڪو توکي رکندس چا؟

نوران — (آڙي ڪندي) چاچي! توهان هن کي سمجهايو.

سيالي — امان بدي جو ڪم آهي، جيڪو ڪندو سو پرڀندو! سمجهائڻو آهي ته ڀورين وچي پاڻهين کي سمجهاءِ. اڳرائي ته هن ڪئي آهي.

حامد — بس هل، وڏيڪ بڪ بڪ نه ڪر.

نوران — چاچا!

ٻيءُ — پاڻهين منهنجي ڌيءَ کي ڪيڏي ڪو منهنجن اچن وارن جو خيال ڪيو جو آئون هن جي ڀيڻ جو پاسو ڪٽان!

حامد — بس بس هاڻ گهڻو ٿيو، هل هتان.

جميل — (رڙ ڪري) حامد! خبردار جو پاچاليءَ جو نالو به ورتو اٿئي!


Scanned with CamScanner

آئون روئندي رڙندي هڪ اهڙي شخص جي حوالي ٿيس جنهن سان مون کي دلي نفرت هئي.

سيائي — امان هي تون ڇا پئي چوين؟

جميله — آئون ٺيڪ پئي چوان. توهان هنن ڪوڙين رسمن ۽ رواجن جي ناليءَ تي آخر ڪيستائين پنهنجين معصوم نيائين تي ظلم ڪندا رهندو! آخر ڪيستائين؟ (روئڻ جو آواز) حامد، پاپيءَ کي ڪمري ۾ وٺي وڃ.

حامد — ليڪن ادي!

جميله — خبردار جي هڪ لفظ به وڌيڪ ڪڇيو آهين.

(قدمن جو آواز)

سيائي — تون به پريشان آهين هلي آرام ڪر.

جميله — توهين منهنجو فڪر نه ڪريو.

پيءُ — نه پٽ، فڪر ڇا جو... تون ڪا امان تي بار آهين ڇا؟

جميله — بار آئون بنجڻ به ڪونه ٿي چاهيان. هاڻ آئون شهر ويندس اتي نوڪري ڪنديس ۽ اتي ئي رهنديس.

پيءُ — پر ڇو؟ هن گهر ۾ تنهنجي لاءِ جڳهه ڪانهي ڇا؟

جميله — آهي، پر هاڻ آئون توهان تي بار ٿيڻ نٿي چاهيان.

سيائي — پر امان، شهر ۾ تون اڪيلي ڪٿي رهندينءَ؟

جميله — اڪيلي! ڇو، ماما جو گهر ڪيڏانهن ويو؟

سيائي — پر امان، هو ته جيئن رُسي ويا آهن، وري ڪا سار ئي ڪانه لڌي اٿن.

جميله — اوهان وري سندن ڪهڙي سار لڌي آهي! باقي رهيو رسڻ جو معاملو، سو هو مون سان نڪي رسيا آهن ۽ نه وري رسي سگهن ٿا.

ڀيڻ — پر بابا، تنهنجو هنن وٽ رهڻ ٺيڪ ڪونهي.

جميل — ڇو، توهان جي ان ۾ بيعزتي آهي؟

ڀيڻ — نه بابا نه، مون ڇيو ٿي ته ڀيڻ تي بار ٿيڻ ڪو چڱو ڪم ڪونهي.

جميل — آئون بار ڇو ٿيندس؟ آئون پڙهيل ڪڙهيل آهيان، پاڻ نوڪري ڪندس.

ڀيڻ — پر آخر تو کي نوڪري ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟

جميل — بابا، توهين آخر ڇا ٿا چاهيو؟ ڇا توهان جي مرضي آهي ته آئون هتي پوسانجي مري وڃان؟

سيائي — مرن تنهنجا دشمن....

ڀيڻ — پٽ تنهنجي مرضي، مون کي ته ڪجهه سمجهه ۾ نٿو اچي. (قدمن جي پري وڃڻ جو آواز).

سيائي — آئون رقيه کي ٿي سڏ ڪريان، ته هوءَ توسان ويهي ڳالهيون ڪري.

جميل — هوءَ پاڻيهي ايندي....

سيائي — ڀلا پٽ...... آئون به توسان گڏ مامهين جي گهر هلندس. آخر رت آهي، هڪڙو ئي ته ڀاءُ اٿم.... ڏاڍو ياد ٿو اچيم!

جميل — (ٽوڪ واري انداز ۾) هنن کي به توهين ڏاڍو ياد ايندا هوندؤ!

سيائي — امان، تون ڀلي ٽوڪون ڪر...... پر خبر ناهي ته ڪهڙي ست منجهي هئم — بس، نصيب کان ڪير ٿو ڀڄي سگهي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جمولا — هاڻي مهرباني ڪري، جيڪي ٿي ويو، تنهن کي وساري ڇڏيو — آئون ماضيءَ کي وري ياد ڪرڻ نٿي چاهيان. منهنجي آڏو صرف منهنجو نه، پر هڪ ٻيءَ هستيءَ جو به مستقبل آهي.

( موسيقي )

[ پورو ٿيو ]

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# پيار ۽ سپنا

ڪردار:

اقبال : آمنہ جو پٽ .

پروين : سيٺ نعيم جي ڌيءُ .

آمنہ : اقبال جي ماءُ .

صفيہ : اقبال جي ڀيڻ .

نوشابہ : پروين جي ساهيڙي .

سيٺ نعيم : پروين جو پيءُ .

۽ چند آواز :

soorhsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# [ڏيکُ ـــ ٻهريون]

(موسيقي)

آمنه ـــ صفيه، اقبال ڪٿي آهي؟

صفيه ـــ خبر ناهي امان، ٿوري دير اڳي ته هتي ئي هو.

آمنه ـــ ويو هوندو وري دوستن سان گڏ.

صفيه ـــ دوست ته ڪوبه هينئر ڪونه آيو هئس.

آمنه ـــ ها ها، ياد آيم. اڄ آخري پيپر هئس نه، چيائين پئي ته آخري پيپر کان پوءِ سمورا هم ڪلاسي گڏجي هڪ دعوت ڪندا.

صفيه ـــ تڏهن چوان ته سوير ڪيئن پيو تيار ٿئي، نه ته هن جي منجهند جي ننڊ ستين بجي کان اڳ ته ڪڏهن به ختم ڪونه ٿيندي آهي! پر مون کي ڇو ڪونه ٻڌايائين، اچي ته سهي.

آمنه ـــ توهان ته ڪا ڇري آهين، هو ڪو تو کي پاڻ سان گڏ وٺي وڃي ها ڇا؟

صفيه ـــ ڇو ڪونه وٺي وڃي ها! آخر هن جون هم ڪلاسي ڇوڪريون به ته پارٽيءَ ۾ آيون هونديون. هاڻي ڀلي مون کي به ڪو ڪم چوي.

آمنه ـــ پٽ، وڏي ڀاءُ سان به رسبو آهي ڇا؟

صفيه ـــ پيو ڪنهن سان رسان امان! منهنجو به ڀاءُ ڪان سواءِ پيو ڪير آهي؟

صفيه — ها، بيو نه ته ڪنهن ڏانهن اٿم .

آمنه — پروين سيٺ نعيم جي اڪيلي ڌيءَ آهي. لڪين روپين جي ملڪيت جي اڪيلي وارث .

صفيه — اسان جو تنهن ۾ ڇا؟ اسان ڪي ملڪيت جي ڪا بک ڪانهي ۽ بيو ته منهنجو پاڻ وري ڪو گهٽ آهي ڇا؟ سن جهڙا ذهين ۽ حساس شخص ورلي پيدا ٿيندا آهن .

آمنه — اهو ته تون ٺيڪ ٿي چوين . پر ڇا واقعي پروين به هن سان شادي ڪرڻ تي راضي ٿيندي؟

صفيه — امان، پروين ڇهن سالن کان ادا جي هم ڪلامي آهي. هوءَ منهنجي ساهيڙي به ته آهي، هتي ايندي آهي ته ڏٺو اٿو ته ڪيئن پئي ادا جا ڪتاب اٿل پٿل ڪندي آهي .

آمنه — ها، پر شادي ڪا ٻاراڻي راند ڪانهي. انهيءَ لاءِ وڏي سوچ ويچار کان ڪم وٺڻو ٿو پوي .

صفيه — امان، ادا ۽ پروين جي مرضي ته ڄڻ معلوم آهي .

آمنه — جي ائين آهي ته آئون به راضي آهيان. وڌيڪ جيئن خدا کي منظور .

( موسيقي )

# [ڏيڍ بيو]

( هلڪي کلڻ ڳالهائڻ جا گڏيل آواز )

آواز ١ — ڇو اڄ اقبال خاموش آهي؟

آواز ٢ — اها ڪا نئين ڳالهه ته ڪانهي . هو ته هميشه خاموش

هوندو آهي . ها البت ڪڏهن ڪلندو يا ڳالهائيندو آهي .

آواز ١ — هڪڙو ته پڙهي ٿو گهڻو ۽ وري سوچي ڏاڍو ٿو .

آواز ٢ — هي پڪ دانشور ٿيندو . (ڪلڻ جو آواز).

آواز ١ — (سڏ ڪندي) اقبال!

اقبال — هه - جي .

آواز ١ — پيلي ڪجهه ته ڳالهاءِ . . .

اقبال — جيڪي توهان چئو .

آواز ٢ — اڇها- مس پروين به اچي وئي .

پروين — (ڪلندي) معاف ڪجو مون کي ڪجهه دير ٿي وئي .

اقبال — (ڪاوڙمان) ڪجهه دير نه پورو اڌڪلاڪ دير ٿي آهي .

پروين — معافي ته پهرين وٺي چڪيم نه .

اقبال — تنهن مان چا ٿيندو؟ جيڪڏهن هر ڏوهاري ڏوهه ڪرڻ کان پوءِ معافي وٺي ڇڏي ته چا ان کي معاف ڪري ڇڏجي؟

پروين — پوءِ پلا ڪا سزا ڏيو .

اقبال — توکي سزا ڏيڻ معنيٰ پنهنجو پاڻ کي سزا ڏيڻ .

پروين — نه هيئن ٿا مڃو نه هوئٽن ٿا مڃو .

آواز ١ — اهڙي ڏسي حيرت انگيز شخص کي اقبال چئبو آهي . هاڻي ڪجهه ڪائو پيئو .

پروين — (آهستي) هاڻي موڊ ٺيڪ ڪريو .

اقبال — (آهستي) ٺيڪ آهي .

پروين — اونهون . مون ڏانهن ڏسو . ها . هاڻي مرڪو .

soorihsindhiadab


Scanned with CamScanner

اقبال — هرو ڀرو مرڪان.؟

پروين — ته ڇا مرڪڻ لاءِ به فائدي نقصان جو سوچيو آهي؟

اقبال — تو ڪان ڳالهين ۾ ڪڏهن کير ڪٽي سکيو آهي؟

پروين — ها — توهان.

اقبال — ڇڏ خوشامد — (ڪالڻ جو آواز).

آواز ١ — پڙهائي ته ٿي ختم. دوستو هاڻي رزلٽ جو انتظار ڪريو ۽ پوءِ نوڪريءَ جي ڳولا.

اقبال — (کلندي) اسين ڇو نوڪريون ڳوليون. نوڪريون ته اسان کي ڳوليندڀون.

آواز ٢ — تنهنجو وات گلاب. يار اقبال تون ته پڪ پهريون نمبر کڻندين.

اقبال — منهنجي خيال ۾ ته پهريون نمبر پروين ايندي.

پروين — اها ته نا انصافي ٿيندي جو توهان جي هوندي مون کي پهريون نمبر ملي.

آواز ١ — خير ڪير به نمبر کٽي بهرحال انجي پارٽي ضرور ٿيندي.

پروين — منظور.

اقبال — پر پارٽي منهنجي طرفان ٿيندي.

پروين — ڇو؟ توهان جي طرفان ڇو ٿيندي.

اقبال — بس، مون جو ڇيو؟

پروين — توهان جيڪي چيو سو ڪو لوهه تي ليڪو ته ڪونهي.

اقبال — بحث جي موڊ ۾ آهين ڇا؟

پروين — توهان سان بحث ڪرڻ مان فائدو؟

اقبال — آهين نه سيٺ جي ڌيءَ؟ هر ڳالهه ۾ فائدي جو پهلو ضرور ڳوليندينءَ.

پروين — فائدو نقصان ته سوچڻو ئي پوي ٿو نه .

اقبال — پر ڪيتريون ڳالهيون اهڙيون به آهن جن ۾ فائدي ڪان وڌيڪ نقصان سهڻ تي خوشي ٿيندي آهي .

پروين — اها اوهان جي فلاسافي هوندي .

اقبال — نه پروين، تون منهنجي ان ڳالهه سان ته يقينن اتفاق ڪندين ته ڪي ڳالهيون دل سان سوچڻ جون هونديون آهن ته ڪي دماغ سان .

پروين — ڳالهيون تــه سڀ دماغ سان سوچبيون آهن . پر ڪي حقيقت پسنديءَ سان سوچبيون آهن ته ڪي جذباتي انداز ۾ .

اقبال — خير، لفظن جي ڦير گهير آهــي، نه ته مقصد منهنجو به ساڳيو هو .

پروين — پلا توهان هي بحث ڪري، دعوت جو مزو ڇو پيا وڃايو!

نوشابه — اڙي پروين، اسين هتي انتظار پيا ڪريون ۽ تون هتي لڪي ويٺي آهين .

اقبال — هيءَ ته بلڪل سامهون ويٺي آهي .

نوشابه — توهان جي اوٽ ۾ نظر نٿي آئي .

پروين — هلو ته پاڻ به اوڏانهن هلون، هو سڀ ڏسو نه، ته ڪيئن نه ڪنهن ڳالهه تي پيا کلن ! (ٺهڪن جو آواز)

اقبال — آئون هتي ئي ٺيڪ آهيان .

پروين — وري ساڳي ڳالهه . . . . . هلو نه .

اقبال — پلا منهنجو هلڻ ضروري آهي ڇا؟

پروين — بلڪل ضروري آهي . . ., . . هلو، هلو نه .

soorhsindhiadab

نوشابہ — تون ڪا پڇينس ، باقي جهڙي تهڙي جي وٽ جو ناهي.
(ڪالڻ جو آواز ۽ قدمن جو آواز) هاڻي هاي ماني ڪاڻو .
(ماني ڪائڻ لاءِ وقفو) ماني واقعي ڏاڍي مزيدار هئي.

پروين — هاڻي هلڻ گهرجي ، ڪافي دير ٿي وئي آهي .

اقبال — تنهنجي مرضي .

پروين — آئون توهان کي وات تي لاهيندي ويندس .

اقبال — نہ آئون پاڻيهي ٿو وڃان .

پروين — مون کي تہ توهان جي طبيعت سمجهہ ۾ نٿي اچي ،
پلا آخر ان ۾ هرج ئي ڪهڙو آهي؟

اقبال — آئون ڪنهن بہ اهڙيءَ آڇ کي قبول ڪرڻ لاءِ تيار
ناهيان، جيڪا پاڻ بہ پوري نہ ڪري سگهان .

پروين — مون سان بہ ٿا اهي حساب رکو؟

اقبال — اصول تہ سڀني سان لاڳو آهي .

پروين — تہ پوءِ توهان جي مرضي — چڱو ، خدا حافظ.

اقبال — پروين، پڌ . . . . توکي صفيہ ياد پئي ڪيو.

پروين — تنهن ۾ توهان جو ڇا؟

اقبال — منهنجو مطلب آهي تہ تون . . . . ايندينءَ نہ؟

پروين — ڏ سان .

اقبال — سڀاڻي آئون بہ گهر هوندس .

پروين — تنهن ۾ منهنجو ڇا؟

اقبال — (سنجيدگيءَ سان) چڱو خدا حافظ .

پروين — پلا پڌو .

اقبال — هون . . . . ڇڻ .

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پروين ـــ آئون صبح ساڍي سَتين وڳي اينديس، مون کي سولٽر جو هڪ نمونو هن کان سکڻو آهي.

اقبال ـــ آئون پڌائي ڇڏيندو سانس.

پروين ـــ توهان کان ڪجهه ڪتاب به وٺڻا اٿم.

اقبال ـــ ڀاڻ ڳولي ڪڍجئين.

پروين ـــ توهين به هوندؤ نه؟

اقبال ـــ ها، ڇو ڪونه!

پروين ـــ هي ڀيا سڀ ڪيڏانهن رهجي ويا؟

اقبال ـــ سڀ ڪي ڀاڻ وانگر تڪڙا ٿورولئي آهن. تو ته ماني به چڱيءَ طرح ڪانه کاڌي.

پروين ـــ مون ڇيو هو نه، ته مون کي بک ئي ڪانهي. (زنانه ۽ مردانه گڏيل آواز ويجهو ايندا ٿا وڃن). اجهو هو به سڀ اچن پيا.

نوشابه ـــ واهه، اسين هتي ڀيا ڳوليون ته هي ڪاٿينڌي ڪاٿينڌي ويا ڪيڏانهن؟

اقبال ـــ منهنجو ڪوبه ڏوهه ڪونهي.

نوشابه ـــ خير، ڏوهاري ته منهن مان ئي پڌرا آهن.

هڪ آواز ـــ ڀيلي، اسين هاڻي وڃون ٿا ـــ خدا حافظ. (گڏيل آواز ۾ ـــ خدا حافظ).

نوشابه ـــ پروين، تون مون کي وات تي لاهيندي وڃجئين.

پروين ـــ هل . . . . . اها به ڪا چوڻ جي ڳالهه آهي؟

نوشابه ـــ ڇو، اقبال نٿو هلي ڇا؟

پروين ـــ نه.


Scanned with CamScanner

نوشابہ — ہر هيڏيءَ مهل گهڙي سواري ملنديس ۽ ڪيئن گهر وينديو؟

پروين — (ٽوڪ مان) هو پنهنجي اصول تي چڙهي گهر ويندو!

(ڪلرڪ جو آواز) چڱو خدا حافظ.

اقبال — خدا حافظ.

(گاڏيءَ جو در بند ٿيڻ ۽ اسٽارٽ ٿيڻ جو آواز)

(موسيقي)

## [ڏيک ٻيون]

(سيٽي وڄائڻ جو آواز)

آمنہ — ابا رات دير سان گهر آيو هئين ڇا؟

اقبال — (سيٽي بند ڪندي) نہ اماں توهان سويل سمهي رهي هئينءَ.

آمنہ — ابا، جلدي ننڊ اچڻ وارا وقت تہ گذري ويا هاڻ تہ سڄيون راتيون پاسا ورائيندي گذريو وڃن، بس ڪو ننڊ جو جهوٽو اچي ويو هوندم.

اقبال — مون تہ هاڻ سوچيو پئي تہ توهان جاڳنديون هونديون. پر صفيہ بہ ستي پئي هئي.

(قدمن جو آواز)

صفيہ — منهنجو نالو ڪنهن ورتو؟

اقبال — اها غلطي مون کان ٿي مائين.

آمنہ — وري شروع ٿئين نہ.

اقبال — هن ڪي پڪ ڪاوڙ هوندي تہ ڪالهہ آئون ڪيس ٻڌائڻ بنا ڇو ويس.

صفيه ــ اڳي ڪڏهن پڙهائڻ بنا ويا هجو ها ته هينئر ڏڪ نه ٿئي ها.

اقبال ــ اڙي چري - مون کي دير ٿي وئي هئي سو وسري ويم، جاڙي واٽي ٿورو ڏي ڪيم.

صفيه ــ پلا پروين آئي هئي؟

اقبال ــ ها ها، چيائين پئي ته اڄ تو وٽ ايندي.

صفيه ــ (ڪلي کي روڪيندي) مون وٽ ايندي؟

اقبال ــ پيو ڪنهن وٽ ايندي. هون!

صفيه ــ تون پائنين ٿو ته اسان کي ڪا به خبر ڪانهي.

اقبال ــ (ڪوڙي ڪاوڙ مان) ڇا خبر اٿو؟

آمنه ــ صفيه، پاڻ کي تنگ نه ڪر.

صفيه ــ آئون ته ائين ئي پئي چوان.

اقبال ــ زبان اٿئي يا ڪئنچي!

آمنه ــ چڱو جو ياد ڏياريئي ابا، ڪپڙن ڪترڻ واري ڪئنچي خراب ٿي پئي آهي اڄ ٺهرائي اچجئين.

اقبال ــ في الحال صفيه جي زبان ڪان ڪم وٺو.

صفيه ــ امان چوينس نه.

آمنه ــ توهين ته روز روز ننڍا ٿيندا پيا وڃو.

اقبال ــ صفيه.

صفيه ــ ايڏي پيار مان سڏڻ معنيٰ ڪو ضروري ڪم (ڪلڻ جو آواز).

اقبال ــ (آهستي) مون کي ڪهڙو ڪم هوندو. ها البته ايترو ٿو چوان ته مهمان جو خيال رکجئين.

صفيه ــ (ڪوڙي بيخبريءَ وچان) ڪهڙو مهمان؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اقبال — (آهستي) منهنجو مطلب آهي ته پروين . . . .

صفيه — هوءَ ته منهنجي ساهيڙي آهي، توهان جو هن سان ڇا؟

آمنه — ابا، آئون ته وڃي ٿي ڪم ڪار کي لڳان. (قدمن جي پري وڃڻ جو آواز)

اقبال — تون ته امان جي سامهون به نٿي مڙين!

صفيه — الهيءَ ۾ ئي ته، توهان جو فائدو آهي.

اقبال — ڇا مطلب؟

صفيه — مطلب هي آهي، ته هاڻ امان ويچاريءَ جا خواب هڪ خاص قسم جو رخ وٺي رهيا آهن.

اقبال — هي تون روز بروز فلاسافر ڇو پئي ٿيندي وڃين! سڌو سنئون ڇو نه ٿي ٻڌائين، ته آخر هيءُ ٿئي ڇا پيو؟

صفيه — ٿيندو وري ڇا! اوهان امتحان ڏئي ڇڏيو آهي، شاگرديءَ وارو وقت ته پورو ٿيو، آخر هاڻ گهر جون ذميواريون به کڻندؤ يا نه؟

اقبال — صفيه، توکان وڌيڪ اهو خيال مون کي آهي. مون کي اهو به احساس آهي ته امان اسان جي ماءُ به آهي ته پيءُ به — هن ڪهڙا سبي ۽ ننڍا ننڍا ڪم ڪاريون ڪري، اسان کي اهو به احساس ٿيڻ نه ڏنو ته ڪو اسان کي ڪنهن شئي جي کوٽ آهي! پر هاڻي هن کي ڪجهه به ڪرڻو نه پوندو. بس، هڪ ٻن مهينن جي ڳالهه ئي آهي، مون کي نوڪري ملي ويندي ۽ پوءِ هن گهر جو نقشو ئي بدلائي ڇڏيندس.

صفيه — پاڻ تون نه بدلجي وڃجانءِ.

آمنہ — امان، آئون ۽ صفيہ تہ آهيون، ڪجهہ ڪم هوندا تہ ڪري ۽ ڪجهہ آئون — هاڻ تہ سوچيان ٿي تہ اقبال جي شادي ڪرائي ڇڏيان، گهر ۾ ڪو نئون ڀاتي ايندو تہ رونق وڌي ويندي .

پروين — هل صفيہ، اندر هلون. (ڪلڻ جو آواز ۽ قدمن جو آواز).

آمنہ — (پنهنجي منهن) آخر شرمائجي وئي. ڪيترو بہ پڙهن، پر حياءُ ۽ شرم مشرقي ڇوڪرين جو زيور ٿي رهندو. پروين ڪيئن نہ شرمائجي وئي ڀڳي . اڄ آئون بہ اقبال سان ڳالهايان ٿي . پروين جهڙي ڇوڪري واقعي ملڻ مشڪل آهي . پر خبر ناهي، هن جو پيءُ راضي بہ ٿئي يا نہ؟ وڏا ماڻهو آهن — اقبال تہ بس، سٺي مستقبل جي اميد تي آهي . ڏسون، الله مڙئي چڱي ڪندو .

(موسيقي)

## [ڏيک چوٿون]

صفيہ — ڪمال ٿي ڪرين پروين، پر بہ بسڪوٽ بہ ڪائي نٿي سگهين !

پروين — ڀلا توسان ڪو حجاب اٿم ڇا؟ پنهنجو گهر اٿم، ٻيٽ ۾ جيڪي ماڻهو تو اوترو ڪان ٿي .

اقبال — صفيہ ڪڏهن ڪڏهن مون کي بہ ائين ٿي چوندي آهي .

صفيہ — تون بہ کائڻ جو اهڙو ٿي آهين پيو ڇا ! نيرن تہ ڪرين ڪونہ، منجهند جو هڪڙي ماني کائين، رات جو ڪڏهن کائين تہ ڪڏهن غائب .

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

پروين — ڀاءُ جو ڇڱو حساب ڪتاب ٿي رکين !

صفيه — هن ڀاءُ ڪان سواءِ منهنجو ٻيو ڪير آهي؟ ٻس، امان آهي يا ادا .

اقبال — پروين، ڪجهه شعرن جا مجموعا ورتا اٿم .

صفيه — مطلب ته هيءَ توهان جي ڪمري ۾ هلي ڏسي .

اقبال — تون ڪڏهن باز نه ايندينءَ ؟

پروين — توهين ڇو ٿا وڙهو . . . . صفيه، هل ته هلي ڪتاب ڏسون.

اقبال — صفيه، تون پهرين مون کي پاڻي ته پيار .

صفيه — پهرين ڪتاب ڏسون، پوءِ ٿي پاڻي پياريانوَ .

اقبال — (آهستي) مصيبت آهي. شڪر آهي وڃي پئي - (قدمن جو آواز )

پروين — هاڻ اڪيلي لاءِ ڇا سوچيو اٿوَ ؟

اقبال — ڪنهن جي باري ۾ ؟

پروين — پنهنجي مستقبل جي باري ۾ ، ٻيو وري ڪنهن جي باري ۾ .

اقبال — مستقبل لاءِ سوچون ته گهڻيون ئي آهن .

پروين — وڏين نوڪرين لاءِ هڪڙو مقابلي وارو امتحان ٿيو ٿئي، انهيءَ ۾ ويهندؤ ؟

اقبال — وڏين نوڪرين لاءِ مقابلو ڪرڻ جي طاقت گهرجي .

پروين — توهان وٽ ذهن جي طاقت آهي .

اقبال — انهيءَ کي نوڪريءَ جي پٺيان ڇو ضايع ڪجي؟

پروين — جملا گهڙڻ ته توهان کي اچن ٿا . پر آئون ته نهايت سنجيدگيءَ سان سوچي رهي آهيان. مون بابا سان به ان باري ۾ ڳالهايو آهي . اڄ شام جو بابا توهان کي گهر گهرايو آهي ، ايندؤ نه ؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پروين — رات تون مون سان گاڏيءَ ۾ نہ هلئين . نوشابہ ان تي ايڏي تہ حيران ٿي جو ڇا ٻڌايان .

اقبال — هنن دنيا ۾ ڏلو ٿي ڇا آهي- هو تہ هر ڳالهہ تي حيران ٿين تہ بہ ڪا وڏي ڳالهہ ڪانهي.

پروين — بابا سان ٺيڪ نموني ڳالهائجو .

اقبال — اڳي ڪڏهن خراب نموني ڳالهايو اٿم ڇا؟

پروين — توهان جي موڊ جي ڪهڙي خبر !

اقبال — ڀلا تون هاڻي ڇا ڪندينءَ ؟

پروين — ماٺ ڪري گهر ۾ ويٺي هوندس ٻيو ڇا؟

اقبال — اڳي تہ ڪاليج ۾ روز ملڻ ٿيندو هو .

پروين — هاڻي بہ توهين مون وٽ اچي سگهو ٿا ، آئون تہ توهانجي گهر ايندي رهنديس !

اقبال — تہ بہ حالتون تہ ساڳيون نہ رهنديون . روز روز ملڻ جي عادت دير سان ويندي .

پروين — نيٺ تہ انسان کي نين حالتن سان عادي ٿي وڃڻو پوي ٿو.

اقبال — ( قدمن جو آواز ) صفيہ آهي .

صفيہ — ادا ، هي ٻاڻي پيو ( قدمن جو آواز ) شايد امان آهي .

آمنہ — امان هاڻ آئي آهيان واندي ٿي .

پروين — ماسي ڪڏهن توهين بہ تہ امان جي گهر اچو نہ؟ ڇا توهين مونکي ڌاريو ٿا سمجهو !

آمنہ — نہ امان نہ .... آئون ضرور تنهنجي گهر اينديس .

صفيہ — اڄ ادا کي پروين جي ٻيءَ سڏايو آهي .

آمنہ — ها ابا ٿي اچجئين ، شل جڙيا هجو .

اقبال — توهان جون دعائون ڪلا هونديون ته پوءِ اسان کي ڪهڙو فڪر.

ماءُ — منهنجي دعائن ۾ ته رڳو توهان جو ذڪر هوندو آهي ٻچا.

صفيه — امان، پروين چوي ٿي ته ادا وڏين نوڪرين جي مقابلي واري امتحان ۾ ويهي.

ماءُ — اهو ته ڏاڍو سٺو ٿيندو.

صفيه — پر ادا جو موڊ نٿو پائنجي.

ماءُ — ڇريو ٿيو آهي ڇا؟ ابا اهڙي صلاح پيو ڪير ڏيندءِ!

اقبال — مون ناڪار ته ڪانه ڪئي امان.

صفيه — پر هاڪار به ڪونه ڪئي اٿو.

اقبال — وقت اچڻ ڏيو.

پروين — وقت ضرور ايندو پر گهٽ ۾ گهٽ فيصلو ته ڪري وٺو نه، وڏي نوڪري ۾ رتبو ملندو ته سماج ۾ به وڏي عزت ۽ مان حاصل ٿيندو. هن دور ۾ وڏي نوڪري ملڻ ڪو سولو ڪم ڪونهي.

اقبال — دنيا ۾ ڪروڙين بلڪ اربين انسان هن ڪان خراب نموني سان پيا حياتي گذارين.

پروين — مثال هميشه پاڻ کان بهتر حالتن جا ڏيڻ گهرجن. خراب حالتن جو مثال ڏيئي ڇا اهو ٿا ثابت ڪرڻ چاهيو ته اوهان هن حالت ۾ ئي خوش آهيو. پنهنجي حالت کي سڌارڻ نٿا چاهيو!

اقبال — مون اڪ ئي هن ماحول ۾ کولي آهي، تنهنڪري

soorhsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ان ڪان وڏيڪ حالت سان پوٽ ڪري نٿو سگهان.
بهرحال هي سڀ ڳالهيون آهن وقت ته اچڻ ڏيو.

پروين — ماسي توهين سمجهايوس، آخر ڪيستائين هن تصوراتي دنيا ۾ رهندو، زندگيءَ جون حقيقتون ڇو نٿو سمجهي.

آمنه — ابا، پروين ٺيڪ ٿي چوي. آخر خدا اسان جا ڏينهن به ڦيرائيندو يا نه!

اقبال — بس، بس، هاڻي امتحان جو وقت اچڻ ڏيو نه!

صفيه — (خوشيءَ وچان) واهه، ادا راضي ٿي ويو.

پروين — چڱو ڀلا هاڻ آئون وڃان ٿي.

آمنه — امان ماني کائڻ کانسواءِ ڪيئن ويندينءَ.

صفيه — ادا، توهين به ته مهمان کي مانيءَ لاءِ چئو نه!

اقبال — آئون ڇا چوان، توهين ڪافي آهيو.

پروين — پنهنجي ماني کا جدا آهي ڇا! ۽ پيو ته آئون هت مهمان به ڪونه آهيان. هاڻ بابا انتظار ڪندو هوندو تنهنڪري موڪلي وڃڻ ڏيو.

اقبال — هيترو انتظار ڪيو هوندئين، اُت اڌ ڪلاڪ وڌيڪ سهي.

پروين — چڱو ڀلا، جيئن توهان جي مرضي.

صفيه — اسان جو چوڻ نه ورتئي نه.

اقبال — هنن، وري شيطاني.

پروين — پنهي جو چوڻ ورتو اٿم.

صفيه — (ٺوڪ وچان) ڏاڍو!

(موسيقي)


Scanned with CamScanner

# [ڏيک پنجون]

سيٺ نعيم ــ اقبال، پروين هميشه تنهنجو ذڪر ڪندي رهندي آهي. مون به چيو ماڻس ته هن کي هٿ وٺي اچ، اسين به اهڙو ذهين نوجوان ڏسون ته سهي.

اقبال ــ جي....

سيٺ ــ مون کي به هن جي هم ڪلاسين مان تون وڌيڪ وڻيو آهين.

اقبال ــ اها توهان جي مهرباني آهي.

سيٺ ــ نه نه، ان ۾ مهربانيءَ جي ڪا ڳالهه ناهي. حقيقت ۾ تون هڪ ذهين ۽ شريف نوجوان آهين. مون کي اهڙا ماڻهو وڻندا آهن.

اقبال ــ آئون ڪو خاص ذهين ڪونه آهيان.

سيٺ ــ خير، هيري کي پنهنجو قدر ڪونه ٿيندو آهي. بهرحال اڄ مون توکي ڪا خاص ڳالهه چوڻ لاءِ گهرايو آهي.

اقبال ــ حڪم ڪريو.

سيٺ ــ نه نه... حڪم احڪام ڪونهي... پروين مون سان اڳ ۾ ڳالهه ڪئي هئي ته تون پڪ پهريون نمبر کڻي پاس ٿيندين!

اقبال ــ اها خبر خدا کي آهي.

سيٺ ــ بهرحال، مون کيس صلاح ڏني ته توکي وڏين نوڪرين جي مقابلي واري امتحان ۾ ويهڻ لاءِ چوي.

اقبال ــ جي ها، پروين چيو هو.

سيٺ ــ مون کي يقين آهي ته تون ان ۾ ڪامياب ٿي ويندين.

soorhinsindhiadab


Scanned with CamScanner

پروين ــ اقبال، اوهان هاڻ پنهنجي اصولن ۾ ٿوري لچڪ پيدا ڪريو. آخر هيءَ حياتي ڪيئن گهاريندؤ؟

اقبال ــ آئون اصولن تي حياتي قربان ڪري سگهان ٿو.

پروين ــ اهڙيون ڳالهيون هاڻ نه ڪريو، ڇو ته اوهان جي حياتيءَ سان ٻيون به ڪي حياتيون ڳنڍيل آهن.

اقبال ــ مثلاً؟

پروين ــ ماسي، صفيه ....

اقبال ــ بس؟

پروين ــ هر ڳالهه چوڻ ضروري ته ڪونهي.

اقبال ــ پر آئون هر ڳالهه ڪي ٻڌڻ چاهيندو آهيان.

پروين ــ ڇا، ڳالهه ڪي سمجهائڻ جي لاءِ لفظن جا سهارا ڳولڻ ضروري آهن؟

اقبال ــ لفظ به ته اظهار جو هڪ طريقو آهن.

پروين ــ ڳالهين ۾ ته توهان ڪان ڪونه کٽبو.

اقبال ــ پروين ....

پروين ــ جي ....

اقبال ــ هڪڙي ڳالهه ٻڌاءِ.

پروين ــ پڇو.

اقبال ــ تنهنجي پيءُ کي، اوچتو سون ۾ ڇو اچي دلچسپي پيدا ٿي آهي؟

پروين ــ اول ته اها اوچتي دلچسپي ڪانهي. ٻيو ته هو هر ان ڳالهه ۾ دلچسپي وٺندو آهي، جنهن ۾ منهنجي دلچسپي هوندي آهي.

soorihsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اقبال — رانديڪا خريد ڪري ڏيڻ واري عادت شايد اڃا ڪانه
وئي اٿس .
پروين — آئون سمجهان پئي ته توهان ڇا پيا سوچيو، پر توهان
جي سوچ غلط آهي .
اقبال — منهنجا گمان گهڻو ڪري درست ثابت ٿيندا آهن .
پروين — پلا ماسيءَ جن کي ڪڏهن ٿا وٺي اچو؟
اقبال — ڏسان، جلدي وٺي ايندس .
پروين — آئون انتظار ڪنديس .
اقبال — پلا، آئون هلان ٿو . سيٺ صاحب شايد گهڻو مصروف
آهي، خدا حافظ . (قدمن جو آواز)
پروين — (پنهنجي منهن) هڪ پل ۾ ڪيئن اجنبي بڻجي ويو!
(قدمن جو آواز) شايد بابا اچي پيو .
سيٺ — اقبال ويو هليو ڇا ؟
پروين — ها بابا .
سيٺ — مانيءَ لاءِ ته ترسائينس ها نه . . . . !
پروين — بس، موڪلائي هليو ويو .
سيٺ — بابا، ڊرائيور کي چوين ها ته کيس ڇڏڻ وڃي ها .
پروين — پر بابا، هو پئي ڪنهن جي ڪار ۾ ڪونه چڙهندو آهي.
سيٺ — بيوقوف آهي . . . . زندگيءَ جو ڪو تجربو ڪونهيس .
جيستائين پين جي گاڏين ۾ نه چڙهندو، تيستائين ڪيئن
پنهنجي گاڏي ملندس . . . . پر نيڪ ٿي ويندو . . . .
منهنجي صلاح تي عمل ڪندو ته سندس ست پيڙهيون
مون کي دعائون ڏينديون .

# [ڏيڪ چوڻ]

آمنه — ابا، پروين جي ڳالهه ڪهڙيون ڳالهيون ڪيون؟

اقبال — اهي ئي، سيڻن واريون ڳالهيون.

آمنه — چو، منهن ٺيڪ طرح ڪونه ڏنائين ڇا؟

اقبال — منهن ته ٺيڪ ڏنائين.

صفيه — نيٺ ڇا چيائين، جو توهان ڇڻ ته مرڪ ٻاهر وساري آيا آهيو.

اقبال — اهو ئي، ته ڪا وڏي نوڪري حاصل ڪريان.

آمنه — ابا، اها ته خيرخواهيءَ واري ڳالهه ٿي.

اقبال — ها، خيرخواهيءَ واري ڳالهه ته آهي، پر ....

صفيه — پر ڇا؟

اقبال — پر امان، آئون ڪاڻ اهڙي نوڪري قبول نه ڪندس، جنهن ۾ مون کي اثر رسوخ استعمال ڪرڻو پوي.

آمنه — پر ابا، ان ۾ ڇا آهي؟

اقبال — اهو توهان ٿا چئو امان! توهان ئي ته اسان ۾ خودداريءَ جو مادو پيدا ڪيو آهي.

آمنه — برابر پٽ، پر هي ته زماني جو دستور ٿي ويو آهي.

اقبال — آئون اهڙي ڪنهن به دستور کي مڃڻ لاءِ تيار ناهيان.

آمنه — پوءِ دنيا سان گڏ ڪيئن هلي سگهندين؟

اقبال — آئون پنهنجي دنيا پاڻ ٺاهيندس؟

آمنه — اهي پاراٺيون ڳالهيون آهن.

صفيه — ادا، توهان امتحان ته ڏجو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آمنه ــ ها ها، خدا ڪندو ته توهان ٿي پاس ٿيندين . . . .
توکي ڪنهن جي سفارش جي ضرورت ٿي ڪانه پوندي.
اقبال ــ (ٿڌو ساهه ڀري) ٺيڪ آهي، آئون امتحان ۾ ويهندس.
صفيه ــ ۽ ادا . . . . نوڪري ملئي ته پوءِ اسين هڪدم پاڇالي
گهر ۾ آئيندا سون.
اقبال ــ توهان زالن کي پيو ڪو ڪم ٻه آهي، اڃا پار اکيون
ٿي مس کوليي ته ڪنوار جي ڳولا شروع ڪريو ڏيو.
صفيه ــ (ٽوڪيندي) پاڻ کي ته چڻ پرواهه ٿي ڪانهيس!
اقبال ــ مون کان ته وڌيڪ توکي فڪر آهي.
آمنه ــ نه بابا، فڪر مون کي آهي . . . . بس، هاڻي وڙهو نه.
اقبال ــ آئون ته ضرور وڙهندس! (کلڻ جو آواز)

(موسيقي)

## [ڏيک ـــ ستون]

(ڪوپ ساهر جي کڙ کڙ جو آواز)

سيٺ ــ ادي . . . . توهان کي مبارڪون هجن. مون ته اڳيئي
چيو هو ته اقبال هن امتحان ۾ ضرور پاس ٿيندو. ايم-
اي ۾ ته پهريون نمبر آيو، پر هن پڻي امتحان ۾ به
پهريون نمبر مليو اٿس. هاڻي ڏسون ته نوڪري ڪٿي
ٿي مليس.
آمنه ــ ادا، اهي سڀ توهان جون مهربانيون آهن. جيڪڏهن


Scanned with CamScanner

اوهان صلاح نہ ڏيوس ها، تہ هو اهو امتحان ڪڏهن بہ ڪونہ ڏئي ها.

سيٺ ــ پلا اقبال ڇو نہ آيو؟

آمنہ ــ بس اسان ڪي ڇڏي هليو ويو، پروين سان بہ نہ مليو ؟

پروين ــ مون تہ ڏٺو بہ ڪونہ.

سيٺ ــ مون کي تہ اقبال ڏاڍو ٿو وڻي.

آمنہ ــ توهان جي اولاد برابر آهي.

سيٺ ــ هن کي ڏسي مون کي اها حسرت ٿــي ڪانہ رهندي آهي تہ ڪو مون کي بہ پٽ هجي ها.

آمنہ ــ پنهنجو پٽ ئي سمجهوس. مون کي بہ تہ پروين صفيہ جيتري ئي پياري لڳندي آهي.

سيٺ ــ پروين منهنجي ڪمري مان منهنجي عينڪ تہ کڻي آءُ.

پروين ــ ها بابا (قدمن جو آواز)

آمنہ ــ ادا منهنجي تہ عرصي کان خواهش هئي تہ اوهان سان پروين ۽ اقبال جي باري ۾ ڳالهايان پر همت نٿي ٿي، ڪٿي اسين غريب ماڻهو ڪٿي اوهين....

سيٺ ــ اهڙيون ڳالهيون نہ ڪريــو. آخر انسانيت بہ ڪا شئي آهي... غربت ۽ اميري پنهنجي وس ۾ تہ ڪانهي.

آمنہ ــ توهان واقعي عظيم انسان آهيو، نہ تہ ٻيو ڪير ٿو اهي ڳالهيون سوچي.

سيٺ ــ تنهن کان سواءِ مون تمام گهڻو اڳ اقبال کــي پسند ڪري ڇڏيو هو. مون کي خبر هئي تہ روشن مستقبل هن جو انتظار ڪري رهيو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آمنه — بس جهڙو به آهي، اوهان جي آڏو آهي.

سيٺ — جهڙو به آهي مون کي قبول آهي.

آمنه — پروين . . . هن کان به پڇو . . .

سيٺ — پروين منهنجي ڌيءَ آهي، هن جون نگاهون اڃ سڃاڻندو آهيان.

آمنه — ته پوءِ پڌريءَ جي ڪا تاريخ مقرر ڪريو.

سيٺ — پڌري ڇا جي، جڏهن جهه وٺي اچو . . . پر . . .

آمنه — پر ڇا . . . ؟

سيٺ — (غمگين لهجي ۾ آهستي آهستي ڳالهائي ٿو) ڪيترو عرصو ٿيو جو هي گهر به ماڻهن سان ڀريل هوندو هو . . . ۽ هاڻ . . .

آمنه — مون توهان جو مطلب ڪو نه سمجهيو.

سيٺ — منهنجو مطلب آهي ته . . . توهان سڀ هن گهر ۾ ڇو نه ٿا اچي رهو؟

آمنه — جي ! !

سيٺ — منهنجو مطلب آهي ته اقبال ۽ پروين جي رشتي کان پوءِ.

آمنه — اهو ممڪن ڪونهي، اسين پنهنجو گهر ڪيئن ڇڏيندا سين !

سيٺ — ته پوءِ پلا اقبال کي هتي رهڻو پوندو.

آمنه — اهو اقبال پڌائي سگهي ٿو، جيڪڏهن هو هتي رهڻ چاهي ٿو ته پوءِ مون کي ڪو اعتراض ڪونهي.

سيٺ — پروين منهنجي اڪيلي ڌيءَ آهي، آئون هن عمر ۾ هن کانسواءِ رهي نٿو سگهان ۽ پيو ته هوءَ نازن جي

soorihsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پليل آهي . . . . هوءَ هن گهر ۾ ئي خوش رهي سگهي ٿي . . . . بهرحال توهين سوچيو.

آمنه — آئون اقبال کي چوندس .

سيٺ — انهيءَ ۾ اقبال جو به ڀلو آهي . . . . هن جو ذهن ۽ منهنجو اثر رسوخ ملي هن جي لاءِ بهتر کان بهتر مستقبل جوڙڻ ۾ مددگار ٿيندا . هو ڪنهن اونداهي گهر جو ڏيئو بڻجي رهڻ لاءِ پيدا نه ٿيو آهي ، هن کي وڏا ڪم سر انجام ڏيڻا آهن .

آمنه — خدا توهان جي زبان مبارڪ ڪري. (قدمن جو آواز)

پروين — بابا ، عينڪ ته اتي ڪانه هئي.

سيٺ — ها ، مون ڪان پل ٿي ، عينڪ ته هتي پئي آهي . اڄ ويهه . . . . هي پيريءَ جا ڪم آهن .

آمنه — ادا آئون هاڻ ويندس .

پروين — آئون توهانکي گهر ڇڏي ٿي اچان .

آمنه — نه نه مونکي ڪا رڪشا گهرائي ڏيو ته آئون هلي وڃان.

پروين — آئون پاڻ صفيه سان به ملي ايندس .

سيٺ — ۽ ڏس ، جي اقبال اچي ويو هجي ته چئجانس ته سڀاڻي مون سان ضرور اچي ملي ، هڪڙو ڏينهن نٿو اچي ته چڻ بيي آرامي ٿيو پوي.

پروين — ها بابا ، هلو ماسي .

آمنه — خدا حافظ .

سيٺ — ادي ، خدا حافظ . منهنجي ڳالهين تي ضرور سوچجئو . (قدمن جو آواز)

(موسيقي)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# [ ڏيڪ ــــ اٺون ]

اقبال ــ مونکي خبر نه هئي ته پروين جو پيءُ اهڙا شرط وجهندو .

آمنه ــ پٽ، جوش ۾ نه اچ ، هو به اڪيلي ڌيءَ جو پيءُ آهي . هن مان به ته ڪي مجبوريون آهن .

اقبال ــ ليڪن هن اهو ڪيئن سمجهيو ته اسانکي سندس سهاري جي ضرورت آهي ! آئون ڪو به سهارو قبول ڪرڻ لاءِ تيار ناهيان .

آمنه ــ هن اٿين ته ڪونه چيو ته تون سندس آڏو هٿ ٽنگ .

اقبال ــ جيڪي ڪجهه هن چيو تنهن جو پيو مطلب اهوئي ٿي سگهي ٿو .

آمنه ــ نه نه ، هن ته پنهنجي مجبوري ظاهر ڪئي .

اقبال ــ مجبوري هن جي آهي .... منهنجي ڪانهي . . . . مونکي ته حيرت ٿي ٿئي ته هن توهان کي اهو چيو ڪيئن ! آئون . . . . آئون پنهنجو گهر ڪيئن ڇڏيندس !

آمنه ــ تون ته ڳالهه جو ڳالهوڙو پيو ناهين . جيڪڏهن هن چيو ته تون وڃي سندس گهر رهه ته ان ۾ آخر ڪهڙو حرج آهي .

اقبال ــ آئون هن جي گهر وڃي رهان ! (ڪاوڙ مان) ۽ سڄي عمر هن جي در تي پيو هجان ! نه نه ، اهو ڪڏهن به ڪونه ٿو ٿي سگهي ، ۽ توهان کي ته آئون اصل ڪونه ٿو ڇڏي سگهان .

آمنه ــ ڇڏڻ جو تو کي ڪير ٿو چوي ، روز هڪ دفعو هتي به هليو اچجئين . اسين به پيا تو وٽ ايندا سين .

soorhisindhiadab



Scanned with CamScanner

اقبال ــ ڪهڙيون ڳالهيون پيئي ڪرين امان ــ؟ پل ۾ ڏاريــن
واري گفتگو شروع ڪري ڇڏيئي ــ آئون صفيه ڪي ۽
توهان کي ڇڏي وڃان, واهه!

صفيه ــ ادا توهان کي پنهنجو گهر به ته ناهنو آهي.

اقبال ــ منهنجو پنهنجو گهر هي آهي ڪو ٻيو ناهي. آئون ڪنهن
ٻئي جي گهر کي ٿا هي پنهنجي گهر کي ڏاهڻ نٿو چاهيان.

صفيه ــ پر پروين ڇا چوندي . . . !

اقبال ــ مون پروين سان ڪوبه واعدو ڪونه ڪيو آهي. پر توهان
سان ساٿ نڀائڻ جو ازلي وعدو ڪيل اٿم.

آمنه ــ تون وري به سوچ, اهو به ته خيال ڪر ته توکي نوڪري
ضرور ڪٿي ٻاهر ملندي, پوءِ هن شرط جــو ڪهڙو اثر
رهندو؟

اقبال ــ آئون ڪنهن اهــڙي هنڌ ٻاهر وڃڻ لاءِ به تيار ناهيان
جتي توهان نه هجو. توهين هرهنڌ مون سان گڏ هوندا.

آمنه ــ ٻاراڻيون ڳالهيون نه ڪر.

اقبال ــ توهان جيئن به سمجهو, منهنجو جواب اهو آهي. آئون
هاڻي ڪاليج ٿو وڃان. خبر ناهي پرنسپال صاحب مون
کي ڇو سڏايو آهي. (قدمن جو آواز)

صفيه ــ امان هاڻي ڇا ٿيندو . . .

آمنه ــ خدا جيڪي ڪندو چڱو ئي ڪندو.

( موسيقي )

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پروين— آئون اوهان کي ڪڏهن ڪونہ ڇڏينديس بابا.... ڪڏهن بہ نہ.

سيٺ — پٽ، مون تولئہ خوشيون خريدڻ ٿي چاهيون... ڏکيو سودو آهي پر ڇا ڪريان...

پروين— توهين پاڻ کي فڪرمند نہ ڪريو... آئون بالڪل خوش آهيان.

سيٺ — تون صفيہ وٽان گهمي ڇو نٿي اچين، گهڻا ڏينهن ٿي ويا اٿئي.

پروين— سوچيان ٿي تہ وڃان يا نہ...

سيٺ — ڇو...؟ ضرور وڃ، هوءَ تنهنجي ساهيڙي آهي. اها بہ توسان رسي وئي آهي ڇا!

پروين— خبر ناهي. خير... آئون صفيہ وٽ ٿي وڃان. مون کي ضرور وڃڻ گهرجي.

سيٺ — پر جلدي اچجئين...

پروين— ها بابا... (قدمن جو آواز)

سيٺ — ٿي سگهي تہ اقبال کي وٺيو اچجئين.

(موسيقي)

## [ڏيک ڏهون]

صفيہ — ڇو پروين، هاڻ تہ واقعي عيد جو چنڊ ٿي وئي آهين. اڙي، هيڏانهن هوڏانهن ڇا پئي ڏسين.... اوهہ... سمجهيم.... ادا ڪمري ۾ آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پروين — ڀلا، توهان مون سان گڏ هلندؤ؟

آمنه — ها ها، امان ڇو ڪونه هلندو؟ اقبال وڃ، وڃي پروين کي ڇڏي اچ.

پروين — جيڪڏهن منهنجي گاڏيءَ ۾ نه هلڻ ته پوءِ آئون رڪشا ۾ به هلڻ لاءِ تيار آهيان. گاڏي پاڻهي ڊرائيور اچي ڪاهي ويندو.

اقبال — ها، رڪشا ۾ ئي هلنداسين. امان، آئون اتان ٿي پوءِ ڪجهه دوستن وٽ هليو ويندس.

پروين — هتان ته هلو، چڱو ماسي.... (قدمن جو آواز)

آمنه — خدا ڪو هوش ڏئيس، ويچاري ڪيڏي نه پريشان آهي. (قدمن جو آواز)

صفيه — امان، ادا جن ويا ڇا؟

آمنه — ها پٽ.

صفيه — خبر نه آهي هاڻ ڇا ٿيندو؟

آمنه — سمجهه ۾ مون کي به نٿو اچي، چڱي ڀلي نوڪري ڇڏي وڃي ليڪچرار ٿيو آهي. ڇوري ٿو ته هن وڏي نوڪريءَ ۾ بدليون پيون ٿينديون رهنديون. سفر وري تنهنجي لاءِ ٺيڪ ڪونهي! اڙي ڇريا، زندگي توکي گذارڻي آهي يا مون کي — آئون ته لهندڙ سج آهيان، اجها ڇڻ هيٺر لٿيس، ڪي هيٺر لٿيس.

صفيه — اهڙيون ڳالهيون نه ڪر امان.

آمنه — تنهنجو به بار لهي پوي ته ساهه آرام سان نڪريم.

صفيه — امان! (سڏڪن جو آواز)

(موسيقي)


Scanned with CamScanner

# [ڏيک يارهون]

سيٺ — اقبال آئون تنهنجو گهٽگهرو آهيان .

اقبال — مون کي خبر آهي سيٺ صاحب .

سيٺ — پوءِ تون منهنجي ڳالهه ڇو نٿو مڃين؟

اقبال — ليڪن مون کي ڪڏهن سمجهايو ته ليڪچراري هن نوڪري کان ڇا ۾ گهٽ آهي . ساڳيو پگهار ، مان ۽ عزت واري نوڪري آهي ته پوءِ هرو ڀرو ساڳي پگهار تي آئون ٻي نوڪري ڇو ڪريان؟

سيٺ — تون ٻار آهين اقبال ... توکي خبر ئي ڪانهي ته ٻنهي نوڪرين ۾ ڪهڙو فرق آهي؟

اقبال — فرق جي خبر اٿم .

سيٺ — تڏهن به تو ڇوين ته هن مان ڪهڙو فائدو ؟

اقبال — بس رڳو اها خرابي اٿــم ته هرڳالهه ۾ پنهنجو فائدو ڪونه ڳوليندو آهيان .

سيٺ — يعني تو اهو پڪو پهه ڪري ڇڏيو آهي .

اقبال — ها . . .

سيٺ — انهيءَ جو نتيجو سوچيو اٿئي —؟

اقبال — نتيجو نڪري ته خبر پوي .

سيٺ — ته توکي نه وڏي نوڪري قبول آهي ۽ نه هن گهر ۾ اچي رهڻ وارو شرط!

اقبال — آئون ڪنهن شرط کــي مڃڻ لاءِ تيار نه آهيان . مون هميشه پنهنجن شرطن تي حياتي گذاري آهي .

سيٺ — مون کي اهڙو ڪٺو جواب تو ڏين!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پروين — مون ته زندگيءَ ۾ اهڙو ڪوبه خواب ڪونه ڏٺو هئو، جنهن ۾ توهان مونسان گڏ نه هجو!

اقبال — هاڻ ته اهڙائي خواب ڏسنداسين. انهن تي ته ڪنهن جو به زور ڪونهي.

سيٺ — (اندران) پروين -

پروين — اچان ٿي بابا. چڱو خدا حافظ.

اقبال — خدا حافظ.

(موسيقي)

## [ڏيک ٻارهون]

آمنه — پٽ جيئن ٻاهران آيو آهين ماٺ ماٺ آهين ڇو؟

اقبال — ڪائي ڳالهه ڪانهي.

صفيه — پروين جي پيءُ ڇا چيو؟

اقبال — انهيءَ ڳالهه جو ذڪر نه ڪريو ته بهتر آهي.

آمنه — ايئن نه ٿئي ها ته ڏاڍو چڱو ٿئي ها.

اقبال — ڇا ٿئي ها، ڇا نه ٿئي ها، هاڻ ته سڀ ڪجهه ٿي ويو.

صفيه — خبر ناهي پروين جو ڇا حال هوندو؟

اقبال — جڏهن هوءَ پيءُ جي ضد جو مقابلو نه ڪري سگهي ته آئون ڇا ٿو ڪري سگهان؟ هاڻي آرام ڪريو رات گهڻي ٿي وئي آهي.

(قدمن جو آواز)

(موسيقي)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# [ڏيکَ ـــ تيرهون]

(صبح جو پکين جو آواز)

(موٽر جي اچڻ ۽ بيهڻ جو آواز)

آمنه ــ بابا در تي ڪا موٽر اچي بيٺي آهي !

اقبال ــ پاڙي ۾ ڪو آيو هوندو .

صفيه ــ نه نه، آهي ته پنهنجي در تي. آواز به ته پروين جي موٽر جهڙو اٿس .

آمنه ــ دروازو ته کول.

(در تي ٺڪاءَ جو آواز- در کولڻ جو آواز)

اقبال ــ (حيرت مان) سيٺ صاحب! پروين !

آمنه ــ (حيرت مان) ادا توهين ! اچو اچو.

سيٺ ــ اندر ته اچان ٿو . پر پهرين اهو ته ٻڌايو ته هي نالائق مون کي بابا نه ٿو چئي سگهي ؟ چاچا به نه ٿو سڏي سگهي ؟ سيٺ صاحب، سيٺ صاحب جي ڪڏهي رٽ لڳائي اٿس .

آمنه ــ توهين اندر ته اچو- اقبال ڏسين ڇا پيو ؟ ڪرسيون سيري وٺ.

صفيه ــ پروين مون ته سمجهيو ٿي ته هاڻ پاڻ ڪڏهن به نه ملنداسين !

پروين ــ سمجهيو ته مون به ايئن ٿي. (ڪرسيون سيرڻ جو آواز)

آمنه ــ ويهو ادا، هي صبح ساڻ ڪيئن تڪليف ڪئي اٿو؟

سيٺ ــ تڪليف . . . . پنهنجي گهر ۾ اچڻ سان ڪا تڪليف ٿيندي آهي ! آئون ته رات ئي اچان ها پر سگهه نه ساري

soorihsindhiadab

اقبال — ڀيهر غلطي نہ ٿيندي معاف ڪريو.

آمنہ — (خوشيءَ وچان) ادا، آئون ڇھ وٺي ڪڏهن اچان؟

سيٺ — ڏي بہ توهان جي، پٽ بہ توهان جو. جڏهن وڻيو تڏهن ڇھ وٺي اچو. اڙي! هي اقبال بہ شرمائي ٿو.

(سيني جي ڪلڪ جو آواز)

[ موسيقي ]

[ پورو ٿيو ]

soorihsindhiadab


Scanned with CamScanner

# روپ ڀهروپ

**ڪردار:**

اختر : نواب عظيم جو پٽ

پروين : نواب عظيم جي ڌيءُ

شهناز : نواب عظيم جي ڀهرين زال ۽ اختر جي ماءُ

راحيلہ : اسلم صاحب جي سيڪريٽري

اسلم صاحب : هڪ مشهور وڪيل

وڪيل : سرڪاري وڪيل

جمشيد : نواب عظيم خان جو سيڪريٽري

نعيم : نواب عظيم جو ڀاڻيجو

اشرف : نواب عظيم جو ڀاڻيو

نوڪر :

جج ۽ پيادا:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# [ڏيک ــــ پهريون]

( شروعاتي موسيقي )

(دروازي تي وقفي وقفي سان ٻه دفعا ڪال

بيل وڄڻ جو آواز)

نوڪر ــ (دروازي کلڻ جو آواز) جي سائين .

اختر ــ منهنجو نالو اختر آهي ، نواب صاحب مون کي ملڻ لاءِ سڏايو آهي .

نوڪر ــ ها سائين ، اچو اچو ، ڪافي دير کان اوهان جو انتظار پيو ٿئي ــ اچو ، اندر اچو .

اختر ــ مهرباني . (قدمن جا آواز)

نوڪر ــ سائين ، هن طرف هلو ، صاحب پنهنجي لائبرريءَ ۾ ويٺو آهي .

اختر ــ ( آهستي ) ڪمال آهي ! هيڏي ساري گهر ۾ ڪوبه ڪونه ٿو ڏسجي !

نوڪر ــ جي سائين ، مون کي ڪجهه چيوَ .

اختر ــ نه نه مون پنهنجي منهن پئي ڳالهايو ، ڪا ڳالهه نه آهي .

نوڪر ــ سائين مون کي حڪم آهي ته اوهان کي هن در تي پهچائي واپس وڃان .

اختر ــ عجيب ڳالهه آهي .

نوڪر ــ سائين ، صاحب ڪمري ۾ آهي . آئون وڃان ٿو ، جيڪڏهن

soorihsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مون کي صاحب هتي ڇيتل ڏٺو ته ناراض ٿيندو. هو چوندو آهي ته سندس حڪم جي خلاف ورزي نه ڪئي وڃي. (قدمن جو آواز)

اختر — (در تي آگر سان ٺڪ ٺڪ ڪرڻ جو آواز - وقفو). اندران ته ڪو جواب ئي ڪونه ٿو ملي. در کولي ڏسان - (در آهستي کولڻ جو آواز) ڪرسي ته خالي پئي آهي. هتي ته ڪير به ڪونهي. اوهه — (زور سان) هي ڇا اوه — هن کي ته ڪنهن چاقو هڻي ماري ڇڏيو آهي! شايد اجا جيئرو هجي. مون کي هن جي جان بچائڻ کپي . مون کي هن جي پيٽ مان چاقو ڪيڏي ڇڏڻ گهرجي . (زور ڏئي چاقو ڪيڏڻ جو آواز) اوهه — (در کلڻ جو آواز - زناني رڙ جو تيز آواز)

نجمه — (پري کان بابا بابا ڪندي اندر اچي ٿي) بابا هي ڇا ٿي ويو. (سڏڪن جو آواز)

اشرف — (ٻاهران پري کان قدمن جا آواز) ڇا آهي نجمه! (حيرت مان) اڙي هي ڇا! چاچا کي ڪنهن خون ڪري وڌو آهي (رعب سان) تون ڪير آهين؟

اختر — (ڪنبندي) جي آئون (ڊڄندي) آئون اختر.

نعيم — (اوچتو ڳالهه ڪاٽيندي) تون قاتل آهين. قاتل. پوليس کي فون ڪريو, ڏسو هي ڀڄي نه وڃي, جلدي ڪريو.

اختر — (رڙيون ڪندي) آئون قاتل ڪونه آهيان, مون قتل ڪونه ڪيو آهي, مون قتل ڪونه ڪيو آهي, مون کي ڇڏي ڏيو, مون کي ڇڏي ڏيو.

(موسيقي)


Scanned with CamScanner

وڪيل — ته پوءِ ڪهڙي ڏوهه ۾ ڦاسو اٿئي؟

شهناز — (خوف ۾) جوڻ ڏنا ته هن خون ڪيو آهي. سو به، سو به . . . .

وڪيل — چاچ، توهان هن ڪيس جي باري ۾ ته ڪونه پيا ڳالهايو، يعني هو عظيم خان جي خون وارو ڪيس؟

شهناز — (روئندي) ها ابا، منهنجي ٻچڙي تي هروڀرو ڪٿي اهو ڏوهه مڙهيو اٿن.

وڪيل — اوهه، اهو ته وڏو معاملو آهي. جيستائين ابتدائي معلومات جو سوال آهي، مون کي اها خبر آهي ته خوني اختر نالي ڪو آواره شخص آهي.

شهناز — وڪيل صاحب، اهڙا لفظ نه چئو. اختر جي تربيت مون ڪئي آهي. هن ته بي- اي- پاس ڪئي آهي، هو ڪنهن کي به خون ڪري نٿو سگهي، هو ته ايڏو شرميلو ۽ سادو سودو آهي جو . . .

وڪيل — هرهڪ ماءُ کي پنهنجو پٽ شرميلو ۽ سادو سودو ئي لڳندو آهي.

شهناز — نه وڪيل صاحب، آئون توهان کي پنهنجي ايمان جي ساک سان ٿي چوان ته اختر خوني نه آهي، اختر هي خون ڪري ئي نٿو سگهي!

وڪيل — اهو توهان ايڏي يقين سان ڪيئن ٿا چئي سگهو؟ اختر ڪنهن لالچ ۾ اچي به خون ڪري ٿو سگهي. عظيم خان جهڙي وڏي ماڻهوءَ جي حويليءَ تي هو ڇو ويو؟ ظاهر آهي ته اتي هو ڪجهه چورائڻ جي نيت سان ويو هوندو.

شهناز — نه نه، هن کي اتي گهرايو ويو هو. هن کي صبح جو ڪنهن ماڻهوءَ نياپو ڏنو هو.

اختر ــ امان، در ڇو کوليو بيٺا آهيو؟ منهنجي انتظار ۾!
(ڪلڻ جو آواز)

شهناز ــ نه نه، ائين ڻي، ائين ڻي. اندر هل آلا ڪپڙا بدلاءِ ڪٿي ٿڌ نه لڳي پوندي.

اختر ــ (پري ويندي) تون منهنجو ايڏو انتظار نه ڪندي ڪر امان.

(موسيقي)

(وري حال ۾ اچڻ ٿا)

وڪيل ــ هون، امان آئون واعدو ته نه ٿو ڪريان، پر اڄوڪو ڏينهن ڇڏيو ته آئون ڪيس جو مطالعو ڪريان. توهان سڀاڻي شام ڌاري اچجو.

شهناز ــ ابا، الله ڪندو وڏي ڄمار ماڻيندين، (قدمن جو آواز آهستي آهستي پري ٿيندو وڃي ٿو.)

وڪيل ــ (فون ڪڙڪڻ جو آواز) راحيلا، ڏس عظيم خان واري ڪيس جون سڀ ڪٽنگس مون ڏانهن ڪڍي اچ، جي ڪا راءِ هجنئي ته اها به پڙهي لکي ڇڏجانءِ. (فون رکڻ جو آواز- پنهنجي منهن) واقعي، هي هڪ دلچسپ ڪيس ٿيندو.

( موسيقي )

# [ڏيک ــ ٻيون]

وڪيل ــ مس راحيلا، توهان اڄ جون اپائنٽمنٽون ڪينسل ڪري ڇڏيو ءِ ها، هوءَ پوڙهي جيڪا ڪي اچي مون وٽ وئي اچوس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

راحيله — سر، مون کي لڳي ٿو ته توهان هن ڪيس ۾ ڏاڍي دلچسپي پيا وٺو.

وڪيل — هڪ وڪيل کي هن جو هر ڪيس دلچسپ لڳندو آهي ۽ ڏکيو به.

راحيله — جي سر.

وڪيل — هڪ طرف واقعات اهو ثابت ڪيو بيٺا آهن ته پوڙهي ءَ جو پٽ قاتل آهي. ڇو جو هن جو عظيم صاحب جي گهر وڃڻ ۽ عين وقت ان جو قتل ٿيڻ، وري چاقوءَ جي دستي تي هن جي آڱرين جا نشان ۽ گرفتار ٿيڻ مهل هن جو گم سم رهڻ.

راحيله — پر سر، جيتري قدر مون پڙهيو آهي ته انهي گهر جا پيا پاتي به گهر ۾ موجود هئا، جن مان هڪڙو عظيم جو ڀائيٽيو ۽ ٻيو ڀائيجو آهي، خود عظيم صاحب جو سيڪريٽري ۽ نواب صاحب جي ڌيءَ به گهر ۾ موجود هئا، ۽ ظاهر آهي ته اختر کي نواب صاحب جي ڪمري تائين به ته ڪو ماڻهو وٺي ويو هوندو؟

وڪيل — اهي سڀ ڳالهيون غور طلب آهن ۽ سڀ کان وڏي ڳالهه هن پوڙهي عورت جو بيان آهي. هن تي يقين نه ڪرڻ جو ڪو سبب ڪونهي ڇو جو پنجويهه ورهيه اڳ جي اخبارن مان هن جي بيان جي مڪمل تائيد ٿئي ٿي.

راحيله — سر، جي توهان اجازت ڏيو ته مان پنهنجي طور تي ڪجهه معلوات حاصل ڪريان.

وڪيل — چڱو جو تو پاڻ اها ڳالهه ڪئي، آئون پاڻ چاهيان ٿو ته اختر کي انصاف پلئه پوڻ گهرجي. ٿي سگهي ٿو ته هن ئي قتل ڪيو هجي. اهو ڪنهن اوچتي

soorihsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪاوڙ جو نتيجو به تي سڪهي ٿو. تي سڪهي ٿو ته
نواب صاحب هن ڪي گهرائي، اهو ٻڌايو هجي ته هو
سندس پٽ آهي ۽ انهيءَ تي اختر کي ڪاوڙ اچي
وئي هجي.

راحيله ــ بلڪل سر، توهان بلڪل ٺيڪ پيا چئو. انسان ڪڏهن
ڪڏهن ڪاوڙ ۽ جوش ۾ اچي، غلط قدم به کڻي
ويهندو آهي.

وڪيل ــ مس راحيله. توهان وڪالت نامو تيار ڪريو ۽ ان تي
اختر کان دستخط وٺي، منهنجي ملاقات جو وقت
حاصل ڪريو. مون کي سڀ کان پهرين اختر سان
ملڻو آهي.

راحيله ــ ۽ ها سر، مون اهو به معلوم ڪيو آهي ته نواب صاحب
جي ڌيءَ نجمه، اعزازي طور شام جو ڪاليج ۾
پڙهائيندي آهي.

وڪيل ــ اهو ته ڏاڍو سٺو. هن سان ملو ۽ ڏسو، متان ڪا
خاص ڳالهه ملي پوي.

راحيله ــ يس سر. (قدمن جو آواز)
(موسيقي)

## [ڏيک چوٿون]

راحيله ــ توهان جو نالو نجمه آهي؟

نجمه ــ (تمام سنجيدي آواز ۾) جي، فرمايو.

راحيله ــ مون کي راحيله چوندا آهن. آئون توهان جي والد
جي افسوسناڪ واقعي جي باري ۾ توهان کان ڪجهه
پڇڻ آئي آهيان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نجمہ — ته توهان جو واسطو پوليس سان آهي؟

راحيلہ — نہ، آئون مشهور وڪيل اسلم صاحب جي جونئر پارٽنر ۽ سيڪريٽري آهيان.

نجمہ — ته ڇا هن اهو ڪيس کنيو آهي؟

راحيلہ — ها.

نجمہ — پر، توهان اهو ڪيئن سمجهيو ته آئون ان ماڻهوءَ سان تعاون ڪنديس، جنهن منهنجي ڀيءُ جي قاتل جو ڪيس کنيو هجي!

راحيلہ — ان ڪري، جو مون کي يقين آهي ته توهان ضرور پنهنجي ڀيءُ جي اصلي قاتل کي سزا ڏيارڻ چاهيندا.

نجمہ — پر، اصلي قاتل اهو نہ آهي ته پيو ڪير آهي؟

راحيلہ — اها خبر ته تڏهن پئجي سگهي ٿي، جڏهن توهان تعاون ڪريو.

نجمہ — ته ڇا، توهان وٽ ان يقين جو به ڪو اهڙو خاص سبب آهي؟

راحيلہ — سبب ته اهڙو آهي، جو ان تي توهان کي به اعتبار ڪرڻو پوندو، پر اهو توهان کي وقت تي ٻڌائبو.

نجمہ — توهان پڇڻ ڇا ٿا چاهيو؟

راحيلہ — صرف هڪڙو سوال. ڇا نواب صاحب ڪجهہ ڏينهن کان پريشان هو؟

نجمہ — ها، خبر ناهي ڇو. مهني کن کان هو ڪجهہ منجهيل پئي لڳو.

راحيلہ — توهان سبب ڪونہ پڇيس؟

نجمہ — پڇيو هئم -

راحيلہ — پوءِ ڇا چيائين؟

soorihsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نجم ـــ چيائين ته ڪا فڪر جي ڳالهه ڪانهي. وقت ايندو ته ٻڌائي ڇڏينديس.

راحيله ـــ ڀلا، هن سان ملڻ وارن ۾ ڪهڙا ڪهڙا خاص ماڻهو هوندا هئا؟

نجم ـــ وڪيل چاچا کان سواءِ هن جي ڪنهن سان به دوستي ڪونه هوندي هئي. بس جڏهن هو ايندو هو ته شطرنج راند ۾ شروع ٿي ويندا هئا.

راحيله ـــ ڀلا، واقعي واري ڏينهن به وڪيل وٽس آيو هو؟

نجم ـــ آيو ته ڪونه هو، پر پاڻ ان کي فون ڪري گهرايو هئائين ۽ هن جي اچڻ کان ٿورو اڳ.... (سڏڪن ڀرڻ جو آواز)

راحيله ـــ معاف ڪجو، مون توهان جي دل ڏکائي، هاڻ آئون وڃان ٿي. وري ملنداسين.

نجم ـــ خدا حافظ.

( موسيقي )

## [ڏيک ـــ پنجون]

وڪيل ـــ مسٽر اختر، توهان جي والده مون کي توهان جو وڪيل مقرر ڪيو آهي.

اختر ـــ (اداسيءَ مان) سڀ شاهديون منهنجي خلاف ثابت ٿي چڪيون آهن. هاڻ ڇا ٿيندو؟

وڪيل ـــ اهو سوچڻ منهنجو ڪم آهي، پر مون کي خود توهان جي بي گناهي ثابت ڪرڻ لاءِ توهان جو تعاون گهرجي.

اختر ـــ آئون ته ڏوهاري آهيان سائين!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وڪيل — ڇا، تو خون ڪيو آهي؟

اختر — نه.

وڪيل — ته پوءِ پاڻ کي ڏوهاري سمجهڻ ڇڏي ڏي، قانون تو سان ضرور انصاف ڪندو. بس، تون رڳو مون کي يقين ڏيار ته مون سان هميشه سچ ڳالهائيندين.

اختر — ڪوڙ ته مون سڄي زندگيءَ ۾ ڪڏهن ڪونه ڳالهايو آهي وڪيل صاحب. مون کي منهنجي ماءُ ڪوڙ ته ڪنين ڪونه وڌو آهي!

وڪيل — مسٽر اختر، توهان جي ماءُ کي توهان جي بي ڳناهيءَ جو پورو پورو يقين آهي. مون کي هاڻ اهو ٻڌايو ته توهين نواب صاحب وٽ ڇو ويا هئا؟

اختر — سائين، آئون پاڻ ته ڪونه ويو هئس، پر ڪو وڪيل مون کي ڇڏي ويو هو ته نواب صاحب مون سان ملڻ ٿو چاهي.

وڪيل — ۽ توهان، اهو ڄاڻڻ کان سواءِ ته آخر نواب صاحب ڪير آهي، هو توهان سان ڇو ٿو ملڻ چاهي، هن سان ملڻ هليا ويا!

اختر — هن وڪيل مون کي چيو هو ته شايد نواب صاحب مولکي ڪا نوڪري ڏيڻ ٿو چاهي، ۽ ان جي مون کي ضرورت به هئي.

وڪيل — هون .... پوءِ؟

اختر — شام جو پنجين وڳي آئون جيئن ئي نواب صاحب جي حويليءَ تي پهتس ته اهي حالات پيش آيا.

(وقفو ۽ موسيقي)

soorhsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وڪيل — ته تو نواب صاحب کي ڀهرين ڪڏهن به ڪونه
ڏٺو هو؟

اختر — نه.

وڪيل — ظاهر آهي ته جن ماڻهن سان تنهنجي اڳ ملاقات نه
ٿي هوندي، اهي تنهنجا دشمن ڪيئن ٿا ٿي سگهن؟
۽ ها.... ڇا، توکي اها خبر آهي ته تنهنجو پيءُ
ڪير هو؟

اختر — ها، منهنجو پيءُ هڪ غريب شخص هو. هو منهنجي
ڄمڻ کان ترت پوءِ وفات ڪري ويو هو. بس، پوءِ
امان مون کي پيءُ ٻنهي پاليو آهي.

وڪيل — خير، هاڻي ڏسڻو اهو آهي ته ڪير آهي، جو توکي
خون جي ڏوهه ۾ ڦاسائڻ ٿو گهري!

اختر — ته توهان کي پڪ آهي سائين، ته آئون خوني
ڪونه آهيان؟

وڪيل — جيڪڏهن تنهنجو بيان حرف بحرف صحيح آهي، ته پوءِ
ڪوبه فڪر نه ڪر. چڱو، هاڻ آئون وڃان ٿو...
خدا حافظ.

اختر — خدا حافظ.

( قدمن جو آواز ۽ موسيقي )

## [ڏيک ڇهون]

(ڪورٽ، ماڻهن جو هاڪو ڪوڙ، ٽائيپ
جي ٽڪ ٽڪ جو آواز)

اسلم — يوئر آنر، مون کان ڀهرين آئون هڪ دفعو وري مختصر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اسلم — ٻيو ڪجھ؟

نوڪر — بس سائين، شام جو اهو ماڻهو آيو، جنهن لاءِ نواب صاحب سون کي چيو هو ته هن کي هرگز اندر وڃڻ نه ڏيان... ۽ پوءِ... پوءِ اندر وڃي رڙيون ٿيون.

اسلم — ٺيڪ آهي. تون وڃي سگهين ٿو. هن نقطي کي ڌيان ۾ رکيو وڃي. يوئر آنر.

جج — عدالت جي ڪارروائي سڀاڻي صبح تائين ملتوي ڪئي ٿي وڃي.

(ماڻهن جا ڳالهائڻ آواز)

(موسيقي)

# [ڏيک ستون]

راحيلہ — سر، مس نجم آئي آهي.

(قدمن جو آواز)

اسلم — اچو اچو، توهان سچ پچ ته سون تي وڏي مهرباني ڪئي آهي، جو هتي هلي آيا آهيو، ويهو.

نجم — وڪيل صاحب.

اسلم — منهنجو نالو اسلم آهي.

نجم — اسلم صاحب، آئون دلي طور چاهيان ٿي ته بابا جو قاتل هٿ اچي.

اسلم — انهيءَ لاءِ ته آئون پاڻ ٻتوڙي رهيو آهيان.

نجم — ليڪن توهان جي ان شڪ جو سبب ڇا آهي، ته قاتل اهو شخص نه پر ڪو ٻيو آهي؟

soorhsindhiadab


Scanned with CamScanner

نجمه — مون کي ان جو ڪو به اندازو ڪونهي.

اسلم — ڀلا نواب صاحب ڪنهن کي وڏيڪ پيئيندو هو؟

نجمه — اها به خبر ڪونه اٿم، ڇو جو هو ته ٻنهي کي هڪ برابر رکندو هو.

اسلم — آخري سوال، توهان جو.... منهنجو مطلب آهي ته توهان جو لاڙو ڪنهن ڏانهن وڌيڪ آهي؟

نجمه — سچ ته اهو آهي ته آئون ٻنهي کي پنهنجو پياءُ سمجهندي آهيان.

اسلم — خير، اهو ته اٿين ئي پڇيم.

(قدمن جو آواز)

راحيله — سر چانهه.

اسلم — چانهه پيئو مس نجمه.

نجمه — مهرباني. (ڪوپ کڙڪڻ جو آواز)

اسلم — ڀلا نواب صاحب گذريل ڏينهن ۾ ڪجهه پريشان ته ڪونه هو.

نجمه — اهو ته آئون راحيله کي ٻهرين پڏائي چڪي آهيان. ڪو خاص پريشان ته ڪونه هو. البته هڪ رات جڏهن گهر آيو.

(موسيقي)

## (فليش بيڪ)

(طوفاني رات جو تاثر)

نجمه — ڇو بابا، ڇا ڳالهه آهي اڄ توهين ڪجهه پريشان پيا ڏسجو؟

soorihsindhiadab



Scanned with CamScanner

نواب — نه نه پٽ، اهڙي ڪا ڳالهه ڪانهي آءٌ ٿورو ڪم سان ويو هوس.

نجم — توهان ماني کائو.

نواب — نه نه (آهستي جهيڻي آواز ۾) مون کي بک ڪانهي بک ڪانهي.

نجم — بابا ڪا ڳالهه آهي جيڪا توهين مون کان لڪايو ٿا.

نواب — ها ڪا ڳالهه آهي پر آئون جلدي اها ڳالهه توکي ٻڌائي ڇڏيندس.

نجم — (ضد ڪندي) ڪڏهن؟ هينئر ٻڌايو نه.

نواب — وقت اچڻ ڏي، آئون توکي سڀڪجهه ٻڌائيندس. نجم.

نجم — جي بابا.

نواب — جيڪڏهين توکي خبر پوي ته تنهنجو بابا هڪ غلط ڪار شخص آهي ته تون....

نجم — (ڳالهه ڪٽيندي) اهڙيون ڳالهيون نه ڪريو بابا. مون کي خبر آهي ته منهنجو بابا هڪ عظيم شخص آهي. ڪيئن بابا؟

نواب — ها ها تنهنجو بابا. خير هل ماني کائون.

نجم — بابا سيڪريٽري ٻه دفعا توهان جو پڇي ويو آهي.

نواب — هو نهايت ايماندار ۽ محنتي شخص آهي، مونکي هن تي پورو پورو ڀروسو آهي.

نجم — آئون هن کي چڱي طرح سڃاڻان. هو نيڪ آهي بابا، تڏهن ته توهان جي نظر داري ته ضروري آهي.

نواب — پر تون آهين، نعيم آهي، اشرف آهي، آخر توهين چونه ٿا ڏندي ڏاڙيءَ ۾ هٿ وجهو؟

نجم — او بابا.


Scanned with CamScanner

نواب ـــ خير جيستائين آءٌ آهيان تون فڪر مند نہ ٿي. هونءَ بہ جلد آئون توکي هڪ چڱي خبر ٻڌائيندس.

نجم ـــ الا- ڪيستائين انتظار ڪريان؟

نواب ـــ بس ٿورو وقت. ٿورو وقت.

(فليش بيڪ)

نجم ـــ (سڏڪن جو آواز) ان ڏان ڪجھہ ڏينهن پوءِ . . . .

اسلم ـــ مون کي افسوس آهي جو هن واقعي کي دهرائي مون توهان کي ڏکويو. بهرحال ڇا ڪجي، جيڪا رب جي رضا!

نجم ـــ اسلم صاحب آئون اجازت وٺندس.

اسلم ـــ مهرباني، مهرباني، راحيلہ مس نجم کي در تي ڇڏي آءُ.

(قدمن جو آواز)

(موسيقي)

# [ڏيک ـــــ اٺون]

اشرف ـــ خبر ناهي نجم ڪيڏانهن هلي وئي آهي.

نعيم ـــ ڪنهن کي ٻڌائي بہ تہ ڪانہ وئي آهي. (قدمن جو آواز) اچو سيڪريٽري صاحب.

سيڪريٽري ـــ ڇو سائين فڪر مند پيا لڳو.

نعيم ـــ خبر ناهي نجم بنا ٻڌائي سويل ڪان ڪيڏانهن وئي آهي!

سيڪريٽري ـــ مس نجم ڪا ننڍڙي ٻار تہ ڪانهي، سمجھو چوکري آهي، وئي هوندي ڪنهن سان ملڻ، توهان فڪرمند ڇو ٿا ٿيو؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اشرف — ڪمال آهي هيتري دير ڪان هوءَ آلي ڪانهي .(قدمن جا آواز) اوهه، نجمه اچي وئي .

نجمه — چو خير ته آهي ؟ !

سيڪريٽري - بي بي، هي سڀ تنهنجي لاءِ فڪر مند هئا .

نجمه — ڪمال آهي، آئون ڪا ننڍڙي ته ڪونه آهيان .

نعيم — تڏهن به تون ڪيڏانهن وئي هئينءَ؟

نجمه — اهو ٻڌائڻ ضروري ڪونهي .

اشرف — ته لڪائڻ جي به ڪهڙي ضرورت آهي ؟

نجمه — (لاپرواهي سان) آئون توهان کي ٻڌائڻ لاءِ ٻڌل ته ڪانه آهيان .

اشرف — اسين توڪان ٻه چار ڏينهن وڏا آهيون .

نجمه معاف ڪجئو، توهان جي وڏي هجڻ سان مون تي ڪو به اثر ڪونه ٿو پوي .

سيڪريٽري — اوه ، وڙهو ته نه ، ان سان عظيم صاحب جي روح کي تڪليف ٿيندي .

نجمه — ڪنهن کي هن جي روح جو فڪر آهي ! هونهه.

(قدمن جو آواز)

سيڪريٽري — مسٽر اشرف، توهان کي نجمه بي بيءَ سان ائين ڳالهائڻ نه گهربو هو .

نعيم — پر هن کي به اسان جو خيال رکڻ گهرجي .

اشرف — آخر هوءَ اسان کي بلڪل ائين چو ٿي سمجهي - اسين سندس عزيز آهيون.

سيڪريٽري — بيشڪ، توهين هن جا عزيز آهيو پر هوءَ خود سمجهو آهي .

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نعيم — توهان کي اسان جي ذاتي معاملات ۾ دخل ڏيڻ نه گهرجي.

سيڪريٽري — آئون معافي ٿو وٺان، آئينده اهڙي ڳالهه نه ڪندس، مون کي اجازت ڏيو.

(قدمن جو آواز)

اشرف — هونهه... "خود سمجهو آهي"... اسين ڇڻ ته هن جا نوڪر آهيون.

نعيم — پر هن سيڪريٽريءَ جو وڃ ۾ ڇا ٿو وڃي- هر ڳالهه ۾ اڙڪيو بيٺو آهي.

اشرف — اڇا رکو ڏورو وقت ٿيو اٿس ته ڇڻ سائث ٻنجي ويو آهي. هونهه... بهرحال، اهو ڏسڻ گهرجي ته نجم اڄ وٽي ڪيڏانهن هئي.

نعيم — آئون پاڻ ڪوشش ڪندس ته اها خبر لهان- صبحائي وري شنوائي آهي.

اشرف — ها، منهنجو خيال آهي ته هاڻ هلي آرام ڪجي.

(قدمن جو آواز)

(موسيقي)

## [ڊيڪ ناڻون]

اسلم — اڇو اڇو مس نجم، معاف ڪجو مون توهان وٽ اڄي گفتگو ڪرڻ مناسب نه ڄاتو تنهنڪري توهان کي هت اچڻ جي دعوت ڏنم.

نجم — ڪا ڳالهه نه آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جج — آرڊر، آرڊر . . . عدالت جي ڪارروائي سڀاڻي صبح تائين ملتوي ڪئي وڃي ٿي .

( ماڻهن جي اٿڻ جو گوڙ )

( موسيقي )

## [ ڏيک يارهون ]

اسلم — شاهد ته سڀ پورا ٿيا، ۽ اها ڳالهه صاف طور معلوم ٿي چڪي آهي ته قاتل اختر نه بلڪ ڪو ٻيو آهي، پر اهو آهي ڪير؟

راحيله — سر، مونکي ته هي معاملو الجهيل ٿو لڳي . . . . نعيم ۽ اشرف جو ذهني ڏانهن رويو به عجيب آهي . هن مون کي ٻڌايو آهي ته هاڻ هو پئي ڪيس ڏاڍو تنگ ٿا ڪن.

اسلم — پر انهيءَ مان به اهو ثابت ڪونه ٿو ٿئي ته ڪو هو ئي قاتل آهن .

راحيله — سر، اوهان جي ذهن ۾ ضرور ڪو اهڙو نالو هوندو جنهن تي اوهان جو شڪ هوندو؟

اسلم — نه في الحال نه . . . . نوڪر جو بيان، اشرف ۽ نعيم جو بيان ۽ سيڪريٽريءَ جو بيان، سڀني جو پاڻ ۾ اهڙو ربط آهي جو ڪٿان به ڪا ڪڙي گم ٿيل نظر ڪونه ٿي اچي . (در تي ڪڙڪي جو آواز) ڏس ته شايد ڪو آيو آهي .

راحيله — (قدمن جو آواز) اچو، اچو . . . . هينئر وڪيل صاحب وينو آهي .

اسلم — (زور سان) ڪير آهي؟

soorihsindhiadab


Scanned with CamScanner

# [ڊيک ٻارهون]

اسلم — او مسٽر . . . . مسٽر ٻڌ ته سهي.

نوڪر — ڪير، وڪيل صاحب.

اسلم — اڙي يار اڌ ميل کان پيو توکي سڏ ڪريان ٻڌڻ ئي ڪونه ٿو.

نوڪر — واهه سائين، ڪورٽ ۾ ته اهڙا سوال ٿي پڇيئي جو اصل قاسي ڪهاٽ نظرن جي سامهون اچي ويو ۽ هاڻ يار ۽ دوست پيا بڻايو.

اسلم — ادا، ڏنڊو ئي اهڙو آهي، تون پاڻ چئه تنهنجو مالڪ توکي جيڪي چوندو اهو ڪونه ڪندين.

نوڪر — (ٿڌو ساهه ڀري) ها سائين چوين سچ ٿو.

اسلم — ڀلا، ٻڌ ته سهي . . . . اڄڪلهه ڀاڄيءَ مان بچت ته ضرور ڪندو هوندين.

نوڪر — اڙي سائين، اڳ ئي ڀاڄي ايتري ته مهانگي آهي- اهي بچت وارا ڏينهن ويا.

اسلم — ٻڌ ته سهي، تنهنجي صاحب جي لائبريري ته ٻڌو اٿم ڏاڍي سٺي آهي.

نوڪر — سائين، بس ڪتاب ئي ڪتاب آهن.

اسلم — اسان کي به ته ڏيکار.

نوڪر — بي بيءَ کي چوان، هوءَ توهان کي سڀ ڪتاب ڏيکاريندي.

اسلم — نه يار، تون هلي لائبريري ڏيکار ته مڃانءِ.

نوڪر — ائين آهي . . . ته پوءِ هيٺئر ئي هلو . . . اشرف صاحب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪهڙي آهي جي ڇپايون ته چونڊوسانس ته توهين ڪم لاءِ ٻيا ٻه سان ساڻ آيا آهيو.

اسلم — ڇو لائبريريءَ ۾ ڀڃيان وڃڻ جو ڪو رستو ڪونهي؟

نوڪر — آهي ڇو ڪونه، پر ان جي چاٻي ڪم تي وئي آهي. تڏهن ته اصل تالوئي ڪنجي ويو اٿس.

اسلم — اڇا . . . (حيرت جو اظهار).

نوڪر — پر سائين، چڱو جو ياد ڏياريو. ان ڏينهن جڏهن نواب صاحب جو خون ٿيو هو ۽ پوليس آئي هئي ته منهنجي هٿ لائڻ تي دروازو کلي پيو هو . . ها سائين ياد آيو . . . ان وقت ته دروازو کليل هو (پنهنجي منهن) پر ڪالهه ته مون ڀاري ڏيڻ مهل دروازو ڏٺو هو، بند هو . . خبر ناهي . . . ڪو حساب ته ڪونهي ڪمري ۾! ڪو ڪوجن آهي . . . نه بابا . . . آئون ته هن ڪمري ۾ نه هلان!

اسلم — چڱو ادا، مهرباني.

نوڪر — ڇو سائين، هلو لائبريري ڏسو ته.

اسلم — نه يار، بس ڪنهن مهل اچي مس نجمه سان گڏ ڏسندس.

نوڪر — (حيرت مان) توهان جي مرضي.

(موسيقي)

## [ڏيک تيرهون]

(نجمه جو گهر، (گهنٽي وڄڻ جو آواز)

نجمه — بابو، ڏس ڪير آهي؟

نوڪر — جي، بي بي. (قدمن جو آواز در کلڻ جو آواز) اچو سائين اچو.


Scanned with CamScanner

نجمه — ڪير آهي؟

نوڪر — بي بي، وڪيل صاحب آيو آهي.

نجمه — اوه، توهان، راحيله به آهي!

راحيله — ها، اڄ خيال آيو ته توهان سان ملڻ اچجي.

نجمه — توهان جي وڏي مهرباني.

اسلم — مس نجمه، هتي پيو ڪو ڪونه ٿو ڏسجي.

نجمه — نعيم ۽ اشرف ويا آهن ڪنهن ڪم سانگي- توهين ويهو، بابو چانهه ڪٽي اچ.

اسلم — اوه، تڪلف جي ڪابه ضرورت ناهي.

نجمه — ان ۾ تڪلف ڪهڙو.

اسلم — نواب صاحب گهر ته ڏاڍو سٺو ٺهرايو آهي.

نجمه — (ٿڌو ساهه ڀري) بابا کي اڏاوت سان عشق هو، هي گهر ته سندن غير موجودگيءَ ۾ ٺهيو هو، اڃان ته خبر ناهي گهر ۾ چا چا ڪرڻ ٿي چاهيائين. . . پر . . .

اسلم — بس، قسمت سان ڪهڙي ويڙهه.

نجمه — ڀلا ڪيس ڪيستائين هلندو؟

اسلم — بس، اميد ته هن ٻي شنوائي تي معاملو صاف ٿي ويندو.

نجمه — ليڪن ڪيئن؟

اسلم — ڏسو ڳالهه ته بلڪل واضح ٿي ويئي آهي ته نواب صاحب کي ڪنهن اهڙي ماڻهوءَ قتل ڪيو آهي جيڪو ان ڪان واقف هئو ته نواب صاحب ڪهڙي وقت ڪهڙي جاءِ تي موجود هوندو- بلڪ اهو به ته ان وقت هو ڪنهن جو انتظار ڪندو هوندو.

نجمه — ان ڳالهه جو قتل سان ڪهڙو واسطو!

soorihsindhiadab


Scanned with CamScanner

راحيلہ — سڀ پڌان ويٺي. مون کي هن ڪيس ۾ جيتري دلچسپي نظر آئي آهي، اها ٻئي ڪنهن ڪيس ۾ نظر نہ آئي.

نجم — منهنجي دل چاهي ٿي تہ جلد هن ڪيس جو فيصلو ٿي وڃي. (چانهہ پيئڻ ۽ ٿانو کڙڪڻ جا آواز)

اسلم — بلڪل، اها تہ قانون جي بہ خواهش آهي. چڱو ڀلا، هاڻي اسين هلون ٿا.

نجم — توهان جي وڏي مهرباني، خدا حافظ. (قدمن جو آواز)

(موسيقي)

# [ڏيک چوڏهون]

راحيلہ — سر... لڳي ٿو تہ توهان سڄي رات ڪونہ سُتا آهيو...

اسلم — تو سگريٽ جي ٽوٽن مان اندازو لڳايو آهي ڇا؟

راحيلہ — سر، مون کي خبر آهي تہ اوهان سگريٽ پيئندا ئي ڪونہ آهيو... پر هيترا سگريٽ ڪنهن پيتا آهن، سي بہ ڪي عام سگريٽ نہ ٿا لڳن.

اسلم — اهو واقعي سوال آهي مس راحيلہ. ڪالهہ مون اختر جي اڪيلي گهر واري هڪ پاڙيسري ۽ کي هٿ گهرايو هو.

راحيلہ — هن سان ڪهڙو ڪم هو؟

اسلم — هڪ معلومات وٺڻي هئي.

راحيلہ — تہ شايد ان فوٽوءَ جي سڃاڻپ ڪرائڻي هئي؟

اسلم — ها.

راحيلہ — توهان پڪ ڪنهن نتيجي تي پهچي چڪا آهيو؟

اسلم — منهنجي لاءِ اهو ڪم ڪو ايڏو ڏکيو ڪونہ هو، پر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

رکيو اهو مسئلو هو جو مائي شهناز اهو راز پٽ کان لڪائڻ ٿي گهريو ته ڪو هو نواب صاحب جو پٽ آهي. سو هاڻ مس مس وڃي مڃيو ائس ، اهو رات جو گهر وڃي مڃايو اٿمانس . مون صاف چيومانس ته ڪورٽ ۾ اختر کي ٻي ڏوهي ثابت ڪرڻ لاءِ ان حقيقت جو انڪشاف ضروري آهي ، تڏهن ئي هن مون کي سندس نڪاح نامي جي ڪاپي ۽ ڪجهه نواب جا خط به ڏنا ۽ هاڻ...

راحيله — سر ، هيءَ عورت مون کي ڏاڍي عظيم ٿي لڳي. هن ڪيترين نه مشڪلاتون ڏٺيون آهن .

اسلم — ها ۽ ڏس نه هوءَ پنهنجي پٽ کي صرف ان ڪري اهو ٻڌائڻ نٿي چاهي ته هو نواب جو پٽ آهي ، جو ڪيس احساس ٿو ٿئي ته سندس پٽ کيس ڪوڙو ۽ خبر ناهي ڇا سمجهندو. راحيله انسان جي اصلي پرک ته آزمائش جي وقت ئي ٿيندي آهي .

راحيله — سر ، ڪالهه شام جو هڪ ڪال آيو هو جنهن ڪانپوءِ تو‌ن‌ان جو موڊ ڏاڍو خراب ٿي ويو هو.

اسلم — هنه . هڪ اڻواقف شخص جو ڪال هو هن چيو پئي ته اختر جي ڪيس تان هٿ ڪڍي وڃ نه ته . . .

راحيله — اوهه . . . اهڙو ڪريل ڪير ٿي سگهي ٿو ؟

اسلم — تون هاڻ وڌيڪ سوال نه پڇ ، ٿوري دير ڪانپوءِ ڪورٽ هلڻو آهي .

راحيله — (کلي) او ڪي سر . . . .

(موسيقي)

# [ڊيڪ - پندرهون]

ڪورٽ - (ميز تي مترڪي جو آواز ۽ ماڻهن
جو آواز ختم ٿئي ٿو)

اسلم - هاڻي آءٌ معزز عدالت جي اجازت سان هڪ شاهد کي وري پيش ڪرڻ جي اجازت گهرندس.

جج - ڇا ان شاهد کان وري پڇا ڪرڻ ضروري آهي؟

اسلم - يور آنر، نئين مليل ثبوت جي بنياد تي اهو نهايت ضروري ٿي پيو آهي ته هن شاهد کي پيش ڪيو وڃي، ان سان ڪيس جي نوعيت ئي بدلجي ويندي.

سرڪاري وڪيل - لڳي ٿو ته وڪيل صفائي کي ڪو مضبوط ثبوت هٿ اچي ويو آهي، انهيءَ ڪري وڏيڪ وقت ورتو پيو وڃي.

اسلم - انصاف ۽ قانون جي تقاضائن کي پورو ڪرڻ لاءِ ٿوري دير برداشت ڪري سگهجي ٿي.

جج - شاهد پيش ڪيو وڃي.

اسلم - آءٌ مرحوم نواب صاحب جي سيڪريٽري مسٽر جمشيد کي وري گهرائڻ چاهيان ٿو.

جج - مسٽر جمشيد کي پيش ڪيو وڃي!

سرڪاري وڪيل - ليڪن هو ته ملازم ماڻهو آهي. هن جو ڪيس سان ڪهڙو واسطو!

(ماڻهن ۾ چوبول ۽ ميز تي مترڪي جو آواز)

جج - خاموش... خاموش...

اسلم - آئون ڪورٽ جي اڳيان سڀ کان پهرين هي انڪشاف ڪرڻ چاهيان ٿو، ته اختر، يعني ملزم، نواب صاحب جو پٽ آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner
soorthsindhiadab

( ڪورٽ ۾ زبردست ڀڻ ڀڻ ۽ وري جج جو ھتوڙو
۽ آرڊر جو آواز )

جج — ڇا اھو سچ آھي ؟

اسلم — جي ھا، ۽ ھي يور آنر، ان جو ثبوت، نواب صاحب ۽ مسمات شھناز جو نڪاح نامو.

اختر — (رڙ ڪري) اُف ھي آئون ڇا پيو ٻڌان!

اسلم — مون کي خبر ھئي ته توھان تي ان ڳالھ جو وڏو اثر پوندو، پر ان کان سواءِ ڪو چارو ڪونه ھو.

اختر — ليڪن امان . . . امان مون سان ڪوڙ ڳالھايو .

اسلم — نه مسٽر اختر، توھان جي ماءُ رڳو توھان کي محروميءَ جي احساس کان بچائڻ لاءِ ھيءَ ڳالھ، توھان کان لڪائي ھئي. ھن پنھنجا غم لڪائي توھان کي خوش رکڻ ٿي چاھيو.

جج — غير ضروري ڳالھين کان پاسو ڪيو وڃي ته جيئن عدالتي ڪارروائيءَ ۾ رخنو نه پوي.

اسلم — آئون معافي ٿو گھران، ليڪن ڇا ڪريان جذباتي ٿي ويس. بھرحال، يور آنر، ھيءَ اھم ڳالھ رڪارڊ تي رکي وڃي. ھن معلومات جي بنياد تي پيا به ڪيترا اھم ثبوت ھٿ آيا آھن، جنھن جي ڪري ھيءَ شاھدي وٺڻ ضروري ٿي پئي آھي. مسٽر جمشيد، توھان جو اصل نالو ؟

جمشيد — جي، آئون مطلب ڪونه سمجھيس .

اسلم — مون توھان کان ھڪ معمولي سوال پڇيو آھي، توھان کي گھر ۾ ڪھڙي نالي سان سڏيو ويندو آھي .

جمشيد — جي . . . . جمن . . . . جمشيد .

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اسلم — توهان عظيم صاحب وٽ ڪڏهن ڪان ملازم هئا؟

جمشيد — ان ڪي ڪي ڪهڻا ڏينهن ڪونه ٿيا .

اسلم — تڏهن به .

جمشيد — جڏهن عظيم صاحب يورپ مان واپس پئي آيو تڏهن جهاز ۾ هن جي مون سان ملاقات ٿي هئي ، هن ڪي سيڪريٽري جي گهرج هئي ۽ مونکي نوڪري جي .

اسلم — توهان اصل ڪهڙي شهر جا رهاڪو آهيو؟

جمشيد — هتي جو ، بلڪل هن شهر جو .

اسلم — هن ، ۽ توهانجو اصلوڪو گهر؟

جمشيد — اسٽيشن جي پرسان . . . .

اسلم — جتي اڄ مسمات شهناز رهندي هئي . يور آنر ، هي ڳالهه نوٽ ڪئي وڃي ته مسٽر جمشيد ملزم اختر جي والده جي اڪيلي گهر وٽ رهندو هو . پڻ اڪرن ۾ هنن جو پاڙيسري هو .

جمشيد — ليڪن . . . . ليڪن . . . .

اسلم — توهين صرف سوالن جا جواب ڏيو . ته ها ، هتي ڪورٽ ۾ ويٺل ماڻهن تي نظر وجهو ۽ ٻڌايو ته توهين ڪنهن ڪنهن کي سڃاڻو ٿا ؟

سرڪاري وڪيل — ليڪن ان ڳالهه جو هن ڪيس جي ڪاروائي سان ڪهڙو واسطو!

اسلم — يور آنر . . . . آئون تمام ضروري ڳالهه ثابت ڪرڻ ٿو چاهيان . . . .

جج — جواب ڏنو وڃي .

جمشيد — ساڄي ڪان ڪاٻي نجمه بي بي ، نعيم ، اشرف صاحب ۽ . . . . ۽ . . . . ڪورٽ جا ڪارڪن .

soorihsindhiadab


Scanned with CamScanner

معاملو رقابت جو آهي ۽ مون ڪا ثبوت ٿي
ڳوليا . . . اهڙا ثبوت جن جي آڌو ڏوهاريءَ جا سمورا
بچاءَ جا رستا ختم ٿي وڃن .

سرڪاري وڪيل ـــ اسلم صاحب توهان کي ڪيس کٽڻ جي
مبارڪ هجي .

اسلم ـــ انصاف جي جيت تي اوهان کي به مبارڪ هجي .

راحيلہ ـــ ها ـ سر توهان ڀڏايو پئي . . . .

اسلم ـــ وڌيڪ مدد خود محترمہ شهناز ڪئي جنهن ڪورٽ ۾
ان وقت جمشيد کي سڃاڻي ورتو جڏهن هو هڪ ڏفعي
عينڪ لاهي اکيون اگهي رهيو هو ـ هن کي هميشه
کان کاٻي اک وٽ هڪ وڏي ڪاري تر جو نشان
هو . بهرحال هاڻ تہ ڳالھ صاف آهي . وقفو ـ اوھ اماں
توهان کي ڌي ۽ پٽ جون مبارڪ هجن . . .

نجمہ ـــ اصلي مبارڪ جا حقدار تہ توهان آهيو . وڪيل صاحب
هاڻ هلو تہ سڀ گڏجي چانھ پيون . راحيلہ تون بہ هل ـ

اسلم ـــ هلو ـ هلو سڀ ٿا هلون .

(خوشي واري موسيقي)

[ پورو ٿيو ]

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# رشتو

کردار :

| | |
|---|---|
| انور : | هڪ نوجوان |
| زرينه : | انور جي ڀيڻ |
| نصير : | انور جو دوست |
| نوشابه : | نصير جي ڀيڻ |
| بيگم : | انور جي ماءُ |
| پيءُ : | انور جو پيءُ |
| چاچي : | انور جي چاچي |
| ماءُ : | نصير جي ماءُ |

soorhsindhiadab


Scanned with CamScanner

# [ڊيڪ ـــ ٻهريون]

( شروعاتي موسيقي )

ٻيگم ـــ (قدمن جو آواز) انور، انور.

انور ـــ جي امان.

ٻيگم ـــ ڇهين شام واري گاڏيءَ ۾ اچي پيو يا نه؟

انور ـــ نه امان، اڃا هيءَ تار آئي آهي.

ٻيگم ـــ الله خير ڪري، ڇا لکيو اٿس؟

انور ـــ لکيو اٿس ته سڀاڻي شام جو چاچيءَ سميت اچي پيو.

ٻيگم ـــ ها، چيو ته چاچهين کي وٺيو پيو اچي.

انور ـــ تار ۾ ته بس اهو ئي لکيل آهي ته، چاچيءَ سميت
اچان پيو، بس.

ٻيگم ـــ (حيرت وچان) پندرهن ورهين ۾ ته هنن امان سان منهن
ڏيئي ڳالهايو به ڪونه.

انور ـــ گذريل ڳالهيون گذريل وقت سان گڏ هليون ويون امان.
چاچا جي حياتيءَ ۾ ته ٻي ڳالهه هئي، هاڻي حالتون
بدلجي ويون آهن.

ٻيگم ـــ تڏهن به هنن جي ۽ اسان جي رهڻ ڪرڻ، سوچ ويچار ۽
زندگيءَ جي رنگ ڍنگ ۾ وڏو فرق آهي.

انور ـــ اهو ته رهندو.

ٻيگم ـــ ته پوءِ آخر هوءَ اسان سان ڪيئن رهي سگهندي؟ ۽ ها
جمال به ته ايندو؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

انور ــ ظاهر آهي ههڙو ڇوڪرو ته ڇڏ ٿو، هٽ اٿس، تنهن کي ڪنهن جي حوالي ڪري ايندي!

بيگم ــ اهو ڇوڪرو ته اسان جي لاءِ عذاب ٿي ويندو. ٻڪ ٻڪ جي ايڏي ته عادت اٿس جو ماڻهو کي ڏينهڪ بيزار ڪيو وجهي.

انور ــ تون فڪر نه ڪر امان.

بيگم ــ مون کي ڇا جو فڪر؟ منهنجو خيال آهي ته هنن لاءِ مٿيان ٻئي ڪمرا صاف ڪرائي ڇڏيو.

انور ــ اهوئي بهتر رهندو.

بيگم ــ ۽ ها، هيءَ زرينه ڪٿي آهي؟

انور ــ پنهنجي ڪمري ۾ هوندي.

بيگم ــ نه اتي ته ڪانهي!

انور ــ ته پوءِ ڊرائينگ روم ۾ ويٺي ڪنهن ساهيڙيءَ سان فون تي ٻڪ ٻڪ ڪندي هوندي.

بيگم ــ ڏسانس ٿي، هن کي به سمجهائي ڇڏ ته مڙئي ڪجهه خيال رکي، ڇوته ماڻهو هر ڳالهه کي زياده محسوس ڪندا آهن.

انور ــ توهين فڪر نه ڪريو امان، سڀ ٺيڪ ٿي ويندو. (قدمن جو آواز)

(موسيقي)

# [ڏيک ٻيو]

(هلڪي موسيقي)

زرينه ــ (ٽيليفون تي ڳالهائيندي) ٻيو ٻڌاءِ نجمه جا ڪهڙا حال آهن؟ ڪالهوڪي فلم جي هيرو ٻئي تعريف ڪيائين.


Scanned with CamScanner

زرينه ــ اڙون ٽوروڻي وڙهندي آهيان؟

بيگم ــ چڱو، ڇڏيو ان ڳالهه کي. تون ڏس ته مٺيان ڪمرا ٺيڪ ٿيا يا نه؟

انور ــ اهي ته ڪالهه ئي صفا ڪرائي، سامان ٺيڪ ٺاڪ ڪرائي ڇڏيو هئم.

بيگم ــ شام جو ٽوهين ٻئي پيءُ کي وٺڻ اسٽيشن تي وڃجو.

زرينه ــ امان، مون کي ته دعوت ۾ وڃڻو آهي.

انور ــ ها، ٺيڪ آهي، آئون اڪيلو ئي هليو ويندس.

بيگم ــ پٽ، اڄ دعوت ۾ نه وڃين ها ته چڱو هو.

زرينه ــ نه امان، اڄ تمام وڏي پارٽي آهي. منهنجو وڃڻ تمام ضروري آهي، نه ته نوشابه ويچاري دل ۾ ڪندي.

بيگم ــ خير، جيئن تنهنجي مرضي، پر جلدي واپس اچجئين.

انور، گل کي موڪل ــ چوينس ته ڪجهه بسڪيٽ ۽ فروٽ وٺي اچي ۽ چئجانس ته جلدي اچي.

(آواز گهٽجندو ختم ٿي ويندو)

(موسيقي)

# [ ڏيک ــ ٻيون ]

(ٽانگي جي کڙڪڻ جو آواز)

پيءُ ــ پاڇائي، هي گهر تنهنجو آهي. ڪنهن به شئي شڪل جي ضرورت هجي ته حجاب نه ڪجئين.

بيگم ــ ها ادي، ڪوبه حجاب نه ڪجئين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چاچي – جيڪڏهن اهڙي ڳالهه هجي ها ته آئون هتي اچان ڪيئن ها؟

پيءُ – (اداس لهجي ۾) ادا مرحوم سان ملڻ جي ڪيڏي نه تمنا هئم! پر ملي به ته ڪيئن؟ – (هلڪن زنانن سڏڪن جو آواز) ڪڏهن ڪڏهن حياتي ڪيڏي نه مشڪل ٿي لڳي!

بيگم – توهان وري هي ڪهڙو ذڪر ڇيڙيو.

پيءُ – هي ذڪر ته حياتيءَ سان گڏ رهندو بيگم! خير... جمال ڪٿي آهي؟

چاچي – خبر ناهي.... الائي ڪيڏانهن هليو ويو آهي!

پيءُ – زرينه اچا ڪونه آئي آهي؟

بيگم – زرينه وئي آهي پارٽيءَ ۾.

چاچي – ادا، جمال ۾ عقل ڪونهي، توهين ڪا پنهنجي پاري جي به خبر چار رکو.

پيءُ – پاچائي سونکي پنهنجوئي تمام گهڻو ڪم آهي پر جيئن توهان جي مرضي.

چاچي – ادا هاڻ اهو سڀ بار توهان تي ڪٽنو پوندو. ادا، توهان جي وڏي مهرباني، سون ڪمدار کي چوائي موڪليو هو، هڪ ٻن ڏينهن اندر اچي ويندو.

پيءُ – تون ڪوبه فڪر نه ڪر، منهنجو خيال آهي ته هاڻ وڃي آرامي ٿي.

چاچي – (ٿڌو ساهه پري) آرام!

پيءُ – پاچائيءَ جو ڪمرو ته مٿي آهي نه؟

بيگم – هائو آئون ڪمرو ڏيکاري چڪي آهيان.

جاچي – ها ادا، ستي مون ڪمرو ڏٺو آهي. جمال اچي ته ستي موڪاي ڇڏجئوس. (قدمن جو آواز)

بيگم – هي وري ڪهڙو عذاب پنهنجي ڳچيءَ ۾ وڌو اٿو؟

پيءُ – ڪهڙيون ڳالهيون ٿي ڪرين، آخر هاڻ هن ويچاريءَ جو پيو آهي به ڪير؟

بيگم – تڏهن به پرائي پٽسي ۾ هٿ نه اٽڪاءِ ته بهتر.

پيءُ – پر هن جي مدد ته ضرور ڪرڻي اٿم نه!

بيگم – جهڙي مدد ادا وڏي توهان جي ڪئي هئي!

پيءُ – گذريل وقت کي وساري ڇڏ، هيءَ مهل مهڻن ڏيڻ جي ناهي.

بيگم – توهان جي مرضي.

پيءُ – انور اچي ته مون ڏانهن موڪلجئينس، هاڻ آئون پنهنجي ڪمري ۾ ٿو وڃان.

(قدمن جو آواز)

(موسيقي)

## [ڏيک چوٿون]

انور – زرينه اڄ ڏاڍي دير ڪئي اٿئي...؟

زرينه – ادا ڪار وات تي بيهي رهي. بس پوءِ ته هاڻي نه.. ويچارو نصير ڏڪا ڏيئي ٿڪجي پيو. وڃي مس مس اسٽارٽ ٿي.

انور – بابا تنهنجو پڇيو پئي!

زرينه – ڇو ڪم هئس ڇا؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

زرينه — سيڪڙائي، نصير، نوشابه وغيره اچن پيا. خيال ڪجئين متان ڪو هل بکيڙو نه ٿئي.

انور — هل بکيڙو ڇو ٿيندو؟

زرينه — اِلئين ٿي مون سوچيو ته گهر ۾ نوان ماڻهو آيا آهن متان هنن کي ڪو اعتراض هجي.

انور — جڏهن اسانجا ماءُ پيءُ اعتراض ڪوله ٿا ڪن ته هنن جو ڪهڙو واسطو؟

زرينه — خير. آئون وڃان ٿي بابا وٽ.

انور — هيئنر سمهي پيو هوندو.

زرينه — (اوباسيءَ جو آواز) تون اڃان پڙهين پيو ڇا؟

انور — ها ... باقي ٿورو ڪتاب رهيل آهي پانيان ته پورو ڪري وٺان. (قدمن جو آواز)

موسيقي

soorthsindhiadab

## [ڏيک — پنجون]

ماءُ — زرينه ...

زرينه — جي امي.

ماءُ — پاڇائي تنهنجو پڇيو پئي.

زرينه — ڇو، ڪو ڪم هئس ڇا؟

ماءُ — خبر ناهي ڪالهه شام کان تنهنجي پڇا ۾ لڳي پئي آهي.

زرينه — امي مون کي ته چاچيءَ جو رويو سمجهه ۾ ڪونه ٿو اچي... هر ڳالهه جو اونداهو پهلو ٿي ڏسي.

ماءُ — اسان ڳوٺاڻيون عورتون آهن. هنن زندگيءَ کي هڪ



Scanned with CamScanner

مخصوص انداز ۽ رخ سان ڏنــو آهي. جديد زماني ۾ فڪر جي خبر ڪانہ اٿن، تنهنڪري زندگيءَ ڏانهن هنن جو رويو بہ محدود ۽ مخصوص ٿي ويو آهي. ہر تون فڪر نہ ڪر.

زرينہ ــ مون کي فڪر ڪونهي امان . . . اِس مونجهہ تي ٿئيم.

ماءُ ــ ڀلا انور ڪٿي آهي؟

زرينہ ــ اڃا ستو پيو آهي، رات دير تائين پڙهيو اٿس.

ماءُ ــ آئون ٿورو بورچيخاني جي سار سنڀال تي لهان، تــون چاچيءَ سان ماي وٺ. (قدمن جو آواز) اجهو هوءَ پاڻ پئي اچي.

چاچي ــ امان توکي تہ ڏسڻ لاءِ اکيون سڪي ويون آهن!

زرينہ ــ چاچي آئون توهان ڏانهن آيس ٿي.

چاچي ــ پوءِ چا ٿيو، آئون پاڻ ئي اچي ويس.

زرينہ ــ چاچي ڪو ڪم هو چا . . . ؟

چاچي ــ نہ امان ... گهڻا ڏينهن ٿي ويا هئا توسان ڳالهيون ڪندي.

زرينہ ــ اچو ويهو.

چاچي ــ (آهستي) امان هي رات توکي موٽر ۾ ڪير ڇڏڻ آيو هو؟

زرينہ ــ رات تہ گلشن ۽ نوشابہ هيون.

چاچي ــ نہ نہ . . . هو ڇوڪرو ڪير هو؟

زرينہ ــ هو! نصير منهنجو همڪلاسي ۽ نوشابہ جو ڀاءُ آهي.

چاچي ــ امان راتين جو پراين مردن سان گڏ ڪو اچبو آهي؟

زرينہ ــ چاچي آئون تہ نوشابہ جن سان گڏ هيس، هونءَ بہ هــو مون سان گڏ پڙهندو آهي. هو سڀ اسان جــي گهر بہ ايندا ويندا آهن.


Scanned with CamScanner

چاچي— توبهه، پرايا ماڻهو گهر ۾! (قدمن جو آواز) ادا پيو اچي ... ٻر تون ڪيڏانهن؟

پيءُ — ڪيڏانهن زرينه؟

زرينه — بابا، مون ڪي تياري ڪرڻي آهي، اڄ شام جو منهنجي برٿ ڊي به ته آهي!

پيءُ — اوهه، چڱو جو ياد ڏياريئي. هل، آئون به تو هلان، تنهنجي لاءِ پريزنٽ به ته وٺڻو آهي.

(قدمن جو آواز)

(موسيقي)

## [ڏيک — ڇهون]

(موسيقي — زناني ۽ مرداني
کل جو گڏيل آواز)

هڪ آواز— پيلي، هاڻي ته ڪيڪ ڪاٽيو. ڪاڏي جو سامان سامهون ڏسي، اسان کان ته رهيو ڪونه ٿو ٿئي.

ٻيو آواز— ڪاڏي جي دعوت تي اسان ته نيرن کان وٺي هن وقت تائين نيراڻا آهيون.

انور— (کلي) فڪر نه ڪريو، اڄهو زرينه اچي پئي.

زرينه — لڳي ٿو ته ڏاڍي جلدي اٿو.

نصير— واهه، جيڪڏهن اها جلدي آهي، ته پوءِ دير ڇا کي چئبو آهي؟

انور— بابا، توهين ۽ اسان هيڏانهن اچو... چاچي ڪٿي آهي!... جمال به نظر ڪونه ٿو اچي.

soorthsindhiadab


Scanned with CamScanner

ماءُ — هو ٻئي پنهنجي ڪمري ۾ آهن. جمال ته گهڻو زور ڏني پربو ته، اچان، پر اديءَ روڪي ڇڏيس.

ٻيءُ — خير، ٻه ڪيڪ وڍ.

(ڦوڪن ڏين ۽ تاڙين جو آواز)

سڀ — هيپي برٿ ڊي ٽو يو.... هيپي برٿ ڊي ٽو يو... هيپي برٿ ڊي ٽو يو...

زرينه — (کلندي) ٿئنڪ يو، مهرباني.

انور — هاڻ کائڻ شروع ڪريو.

(پليٽن ۽ چمچن جي کڙڪڻ جو آواز)

نصير — زرينه، تو پنهنجو ڪزن ٻڌايو هو، سو ڏيکار ته سهي.

زرينه — هن ڪي سنڌس ماءُ روڪي ڇڏيو آهي.

نصير — پر ڇو؟

زرينه — ڪمال آهي، هو پراون مردن ۾ ڪيئن ايندو!

نصير — چاچيءَ جو نه اچڻ ته سمجهه ۾ اچي ٿو، پر ڪزن جو ڪنهن ڪان پردو آهي؟

زرينه — اهو ته هو پاڻ ٻڌائي سگهي ٿي.

نوشابه — هي ڪهڙيون ڳالهيون پيون ٿين، اسين به ته ٻڌون.

زرينه — تون کائي ته پيٽ ڀر.

نصير — هن جو پيٽ ڀرجڻ جوئي ڪونهي.

انور — توهين ڇو ماٺ ڪيو ويٺا آهيو، زرينه، تون به ته ڪجهه کاءُ.

زرينه — مون ڪيڪ جو ٽڪرو کنيو هو.

نصير — مون به ڪيڪ مان ذرو کنيو هو.

انور — توکي ته ڏنو هوم ته اڌ پائونڊ جو ذرو تو کاڌو هئي. (کلڻ جو آواز).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڀيڻ — ڀلي هاڻ توهان ڪاٿو، اسين ڀوڙها ٿڪجي پيا سين.

نصير — الين ڇٽي اوهان ماسيءَ تي به پابندي وجهي ڇڏي.

(ڪلڻ جو آواز).

ماءُ — ڏاڍا ڏنگا آهيو، ڇو نصير پاڻي ڪانه آئي؟

نصير — اڄ بابا گشت تي ٻاهر ويو سو ان جي تياريءَ ۾ لڳي پئي هئي. چيائين ٿي ته صبح جو ٿي ايندس.

ڀيڻ — انور ماما هل، هنن جوانن کي اسان ڀوڙهن جون ڳالهيون ڪٿي وڻنديون.

(موسيقي)

# [ڏيک ستون]

ڀيڻ — پاڻيءِ ڳالهه، تون ته ڪانه آئينءَ پر جمال کي به نه ڇڏيئي.

چاچي — ادا، جمال ويچارو ڇا ڄاڻي انهن ڳالهين مان.

ماءُ — تڏهن به ادي اها ڳالهه ٺيڪ ته ڪانه ٿي لڳي ته، گهر ۾ ڪا خوشيءَ جي محفل ٿئي ۽ گهر جا ڀاتي ئي شريڪ نه ٿين.

چاچي — نه ادي، اهڙين محفلن ۾ اسانجو وڃڻ مشڪل آهي ۽ هونئن به ڳالهه ڪنديس ته سيني کي ڏکي لڳندي.

ڀيڻ — خير، خير اڄ صبح ساڻ ڪمدار آيو آهي.

چاچي — ادا توهان منهن ڏيوس، هاڻ اسانجو اوهان ڪانسواءِ ڪير آهي.

ڀيڻ — ڀلا جمال ڪٿي آهي؟

چاچي — (اداس لهجي ۾) جمال ته سوير ئي ٻاهر نڪري ويو

آهي. ڳوٺ ۾ صبح ماڻهن ۾ سان گڏجي ٻاهر نڪري ويندو هو.

ڀيڻ — ڇڏيو آهه ڪمدار کي ٿو ڏسان.

(قدمن جو آواز)

چاچي — ادي تون دل ۾ ته ڪندين ته ٻر هي ڳالهيون نيڪ نه آهن. ڏيءُ کي پڙهايو اٿئي، ٿان هي ڏارين ماڻهن جي گهر ۾ اچ وڃ!

ماءُ — ياچائي ڪهڙيون ڳالهيون ٿي ڪرين، ڪهڙا ڏاريا ماڻهو آيا ويا؟

چاچي — هي ڪالهه هو....

ماءُ — هي سڀ زرينه ۽ انور سان گڏ پڙهندا آهن، انهن مان ڪيترا ته ننڍا ٿي وڏا ٿيا آهن اسان جي آڏو.

چاچي — ته ٻه.

ماءُ — نه ادي اسين ڳوٺن ۾ ڪونه ٿا رهون جتي پنهنجا راڄ ۽ پاڙا ٿيندا آهن. اسين شهرن ۾ ٿا رهون، هي اسانجا پنهنجا تعلقات رستا ۽ ناتا آهن، آخر انسانن سان گڏ ٿي ته رهڻو اٿئون سو هنن سان اسين ڪڏهن ڪونه ڦٽائيندا اسين!

چاچي — (ڪجهه ڪاوڙ مان) مائي تون ته، اصل ڪا ڪاوڙي ويٺي آهين....!

ماءُ — توهان ڳالهه ٿي اهڙي ڪئي.

چاچي — بس امان ڪجهوئي ڪين...

(قدمن جو آواز)

انور — چاچي ڇا ڪونه ڪجهو؟

ماءُ — تون وچي مائي ڪاءُ... اجايو بحث نه ڪر.

انور — (تشويش واري انداز ۾) هتي ته موسم خراب آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(سيٽي وڄائيندو وڃي ٿو)

چاچي — خوامخواه جوان پٽ کي دڙڪا ڏئي ٿي.

ماءُ — بس ادي، وڃي ڪو ڪم ڪار ڪجي.

چاچي — آءٌ ته مانئ ڪري ويهي ويهي تنگ ٿي ولي آهيان.
آءُ ته ڪو ڪم ڪار ڪريان.

(موسيقي)

## [ڏيڪ — ائون]

زرينه — (ڪاوڙ مان) هي منهنجي ڪمري ۾ اٿل پٿل ڪنهن ڪئي آهي؟

انور — ڏس ڪا شي گم ته ڪانه ٿي اٿئي!

زرينه — نه، ويو ڪجهه ڪونهي... پر ڏس نه هي آلبم ڪاڻيو ميز تي رکيو آهي.... ميڪ اپ جو سمورو سامان هيٺ مٿي ٿيو پيو آهي.

انور — رات ننڊ ۾ اوٿارو ته ڪونه ٿيو هوئي؟

زرينه — مذاق نه ڪر. آئون ته بيزار ٿي پيئي آهيان. (قدمن جو آواز) امان ڏس ته سهي!

ماءُ — چو خير ته آهي، صبح ساڻ ڪاوڙي بيٺي آهين؟

زرينه — امان هي ته ڏس ڪمري جو ڪهڙو حال ٿيو آهي؟

ماءُ — پڪ جمال هوندو، آرام سان وهڻ ته اصلي ڪونه ايندس، يا وات پيو هلندس يا هٿ.

زرينه — پوءِ امان تون چاچيءَ کي چوين ڇو نه ٿي؟

ماءُ — ڇا چوانس، هوءَ ته مورڳو اسان تي آڪڙي وتي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

انور — امان توهان کي هن سان تکو نہ ٿيڻ کپي.

ماءُ — آئون تہ پاڻ بہ اهو ڪو نہ ٿي چاهيان، آخر گهر ۾ سڪون گهرجي، يا ڪٽ ڦٽ. پر ڇا ڪريان، هن جون ڳالهيون ئي اهڙيون آهن.

انور — تڏهن بہ هاڻ هوءَ هن گهر جي ئي هڪ فرد آهي . امان ڪان سواءِ هن جو ڪو پيو مٽ مائٽ بہ تہ ڪونهي .

ماءُ — ابا اها ڳالهہ تہ ٺيڪ آهي ، پر ماڻهو بہ تہ پنهنجي حوصلي ۾ رهي نہ !

زرينہ — امان مون کي تہ چاچي هميشه اهڙين نگاهن سان ڏسندي آهي جو ڇا چوان، ڄڻ تہ منهنجي هر قدم تي تنقيد پئي ڪندي آهي .

انور — ان ۾ هن جو قصور ڪونهي، هوءَ رهي ئي اهڙي ماحول ۾ آهي . جنهن ۾ پاڻ کان وڏيڪ پين جي پچار هوندي آهي .

زرينہ — ها، اهو تہ ٺيڪ آهي پر ماڻهو برداشت بہ ڪري سگهي نہ؟

انور — برداشت تہ ڪرڻو ئي پوندو . رڳو اهو سمجهو تہ ڳوٺاڻي ۽ شهري طور طريقن ۾ وڏو فرق آهي. شهرن جون ڪيتريون رسمون هنن ۾ اجا معيوب سمجهيون وينديون آهن.

ماءُ — ڪتابي ڳالهيون نہ ڪر. هيءَ ڳالهہ ئي ٻي آهي.

زرينہ — پيو نہ تہ وري-

ماءُ — هن گهر ۾ سڀئي پڙهيل ڪڙهيل رهن ٿا، هنن جي سوچ ۽ زندگي گهارڻ جو انداز بلڪل آزاد نموني سان رهيو آهي . ڇا تون پنهنجي هر قدم تي هر وقت ڪنهن جي نظرن جو پهرو پسند ڪري سگهندين؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

انور — پلا ڀلو ڪهڙو رستو آهي، آئون ڪري ٻه ڇا ڏئو سگهان؟

زرينه — اهو ته ڏهيو ٻر هي ٻنا اجازت ڪمري ۾ گهڙڻ ۽ سامان

سان هٿ چراند ڪرڻ!

ماءُ — ڪمرن کي تالا هڻي ڇڏيو. (قدمن جو آواز)

زرينه — بابا ايو اچي.

پيءُ — هي ڇا کي تالا هڻڻ جي ڳالهه ٿي هلي.

ماءُ — ڪمرن کي ڀلو ڇا؟

پيءُ — ڇو...؟

ماءُ — هي ڏسو زرينه جي ڪمري جو حال، سڄو سامان ڪيئن

اٿل پٿل ٿيو پيو آهي.

پيءُ — تنهن ۾ ڇا ٿيو؟

ماءُ — ڪمال آهي! توهان کي ڪو فڪر ئي ڪونهي؟ خبر

اٿو ته هي ڪنهن ڪيو آهي؟

پيءُ — ها...

ماءُ — تڏهن ٻه ڪو خيال ڪونه ٿا ڪريو.

پيءُ — پهري منهنجو چشمو گم ٿي ويو هو، سو پنهنجي

ڪمري ۾ نه مليم ته هتي اچي ڳوليم، جو ڪالهه شام

جو هتي زرينه وٽ ويٺو هوس. هاڻ وڏي عمر ٿي وئي

آهي، ايڏي همت ڪانه هئم جو وري سامان ٺاهي رکان.

(موسيقي)



Scanned with CamScanner

# [ڏيک ڏائون]

چاچي — ادا، جمال کي موٽر جو ڏاڍو شوق آهي، توهين ان ضد تان لاهيوس.

پيءُ — ليڪن ڇو، هينئر فصل ۾ سٺو ٿيو آهي، پاڻ موٽر وٺي.

چاچي — نه ادا، مون کي ڊپ ٿو لڳي. مون کي ته الله ڏنو ئي هڪڙو پٽ آهي.

پيءُ — پاچالي، تون ته خواه مخواه پئي وهم ڪرين. سڄي دنيا پئي موٽرن ۾ چڙهي، ڪو سمجهو ڊرائيور رکي ڏينداسونس.

چاچي — نه ادا، بس، تون انهيءَ ضد تان لاهينس.

پيءُ — چڱو، آئون سمجهائيندو سانس. (تيز تيز قدمن جو آواز) وڃين پئي زرينه؟

زرينه — ها بابا.

پيءُ — ۽ انور؟

زرينه — اجا تيار ئي ڪونه ٿيو آهي.

چاچي — ڪيڏانهن پئي وڃين امان، اجا ته سوير آهي.

زرينه — امتحان ڏيڻ پئي وڃان.

چاچي — پاڻ سان گڏجي وڃ نه.

زرينه — هو ڪو روز مون سان گڏ هلندو آهي ڇا؟

چاچي — ته پوءِ جمال کي پاڻ سان وٺي وڃ، اڪيلو وڃڻ ڪونه ٿو ڏي.

پيءُ — هيءُ اڪيلي ڪانه وينديءَ، پيون ڇوڪريون به گڏ وينديون اٿس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چاچي ــ تڏهن به مرد ماڻهوءَ جو گڏ هجڻ ضروري آهي. زماني ۾ ڪي رهيو ڪونهي.

زرينه ــ آئون وڃان ٿي، خداحافظ. (تيز تيز قدمن جو آواز)

چاچي ــ ادا، شاباس هجي توهان جي جگر کي! جوان جماڻ ڌيءَ کي هينئن ٻاهر ٿا ڇڏيو.

پيءُ ــ بس، زمانو ئي اهڙو آهي. ڇوڪريون پڙهن ته ٿيون، پر پابندي قبول ئي ڪونه ٿيون ڪن.

چاچي ــ هي جو منهن اگهاڙيون ٿيون هلن، مون کي ته اهو سوچي به حيرت ٿي ٿئي.

پيءُ ــ بس، هاڻي صرف حيران ئي ٿي سگهجي ٿو. (قدمن جو آواز) انور.....

انور ــ بابا دير ٿي وئي اٿم، زرينه ته وئي شايد؟

چاچي ــ واهه ادا واهه! ڀيڻ اڪيلي وئي ۽ تون هاڻي ٻاهر نڪتو آهين!

انور ــ چاچي، اڪيلي ڪاليج وئي آهي نه!

چاچي ــ واهه! ته ڄڻ اها ڪا ڳالهه ئي ناهي!

پيءُ ــ چڱو چڱو، تون به وڃ، دير نه ٿي وڃئي.

انور ــ چڱو بابا، خدا حافظ. (قدمن جو آواز)

چاچي ــ ادا، ٻارن تي قبضو رک. منهنجو جمال ڏس، منهنجي مرضيءَ کانسواءِ هڪ قدم به ڪونه ٿو چُري.

پيءُ ــ هينئر اڳيون زمانو ناهي، ٻارن کي آزاديءَ سان سوچڻ جو به موقعو ڏجي.

چاچي ــ بس ادا، توهان جون ته عجيب ڳالهيون آهن. خدا ڀيو خير ڪري!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بيءُ — اڌي، زمانو بدلجي ويو آهي. تنهن ڪان سواءِ شهر ۽ ڳوٺ جي زندگيءَ ۾ وڏو فرق آهي.

چاچي — توهان پاڻ فرق پيدا ڪيو آهي، نه ته پلا بيو ڪهڙو فرق آهي؟

بيءُ — توهين ماني کائو، ته آئون اخبار واري ڪي ڏسان، خبر ناهي ڇو ڪونه آيو آهي! (قدمن جو آواز)

(موسيقي)

# [ڏيک — ڏهون]

نوشابه — زري . . . . امتحان ٿي ويا، پڙهائي ختم.

زرينه — بيو ڇا، جيڪڏهن تنهنجي دل ڪاليج ڇڏڻ جو نه چوي ته ڪٿي فيل ٿي. هڪ سال بيو وڌيڪ ملي ويندءِ.

نوشابه — نه بلڪل، هاڻي ته پڙهي پڙهي بور ٿي پيا آهيون.

زرينه — پلا پوءِ، نوڪري ڪرڻ جو ارادو آهي ڇا؟

نوشابه — نه.

زرينه — ته ڇا، ماٺ ڪيو گهر ويٺي هونديئن؟

نوشابه — بس، بيو ڇا ڪبو؟ تون ٻڌاءِ؟

زرينه — منهنجو خيال آهي ته ڪا بئنڪ جوائن ڪريان.

نصير — (قدمن جو آواز ويجهو ايندي) اوهو، ڪهڙي بئنڪ تي ٿي مهرباني ٿئي، ڪجهه اسان کي به ٻڌايو.

زرينه — ڇو قرض ڪڍڻ جو ارادو آهي ڇا؟

نوشابه — هن کي قرض متان ڏين، ڪڏهن ڪونه موٽائي ڏيندءِ!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نصير — توهان جي مرضي. (سيٽي وڄائڻ ۽ قدمن جو آواز).

نوشابه — زرينه . . . .

زرينه — هون.

نوشابه — تون هر هر ڪهڙن فڪرن ۾ پئجيو وڃين؟

زرينه — ڪا خاص ڳالهه ڪانهي. بس، گهر جو سڪون برباد
ٿي ويو آهي، سو سڄو وقت ڏيان ان ۾ ئي رهيم.

نوشابه — ڪمال جا ماڻهو آهن اهي؟

زرينه — چئو ڀلا، اڄ ڪيرم کونه کيڏنديڻ؟

نوشابه — ها، چئو کونه، ويهه ته آئون ڪيرم بورڊ ڪڍي ٿي
اچان. (قدمن جو آواز)

(موسيقي)

## [ڏيک يارهون]

نصير — چاچا، انور آهي؟

پيءُ — ها، پنهنجي ڪمري ۾ ويٺو آهي. تون خبرچار ڏي،
گهر ۾ ته سڀ ٺيڪ آهن نه؟

نصير — توهان جي دعا آهي چاچا.

پيءُ — تون پلي انور کي ڏس.

(قدمن جو آواز ۽ پوءِ در کولڻ جو آواز)

نصير — چئو ميان، ڪمري ۾ بند ٿيو ويٺو آهين؟

انور — ڪتاب پيو ڏاهيان، امتحان ۾ هيٺ مٿي ٿي ويا هئا.

نصير — ڀلا خبرچار ڏي، وقت ڪيئن پيو گذري؟

نصير — بس يار، پنهنجو ڪم هو امتحان ڏيڻ، باقي هاڻ رزلٽ ڪڏهن به نڪري ويندي .

انور — پهرين هن سال ته سون ڏاڍي محنت ڪئي آهي .

نصير — ۽ آئون جڻ ڪاهي ڪري آيو آهيان . ميان پڙهائي ۾ رات ڏينهن هڪ ڪري ڇڏيو هوم .

انور — خير سائين . ڏسون ته ڇا ٿو ٿئي .

نصير — چڱو انور آئون هاڻ هلان ٿو، ڪافي دير ٿي وئي آهي .

انور — واهه، اڃان آيو مس آهين ته دير به ٿي ويئي .

نصير — منهنجو خيال هو ته توکي وٺي ٿــو گهمڻ وڃان . پر تون هتي مصروف آهين .

انور — مصروف ته ڪو خاص ڪونه آهيان پر پاڻيان ته ڪتاب ٺيڪ ڪري وٺان .

انور — چڱو (قدمن جو آواز) .

ماءُ — ابا نصير ڪيڏي مهل آئين ؟

نصير — ماسي سوير آيو هوس . هاڻ وڃان پيو .

ماءُ — ابا، چانهه ته پي وڃ .

نصير — نه ماسي هاڻ دير ٿي وئي آهي وري ڪنهن پيري .

(در کلڻ جو آواز)

ماءُ — اچ ادي .

چاچي — آواز پڌم ته سوچيم ته ڏسان ڪير آهي .

نصير — سلام عليڪم .

چاچي — (خاموشي)

نصير — چڱو آئون وڃان ٿو . (قدمن جو آواز)

ماءُ — ادي ڪمال آهي رڳوهان هن کي سلام جو جواب به ڪونه ڏنو .

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چاچي — اسان شاهس هجئي ، ٻن پاڻ پاڻ مائي سلام جو جواب ڇو ڏيان!

ماءُ — ادي، نصير اسان جو پرايو ڪونهي، عزيزن کان به وڌيڪ آهي.

چاچي — توهان جي مرضي، باقي آئون ته ڪا هر ايري غيري جي منهن ڪانه پوندي. جمال الائجي ڪيڏانهن ويو آهي، آئون ته ڳولي ڳولي ٿڪجي پئي آهيان.

(قدمن جو آواز)

پيءُ — خير ته آهي ڀاڀي؟

چاچي — پنهنجو فڪر ڪريو!

ماءُ — ادي، وائي ته سنڀالي ڪيو.

چاچي — سنڀاليون پيون آهن وايون... جمال الائجي ڪيڏانهن ويو؟ (قدمن جو آواز پري ٿيندو وڃي)

پيءُ — ڇو خير ته آهي؟

ماءُ — بس، سا ڳيو رينگٽ. اڄ نصير آيو هو، سو وري به سا ڳي ڳالهه شروع ڪيائين.

پيءُ — خير، هاڻي غلط ته ڀاڄائي به ڪانه ٿي ڇوي. نصير ڪهڙو اسان جو سڳو آهي.

ماءُ — توهان جو به دماغ نيٺ ويو ڪم کان، هونهه....

(ڪاوڙ مان ڳالهائڻ ۽ قدمن جو آواز)

(موسيقي)


Scanned with CamScanner

# [ڏيک ٻارهون]

(شيشي جي ڪنهن ٿانوَ جي ڪرڻ جو آواز)

ماءُ — يا الاهي خير! وري الائجي ڇا ڀڳو! آهي ته ٻڪ جمال.

انور — فڪر نه ڪر امان، ٿورن ئي ڏينهن ۾ اهي اُڪاءُ بند ٿي ويندا.

ماءُ — سو وري ڪيئن؟

انور — اهو وري هيئن، جو ايستائين ڪو ٿانءُ بچندو ئي ڪونه، جو ڀڄڻ جو آواز اچي! (کِلڻ جو آواز)

ماءُ — ابا، آئون ته ڏاڍي تنگ ٿي پئي آهيان.

انور — ڪير آهي هن گهر ۾، جيڪو تنگ ڪونه ٿيو آهي؟ اڳي پاڻ سڀ خوش هوندا هئاسين، گڏجي ماني کائيندا هئاسين، ڳالهيون ٻولهيون ڪندا هئاسين ۽ هاڻ....

ماءُ — هاڻ ته ڄڻ هرڪو پنهنجي منهن پيو هلي، ڪو اڻ ڏٺو دپ آهي، جيڪو سڀني کي پيو کائي.

انور — امان! هر ڳالهه تي ٽوڪ، هر ڳالهه تي تنقيد، آخر ڪير ڪيستائين سهندو؟

ماءُ — بس ابا، هاڻ ته الئين ئي ٿيندو.

انور — زرينه، ويچاريءَ کي ته ڏاڍو تنگ ڪيو اٿن. هڪ طرف چاچيءَ جي ڪل ته ٻئي طرف جمال. جيڏانهن ۾ زرينه وڃي ٿي ته، جمال ضد ڪيو ويهو رهي ته آئون به هلندس.

ماءُ — پر ابا، انهن کي سمجهائجي ڪيئن!

انور — توهين پاڻ ڇاڻو. هڪ طرف ماءُ جي ڪنڌ ڪنڌ ته ٻئي طرف پٽ سڄو ڏينهن زبان ڪندو وتي! آخر سمجهن ڇا ٿا؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ماءُ — ابا، پڙهين ٻنهين ٻارن جو ٻار ٻه ته ٻاڻ تي کنيو آهي.

انور — ٻر ٻئسا ٻه ته سنڌن ئي آهن، ڪي امان جا ته ڪونه آهن! زبان ته وري امان جي گهر جو پيو ٿئي! پيو ته هن ٻوڪ منهنجن ڪيترن ئي ڪتابن جون تصويرون ڦاڙي پينگ ڪيون آهن. ڪجهه چوانس ٿو ته ٻس ڏند ڪڍيو کلڻ بيهو رهي.

ماءُ — پڙهين ڪي چيو اٿم ته سمجهائيس.

انور — هن کي ڪير سمجهائيندو؟ اجا نالو ٿو وٺجيس ته چاچي ڳاڙهي پيلي ٿيو وڃي، جڻ ته هن جو سڌورو سون جو ڏهيل آهي!

ماءُ — ابا، ڳالهه تصير دل ۾ ته ڪونه ڪيو هو؟

انور — هو دل ۾ ڪري يا نه، سو ته ٺهيو، پر سيائي ماسي پڻ توهان وٽ اچي. کهڙي سبب لاءِ پئي اچي، سا ٻه توهان کي خبر آهي. خيال ڪجو، چاچي هن کي ٻه نه ڪٿيون ڀڏائي!

ماءُ — (ٽڏو ساهه پڻ جو آواز) ها پٽ، ڪن ته هن گهڻن ئي ڏينهن کان پئي ڪڍايو، سو هاڻ ته امتحان ۾ پورا ٿي ويا. هونئن ٻه امان جي معاشري ۾ جوان ڌيءَ جو گهڻو مائٽن جي گهر ۾ رهڻ ڪي نيڪ نه سمجهيو آهي. زرينه ماشاءالله هاڻ سمجهه ڀري آهي، ڀلي ته وڃي پنهنجو گهر وسائي.

انور — امان، اج رات جي ماني آئون ٻاهر کائيندس، توهين انتظار نه ڪجو.

ماءُ — ابا، گهڻي دير نه ڪجئين.

انور — چاچيءَ سان گڏ رهي ، امان تون به جلد پوڙهي ٿيندي ٿي وڃين ! (ڪلڪ جو آواز)

ماءُ — ڏاڍو ڏنگو ٿي ويو آهين . (قدمن جو آواز)

(موسيقي)

# [ڏيک تيرهون]

(تيز تيز قدمن جو آواز)

هيءُ — چو پاچائي ، خير ته آهي؟

چاچي — ادا ، آءٌ توهان تي بار ٿي پئي آهيان ڇا؟

هيءُ — نه نه ، چو ، اهڙو خيال توهان کي ڇو آيو؟

چاچي — جنهن کي ڏسو ، سو ٿي منهنجي پٺ تي آرون ڪندو ٿو وتي .

هيءُ — اهو توهان کي اجايو وهم آهي ، اسين ته سڀ جمال کي ڏاڍو پائيندا آهيون .

چاچي — (روئي) ادا ، منهنجو ۽ جمال جو هاڻ هن دنيا ۾ اوهان کان سواءِ پيو ڪير آهي؟

هيءُ — آف ، توهان کي اهڙا خيال دل ۾ آڻڻ نه گهرجن . جيڪڏهن ڪنهن واقعي جمال کي ڪجهه چيو آهي ته ٻڌايو . . . .

چاچي — ويچاري جمال جي هٿ سان پاڻيءَ جو جڳ ڪري پيو ته اديءَ چڙيون ڏئي ڪڍيس ، اڄ صبح زرينه کي ڇوائين ته ڪيس به پاڻ سان وٺي وڃي ته هن به چڙيون ڏئي ڪڍيس ، انور جو هڪڙو ڪتاب ڪنيئين ته هن به چڙيون


Scanned with CamScanner

چاچي — ها جهڙو انور ۽ زرينه سڌريل آهن نه، جو ماڻهو پيءُ جي ڪا ڳالهه ٻڌي نه ٿا ٻڌن. منهنجو جمال ته منهنجي چئي کان سواءِ پاڻي به ڪونه پيئي. آئون ته وڃان ٿي ڪمري ۾ . (قدمن جو آواز).

پيءُ — (پنهنجي منهن) هيءَ مڙئي گهر ۾ گهوٽالو ڪرائيندي.

(موسيقي)

# [ڏيک چوٿون]

زرينه — (در کولڻ جو آواز) بابا، سُتا پيا آهيو ڇا؟

پيءُ — جاڳان پيو. هلي آءُ، ويهه. مون پاڻ توکي ڏاڍو ياد پئي ڪيو.

زرينه — بابا . . . .

پيءُ — چئه، ڇو ڪو ڪم ڦاٿو اٿئي. (کلڻ جو آواز)

زرينه — نه بابا، ڳالهه رڳو ايتري هئي ته نوشابه جن گهمڻ لاءِ ٻاهر تي پيا وڃن.

پيءُ — ته ڀلي وڃن.

زرينه — پر هو مون کي چون ٿا ته ساڻن گڏ وڃان.

پيءُ — پر پٽ، هاڻ ته توکي گهر جو خيال رکڻ گهرجي. ويچاري ماڻهين کان اڪيلو گهر سنڀاليو نه ٿو ٿئي!

زرينه — اهو ته ٺيڪ آهي بابا . . . پر . . .

پيءُ — ٺيڪ آهي، ٺيڪ آهي، تون ڀلي وڃ، انور به هلندو نه؟

زرينه — (ڪجهه سوچڻ جي انداز ۾) نه بابا، آءٌ ڪالهه ويندس. واقعي اسان تي ڏاڍو بار پئجي ويو آهي.


Scanned with CamScanner

ڀيءُ ـــ ها پٽ، ڀلي وڃ .

(قدمن جو آواز ۽ در کلڻ جو آواز)

( موسيقي )

# [ڏيک پندرهون]

(صبح جو وقت، جهرڪين ۽ ٻين پکين جا آواز)

ماءُ ـ (سڏ ڪندي) انور .... انور ....

انور ـــ (ننڊاکڙي آواز ۾) امان .... ڇا آهي؟

ماءُ ـــ ابا، جلدي اٿ، ڪجهه ميوو وغيره آڻ، نصير جي ماءُ هيئنر ايندي .

انور ـــ ها امان . (قدمن جو آواز) زرينه ٺهي اچي .

ماءُ ـــ زرينه ، اڄ ڪيڏانهن نه وڃجئين .

زرينه ـــ ڇو؟

ماءُ ـــ نوشابه ۽ ماڻس اچن پيا .

زرينه ـــ پوءِ ظاهر آهي ته ڪيڏانهن ويندس .

انور ـــ ها ساڃين، توکي نوشابه ملي ته ڇڻ سڀڪجهه ملي ويو .

ماءُ ـــ ظاهر آهي ، نوشابه ۽ زرينه ڪي الڳ آهن ڇا .

ڇاڇي ـــ (ٻاهران آواز ڪندي) الائجي سڀ ڪٿي آهن ! (در کلڻ جو آواز) هي اڄ صبح ساڻ ڪهڙيون ڳالهيون پيون ٿين؟

انور ـــ (آهستي) ڦاٿاسين .

ماءُ ـــ اچ ادي .

چاچي — امان، هي جمال اڄ صبح ساڍي الائجي ڪيڏانهن هليو ويو آهي؟

انور — هوندو ڪٿي ٻاهر، ٻيو ويندو ڪيڏانهن.

چاچي — ابا سوٽ اٿئي، ڏسينس ته ڪيڏانهن ويو آهي!

انور — ٻاڦيهي اچي ويندو. امان، تون ٻڌاءِ ته ڇا ڇا آڻو آهي؟

ماءُ — ابا ....

چاچي — (ڳالهه ڪاٽي) سڀڪنهن کي پنهنجي لڳي پئي آهي. منهنجو ته ٻچو الائجي ڪيڏانهن ويو هليو.

(قدمن جو آواز ۽ اهو آواز پري ٿيندو وڃي)

انور — ڦاسي وڃا آهيون، امان ها ته ....

ماءُ — ابا، ڪو چڱو ڪٻڪ آڻ. ميوو وغيره به وٺي اچ آئون ٿي وڃي پڙهين کي ٻڌايان ته ڪيڏانهن ٻاهر نه نه وڃي، زرينه تون ٿورو ڪمري کي ٺيڪ ڪري وٺ.

(قدمن جو آواز)

زرينه — اڄ هي اهتمام ڇو پيا ٿين؟ ماسي ۽ نوشابه ڪو نئين مان پيون اچن ڇا؟

انور — تنهنجي ٻڌڻ جي ڳالهه ڪانهي.

زرينه — ڇو؟

انور — بس وڏن جون ڳالهيون آهن. تون پنهنجو مٿو نه کپاءِ.

زرينه — هئه، هوندو ڳالهه، ٻ ڪجهه ڪونه.

(ٻاهر ماڻهن جي گوڙ جو آواز)

انور — هي گوڙ ڇا جو آهي! در تي ڏسان (قدمن جو آواز. در کلڻ جو آواز) ادا ڇا آهي؟

هڪ آواز — سائين جمال منهنجي ڪڪڙين جي کڏيءَ جو در


Scanned with CamScanner

ڪولي ويو سو سيٺي ڪڪڙيون نڪري ويون. اڃا به
ائين ڪيو هوائين.

انور ــ آئون سمجهائي ٿو ڇڏيانس. آئينده ائين ڪونه ڪندو.

آواز ــ سائين اسان غريبن کي ته ڏاڍو تنگ ڪيو اٿس. صاحب
کي به اڳي ٻڌايو هئوسين.

انور ــ خير سان سمجهايانس ٿو، توهين دلجاء ڪريو.

آواز ــ چڱو سائين (آواز جو آهستي ٿيڻ ۽ قدمن جو واپس ٿيڻ).

انور ــ جمال آهي ڪٿي....

چاچي ــ ڇو، جمال جو ڇيو پڇين؟

انور ــ وري پاڙيوارن جون ڪڪڙيون ڪولي آيو آهي.

چاچي ــ اهي سڀ ٻڪن ٿا، هو ته ٻاهر گهمڻ ويو هو، هاڻ
نيرن پيو ڪري.

انور ــ چاچي، سمجهائي ڇڏينس. هي شهر جا ماڻهو گهٽو
لحاظ ڪونه رکندس.

چاچي ــ ها ابا، جڏهن پنهنجا ئي ائين چوندا ته ڌاريان وري
ڪيئن خيال ڪندا. آئون ته ادا کي چئي چئي ٿڪي
آهيان ته هتي اسان ماءُ پٽ جو گذر ڪونه ٿيندو.

انور ــ چاچي خبر ناهي ته ڇو توهان کي اسان سان ڪاوڙ
ٿي پئي آهي. مون ائين ته ڪونه چيو ته....

چاچي ــ (ڳالهه ڪٽي) ابا، ڇوڻ کي وري ڪي سڱ ٿيندا آهن ڇا؟
(قدمن جو آواز)

ماءُ ــ انور، اڃا تون ويٺو آهين؟

چاچي ــ اڃا ته جمال سان جهيڙو ڪندو، پوءِ ويندو.

ماءُ ــ ڇو ڇا ڪيو آهي جمال؟


Scanned with CamScanner

انور ــ امان . . . .

چاچي ــ تون چا ٿو چئين، آئون ٿي ڀڄايانس . . . بس امان اسين هن گهر ۾ سيٺيءَ تي بار ٿي پيا آهيون.

انور ــ (تڪڙ مان) امان آئون ته وڃان ٿو. (قدمن جو آواز)

چاچي ــ ڪالهوڪا ٻار ٻه ٽا اڪيون ڪڍيو اچن هاٿي ته.

ماءُ ــ ادي هاڻ ڪاوڙ ڇڏ گهر ۾ مهمان پيا اچن، جلدي تيار ٿي وٺ.

چاچي ــ امان آئون چا ڪنديس مهمانن کي.

ماءُ ــ ڪهڙيون ڳالهيون ٿا ڪريو، توهين به ته هن گهر جا بزرگ ڀاتي آهيو، هلو هلي تيار ٿيو.

چاچي ــ هاڻ تون زور ٿي ڀرين ته ڪٿي تيار ٿيان ٿي. ڀهرين جمال کي ڏسان ته ماڻي ڪائي ورتائين يا نه.

ماءُ ــ چڱو، پوءِ مهمان اچن ته توهان کي سڏيان ٿي.

(قدمن جو آواز)

(موسيقي)

# [ڏيک سورهون]

ماءُ ــ ادي ڀلي ڪري آيا. ڏاڍن ڏينهن کان پوءِ آيا آهيو.

نصير ماءُ ــ بس ادي تياري ته گهڻن ڏينهن کان هئي پر گهرو ڪم ڪار ۾ ايڏي ته مصروف آهيان جو وقت ئي نه ٿو ملي. هاڻ ڪا عمر به ته ڪم جي ڪانه اٿئون.

ماءُ ــ ها ادي، چوين ٺيڪ ٿي. نوڪرن چاڪرن تي ڀروسو ڪوته ٿو ڪري سگهجي. سڀ ڳالهه سر سان آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هتي به ويچاري زرينه آهي جا هٿ ونڊايو ويٺي اٿم.

نصيرماءُ — اٺين ته نوشابه به ڪم ڪار جي ٺيڪ آهي پر هيستائين ته امتحان هوس، سو مون بار وجهڻ نه ٿي چاهيو، ٻيو اسان هنن نوجوانن اڃا بار ڪنيا ئي ڪونهن. پاڻي ته ڪلهي ڪڏهي وٺن، نيٺ وارو ايندن.

ماءُ — نوشابه، تون ماٺ ڇو آهين؟

نوشابه — نه ماسي ماٺ ته ڪانه آهيان. زرينه ڪٿي آهي؟

ماءُ — هينئر هٿ منهن ڌوئي ڪمري ۾ وئي آهي؟

نوشابه — آءٌ هن وٽ ٿي وڃان.

ماءُ — ها، ۽ اهو به چوينس، ته چاچيس کي هيڏانهن موڪلي.

(قدمن جو آواز)

نصير ماءُ — مون ٻڌو آهي ته توهان جي ڀاڄائيءَ توهان کي چڱو تنگ ڪيو آهي.

ماءُ — نه ادي، تنگ ڇا جو، البته طبعيت ڪجهه عجيب اٿس، نيڪ ٿي ويندي، اڃا اڃي ٿي.

چاچي — ادي بسم الله.

نصيرماءُ — ادي توهان کي ڏسڻ جو ڏاڍو شوق هئم. ڪڏهن اسان وٽ ته اچو ها نه!

چاچي — اسان، اسين جهنگ جا ماڻهو، تن کي ڏسي ڇا ڪندئو؟

نصيرماءُ — ادي اسين سڀ هڪجهڙا آهيون. اهڙي ڪا ڳالهه ڪانهي. اسين به اصلي ڳوٺن جا رهاڪو آهيون. بس نوڪرين ۽ ڌنڌي جي ڪري اچي شهرن ۾ رهيا آهيون.

ماءُ — اڄهو انور جو پيءُ به اچي پيو.

پيءُ — خوش آهيو ڀاڀي؟

نصيرماءُ— ادا، اوهان جي دعا آهي .

(قدمن جو آواز)

انور — امان ـ آءٌ ۽ ماهر نصير سان ويٺو آهيان . ڪو ڪم هجي ته سڏ ڪجو .

ماءُ — ڇو نصير ۽ ماهر ويٺو آهي ڇا ؟

نصيرماءُ— در تي ئي انور گڏجي ويس سو ٻئي اتي ويهي رهيا.

ٻيءُ — ادي ڪر خبر، اڄ اوچتو ڪيئن ياد ڳيري ٿي !

نصيرماءُ— ادا، توهين وسريا ڪڏهن آهيو؟

ماءُ — (زور سان آواز ڪري) زرينه، امان چانهه ته آڻ، ڀورين ادي هي ڪاءُ .

نصيرماءُ— ادا، اڄ توهان سان هڪ خاص ڪم اٿون. ڪو عرض ڪٽي آيا آهيون.

ٻيءُ — ها ها، ڇئو، توهان حڪم ڪريو .

نصيرماءُ— ادا، اڄ آئون هڪ جوان پٽ جي ماءُ جي حيثيت سان توهان وٽ آئي آهيان .

ٻيءُ — سو ته نيڪ آهي .

نصيرماءُ— توهان سان اسان جا تمام پراڻا ناتا آهن . هڪ ٻئي جا ڏٺل وائٺل آهيون. زرينه منهنجي ۽ ڌيءَ وانگر آهي.

ٻيءُ — اها ڳالهه به نيڪ آهي .

نصيرماءُ— ادا، ڌيون بادشاهن به ڪونه وهاريون آهن، زرينه هاڻ وڏي ٿي آهي .

ماءُ — ها ادي، ڌيءَ جوان ٿئي، ته ماءُ ٻيءُ کي فڪر ويڙهيو وجن.

چاچي — پر امان زرينه جو ڪهڙو فڪر!

نصيرماءُ— ڇا مطلب !

soorihsindhiadab



Scanned with CamScanner

آهن جن ۾ هو جڪڙيل آهن . ايترو جلدي تہ هو پاڻ کي ان مان آزاد ڪرائي نٿا سگهن .

نوشابہ — پر زري تون تہ تعليم يافتہ آهين، پنهنجو ڀرو ڀلو خود چڱي طرح سان سوچي سمجهي سگهين ٿي .

زرينہ — صرف سوچي سگهان ٿي ، ڪري ڪجهہ بہ نٿي سگهان. آئون خود انهن رسمن جي اسير آهيان ، منهنجي پيءُ زندگيءَ ۾ ڪڏهن بہ منهنجي پيشاني تي گهنج پوڻ نہ ڏنو ، آئون نٿي چاهيان تہ هن عمر ۾ سندس پيشانيءَ تي پيل گهنجن ۾ اضافو ڪريان .

نوشابہ — تہ ڇا تون پاڻ کي انهن فرسوده ۽ پراڻين رسمن تي قربان ڪري ڇڏيندينءَ؟

زرينہ — نہ، آئون پنهنجي پيءُ جي خوشيءَ ۽ عزت خاطر قرباني ڏيئي رهي آهيان .

نوشابہ — تو کي پنهي ڪنهن جو بہ خيال ڪونهي .

زرينہ — نوشابہ ، زندگيءَ ۾ ماءُ پيءُ کان وڌيڪ ڪو حقيقي رشتو ڪونهي .

نوشابہ — تہ پوءِ تنهنجو اهو آخري فيصلو آهي؟

زرينہ — فيصلي ڪرڻ جي تہ مون ۾ همت آهي پر ڪرڻ نہ ٿي چاهيان ، بس جيڪي ٿئي پيو يا ٿيو آهي تنهن سان مقابلو نہ ڪنديس .

نوشابہ — اچا بہ وقت اٿئي زرينہ؟

زرينہ — تون مونکي سمجهين ڇو نہ ٿي نوشابہ؟ تون ڇو ٿي چاهين تہ آئون پنهنجي پيءُ جي آڏو ٿيان .

نوشابہ — آئون ائين تہ ڪانہ ٿي چوان، چاچي کي سمجهايو نہ؟

زرينہ — هو وڏو آهي، هو مون کي سمجهائي يا آئون هن کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چاهيان .. اف، منهنجي ڌيءُ منهنجي لاءِ هيتري قرباني ڏئي رهي هئي ۽ آئون هوس جو هن کي تباهه ڪرڻ لاءِ تيار هئس....

ماءُ — خير، هاڻ ته سمجهه ۾ آيو نه!

پيءُ — ها، باقي رهيو جمال جو سوال، سو هو جڏهن وڏو ٿيندو تڏهن ڪو نه ڪو سڱ ملي ويندس. هر ڳالهه پنهنجي وقت تي ٺهي سونهي. هل زرينه، هاڻي اسان سان ڳالهيون ڪر. انور ڪٿي آهي، هن کي به سڏيو....

زرينه — (خوشيءَ ڀريل آواز) بابا ....

(خوشيءَ واري موسيقي)

[ پورو ٿيو ]

# ٽيليويزن ڊرامـــــا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سک جو سپنو

## ڪردار -

نصير — هڪ نوجوان ڊاڪٽر.

سيفل — نصير جو پيءُ، ٽانگن کي رانگ ڪرڻ وارو.

ماءُ — نصير جي ماءُ.

ربو — سيفل جو دوست ٽانگي وارو.

غلامو — " " " "

گلو — " " " "

جميلہ — ربوءَ جي ڌيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

| هدايتون | مڪالمو |
| --- | --- |
| | سيفل — ادا، ڇوڪرو ولايت مان رهي آيو آهي، سو شاديءَ ۾ زور ڪو نه ڪندا سونس. ڀلي ته پنهنجي مرضيءَ سان ڪري. |
| غلامو ٿورو کلنديءَ واري انداز ۾ چوي ٿو جنهن جي جواب ۾ سيفل کلي هن جي ڪلهي تي زور سان ڌڪ هڻي ٿو. | غلامو — تون ته ڀانيان ٿو ته سياڻي دڪان ڪو نه کوليندين؟ |
| — کلندي. | سيفل — ساهه چئو ٿو وڃنئي، توکي تنهنجو ڏانگو سياڻي رنگجي ملندو. |
| | گلو — ها ها، مون کان وسري ويو. آئون اڳ وانگر هريل هوس جو جڏهن هو ڪالهج مان موڪلن تي ايندو هو تڏهن آئون اسٽيشن تان ڏانگي ۾ وٺي ايندو هئس. پر خبر اٿئي ته هو ڏانگو هلائيندو پاڻ هو! |
| | ربو — ڀيلي، نصير ڊاڪٽر ٿيو آهي هاڻ ته پڪ منهنجو علاج به ڪندو. |
| | سيفل — ڇو نه، ڇو نه، خبر ڪا نه اٿيئي ته جڏهن توکي دم تي پوندو هو ته هو ڪيڏو پريشان ٿي ويندو هو؟ |
| | ربو — ها.... هاڻ ته دم به وڌي ويو آهي. |
| | سيفل — بس ادا، عمر سارو هر ڳالهه به بدلجي ٿي. هاڻ ته ٿوري تڪليف به برداشت ڪو نه ٿي ٿئي. |

soorhsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## هدايتون — مڪالمو

گلو کلندي—

گلو — جواني کان پيريءَ تائين اهڙي
ڀاڻ ۾ ڪيڏا نه ڏينهن گذاريا آهن؟
مار، مڇ ڳالهيون ڇڏ، ڪالهوڪيون
لڳن ٿيون!

سيفل مٺائيءَ جي خالي ٿالهي
کڻي ٻاهيري ڪري ٿو رکي.
هڪڙي جي ڪچهريءَ مان ڏاڍا
خوش پيا لڳن. هنن جي ويهڻ
جي انداز مان لڳي ٿو ته هنن
کي هڪٻئي جي دوستيءَ تي
ڏاڍو ناز آهي.

سيفل — ها ادا، خدا ڪري باقي
ڏينهن به اهڙي ميٺ محبت ۾ گذرن
.... ربو، اڄ جميلان ڪانه
ڏٺي اٿم.

ربو — هوءَ پنهنجي پاءُ جي مهماليءَ
۾ رڌل آهي. صبح کان گهوڙي
چاڙهيو، سيون ڪيڻ ۾ لڳي پئي
آهي. ٻه ٽي هٽ ته مون ڪيڏي
ڏالامانس. ٻر پيلي ٻوءِ ته ٽڪجي
پيس، چيو مانس ته باقي وڃي
ڀاڻ ڪيڏ.

سيفل — ياد اٿئي، ڀاڻ هڪ ماهه ۾
پنجاهه پنجاهه هٽ سين جا ڪيڏلدا
هواسين!

گلو — يار ڪهڙا ٿو ڏينهن ياد ڏيارين،
پر شڪر آهي، اڃا به خدا جي
مهربانيءَ سان پنهنجن هٿن پيرن
سان پيا ڪم ڪار ڪريون.

کهر الدران سيفل جي زال
ٻاهر نڪري ٿي ۽ هنن جي
ويجهو اچي ٿي، هو ڏسن ٿا.

ماءُ — نصيب پيءُ، الله بخش ڪي
گوشت جو چئي ڇڏجنين ۽ ها،
ڀاڻ دڪان تي نه هليو وڃجئين —
متان روز والگر صبح ساڻ دڪان
تي هليو وڃين!

| هدايتون | مڪالمو |
|---|---|
| | سيفل — ڪهڙيون ڳالهيون پيو ڪرين؟ ڇا مون ڪئين راتيون رنگ ڏيندي نہ گذاريون آهن؟ هي ڪا نئين ڳالهہ تہ ڪانهي. اڄ تون اهي ڳالهائين ڇو ٿو نئين مان هي ڪم ٿيندي ڏٺو اٿئي؟ |
| | ماءُ — جي انهيءَ رنگ سان ايڏو پيار هوئي تہ پٽ کي پڙهائڻ چو ٿي؟ |
| سيفل زال جي ڳالهين تان ڪاوڙجي پوي ٿو ۽ هن کي ڏاڍي ڪاوڙيل انداز ۾ چوي ٿو. زال لالٽين کڻي اٿي ٿي ۽ ڏاڍي ڪاوڙ مان هن ڏانهن نهاري واپس هلي ٿي وڃي. | سيفل — پٽ کي پڙهايو اٿم نہ پوءِ تہ ڪو نہ پڙهيو آهيان؟ پيو تہ پٽ کي تہ ڪو نہ پيو چوان تہ رنگ ڏي .... تون هاڻ وڃ.... خوامخواهہ مونکي ڪوڙي نہ ڪر. |
| | ماءُ — هنہ .... پيري ۾ دماغ ئي خراب ٿي ويو اٿس. ويٺو رنگ ڏي .... مونکي ڇا ڪندين. پر اهو پڌي ڇڏ تہ صبح جو هلڻو اٿني .... |
| سيفل هن کي ويندو ڏسي کند ڌوڻي ٿو. | |
| ماءُ ڪاوڙ ۽ پريشانيءَ مان لالٽين کنيو هلي ٿي وڃي ۽ سيفل ڏاڍي پيار مان برش کي رنگ ۾ پريندو ٽانگي جي ڦيٽي تي گل ۽ ڇٽ ڪيڏي ٿو. | سيفل — نيڪ آهي .... هيئنر تہ تون هل- ڪم ٿي ڪوڙي ڪرين! ويچاري غلامو جو ڪم نہ ٿيو تہ مون جهڙو ڪجهہ پہ نہ ڪيو .... |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

| مڪالمو | هدايتون |
|---|---|
| گلو — جميله به ته نصير جي ٽڄ شريڪ ڀيڻ آهي. | |
| غلامو — ربو، ننڊ ته ڪانه ٿي اچي، هل ته سيفل کي به هلي اٿاريون، هن سان ڪاڪڇهري ڪريون، حياتيءَ تي ڪهڙو ڀروسو، وري الائجي ملون يا نه! | |
| گلو — اهڙيون ڳالهيون سيفل سان نه ڪجنِ. | |
| ربو — ڌيءُ، تون در اندران بند ڪري ڇڏ- هوائن به رات کي ڀهر وڌي بڇي آهي. | |
| جميله — آئون به هلان بابا؟ | هو سڀ اٿن ٿا- جميله به اٿي ٿي- هو ٻاهر نڪرن ٿا ۽ جميله در بند ڪري ٿي- ڪافي دير ڪم سم در تي ٽيڪ ڏئي بيهي رهي ٿي ۽ آخرڪار منهن گوڏن ۾ هڻي کٽ تي ويهي سڏڪا ڀرڻ ٿي لڳي — ڪئميرا هن تان ٿيندي لالٽين تي ٿي اچي، جنهن جي وٽ هوا ۾ لرزي رهي آهي- |
| ربو — نه ڌيءُ .... تون ڪيئن هلندينءَ. | |
| گلو — بابا الله تي رک .... | |

هدايتون — مڪالمو

## [ڏيک — اٺون]

هو ٽيئي هڪ گهٽيءَ مان هلن ٿا ته، ڪين سيفل دڪان جي ٻاهران ٽانگي کي رنگ ڏيندو نظر اچي ٿو. سيفل هنن ڏانهن ڪنڌ کڻي ڏسي ٿو ۽ اٿي بيهي ٿو ۽ هو ٽيئي ڊوڙي هن کي ڀاڪر پائين ٿا. پوءِ ڪيتري دير پٽ تي خاموش ٿي ويهن ٿا. غلامو پنهنجي ٽانگي جي ڦيٿي ڏانهن ڏسي ٿو.

غلامو — هي ڇا پيو ڪرين.

ڪئميرا هنن ڇئني جي هٿن تي اچي ٿي جيڪي هڪٻئي ۾ جڙيا پيا آهن. تنهن کان پوءِ اها غلامو جي اڌ رڱيل ٽانگي تي وڃي ٿي بيهي.

سيفل — هيءَ ڪا نئين ڳالهه، ته نه آهي، مون اڳي به راتيون جاڳي توهان جا ٽانگا رڱيا آهن.

غلامو — تون ته ڪو عجيب ماڻهو آهين. سڀاڻي وڃڻو اٿئي ۽ رات جو پيو ٽانگو رڱين!

سيفل وري ٽانگو رڱڻ ۾ لڳي ٿو وڃي. هن جو سڄو ڌيان ٽانگي ۾ لڳل آهي. سندس ٽيئي دوست ماٺس ڳالهيون ڪندا رهن ٿا.

سيفل — توکي ته خبر آهي غلامو، ته مون کي پنهنجي زندگي سان عشق آهي، سو سوچيم ته هڪ ته تنهنجو ٽانگو رڱي ڇڏيان، پيو ته خبر ناهي ته وري ڪڏهن برش هٿ ۾ کڻي سگهان يا نه!

گلو — سيفل، تون....


Scanned with CamScanner

## هدايتون

نصير اٿي ويهي ٿو. هاڻي سندس رخ ڪوٺ جي طرف آهي جتي ماري ناري، ڪڙمي ڪاسبي پنهنجن پنهنجن ڪم ڪارين تي ويندا نظر اچن ٿا. بيمار پوڙها، ڪنگهندڙ ٻار ۽ ان قسم جا ٻيا چند شاٽ وٺڻ ضروري آهن.

## مڪالمو

ڇا صرف ان ڪري جو هو ڳوٺاڻا آهن، اهي ايترا پري ويٺا آهن، تن کي علاج کان محروم رکجي!....نه بابا.... مون فيصلو ڪيو آهي ته آئون هتي اسپتال کوليندس پنهنجن هنن غريب پيارن ابوجهه ماڻهن جو علاج ڪندس. چاچا رُبوءَ جي دم جو علاج ڪندس، هن ڳوٺ ۾ سک جو جيڪو سپنو توهان ڏٺو هو ان جي تعبير بڻجندس.

سيفل خوشيءَ کان ڊوڙي اندر ٿو وڃي ۽ زال کي به ٻڌائي ٿو پوءِ سڀ ٻاهر نڪري اچن ٿا. سيفل ۽ سندس دوست نصير کي چنبڙيو وڃن ٿا ۽ نصير جون نگاهون فضا ۾ ڏسڻ ٿيون لڳن. جتي هڪ سفيد ڪبوتر اڏامندو نظر ٿو اچي.

سيفل — اڙي ٻڌئي پاڻ هتي رهنداسون نصير به هتي ئي رهندو.... ڪلو، رُبو، غلامو، اڙي جميلا، اسين هتي ئي آهيون.

soorihsindhiadab
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# لڙڪ لڙڪ زنجير

ڪردار -

اقبال : هڪ نوجوان .

فاطمه : اقبال جي انڌي ماءُ .

نيلوفر : اقبال جي ڀيڻ .

شهناز : اقبال جي زال .

نسرين : شهناز جي ساهيڙي .

رشيده : اقبال جي ليڊي سيڪريٽري .

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هدايتون | مڪالمو

# [ڏيک پهريون]

هڪ عام قسم جي گهر جو ڪمرو، ڪنڊ ۾ پلنگ پيو آهي، جنهن تي فاطمه ويٺي آهي. سندس پر ۾ نيلوفر ويٺي آهي، ۽ سوئيٽر ٺهي ناهي. سامهون ڪرسيءَ تي شهناز ويٺي آهي. هوءَ رسالي جا ورق پئي اٿلائي. هن جي انداز مان بيزاري پئي بکي. هوءَ هرهر ڪتاب رکي، ٻاهر تي ڏسي. ڪيمره هنن جي مٿان ملندي در تي اچي ٿي بيهي ۽ آهستي آهستي پري ٿيندي ٿي وڃي.

فاطمه — رات ڪافي ٿي وئي آهي.

نيلوفر — الائي ادا ڇو دير ڪئي آهي؟

شهناز — ڇو وري ڇو، هوندو پنهنجن دوستن سان ڪٿ.

فاطمه — امان، ويچارو شام جو تہ نڪتو آهي.

شهناز — پر چاچي ڏسو نہ، ڪيتري دير ٿي وئي آهي. ٻاهريون در بہ کليو پيو آهي، مون کي تہ ڊپ ٿو ٿئي.

فاطمه مطمئن انداز ۾ هنن ڏانهن مڙي جواب ڏئي ٿي.

فاطمه — پنهنجي گهر ۾ ڪهڙو ڊپ؟ ايندو تہ پاڻهي اچي در بند ڪندو.

شهناز رسالي جا ورق اڳيا بہ تيزيءَ سان اٿلائڻ ٿي لڳي.

نيلوفر — پاپي، ادا کي نوڪريءَ ۾ اضافي جو آرڊر ڪڏهن ملندو؟

شهناز — ملڻو تہ اڄ هئس پر سندس فرم جو مالڪ ٻاهر ويل هو، سڀاڻي ضرور ملندس.

soorhisindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

**هدايتون** | **مڪالمو**

شهناز ـــ آئون به پنهنجي ضد تي آهيان.

نسرين ـــ مٿان پنهنجي ڳالهه تان هٽي آهين.

شهناز اٿي در ڏانهن وڃي ٿي ۽ ٻاهر نهاري وري هن وٽ اچي ٿي.

شهناز ـــ آئون ته ڪڏهن به هن کي اهو ڪرڻ نه ڏينديس ڏس ته سهي، زندگيءَ جون چند گهڙيون به سک سان نه گذاريان!

نسرين ـــ سچ ٿي چوين شانو. خبر اٿئي آئون به جيستائين ساهرن ۾ هوس سڄو ڏينهن سس سهري جي ڪر ڪر پئي ٻڌندي هئي، پوءِ جڏهن الڳ گهر ڪري وڃي ويٺيس تڏهن جان ڇٽي.

شهناز ـــ ڪر ڪر ته مون سان ڪير ڪو نه ٿو ڪري. باقي رهنديس آئون به جدا.

نسرين ـــ ته ادي آئون هاڻ وڃان ٿي.

نسرين ڪٿ تان اٿي ٻاهر اچي ٿي جتي نيلوفر ايندي نظر ٿي اچيس ته ڏسي منهن ڦيرائي ٿي ڇڏي. نيلوفر ڪجهه نه سمجهندي شهناز جي ڪمري ۾ گهڙي ٿي ۽ منظر ختم ٿئي ٿو.

## [ڏيک ـ چوٿون]

ڪمري ۾ سڀ ڀاتي موجود آهن. اقبال ماءُ جي اڳيان ويٺو آهي.

اقبال ـــ نه امان، آئون توهان کي ڇڏي ڪيڏانهن ڪونه وينديس.

ماءُ ـــ ڇو، تون ڇو نه وينديين؟

اقبال نيلوفر ڏانهن نهاري ٿو چوي -

اقبال ـــ آخر هن عمر ۾ جڏهن توهان کي منهنجي سهاري جي ضرورت

soorihsindhiadab


Scanned with CamScanner

| هدايتون | مڪالمو |
| --- | --- |
| | آهي ، توهان کي ڇڏي وڃان ! ماءُ — مون کي ڪڏهن به ڪنهن جي سهاري جي ضرورت نه رهي آهي- بيشڪ آئون انڌي آهيان، پر اڄ به مون کي ڪنهن جي سهاري جي ضرورت ناهي . انهيءَ انڌي هئڻ جي باوجود مون اوهان ٻنهي ٻارن جي پرورش ڪئي ۽ ٻنهي کي هن حد تائين رسايم . اقبال — ۽ انهيءَ جو صلو اوهان کي اهو ڏيان ته توهان کي ڇڏي هليو وڃان ! |
| اقبال زال ڏانهن نهاري ٿو ، جيڪا وري منهن ڦيرائي ٿي ڇڏي. نيلوفر روئڻ ٿي لڳي پر ماءُ هن کي پنهنجي ويجهو ڪري هن جي مٿي تي هٿ ڦيرائي ٿي- | ماءُ — نه، تون پلي پنهنجو گهر وساءِ .... تنهنجي زال چاهي ٿي ته هوءَ جدا گهر ۾ رهي ۽ آئون هن جي انهيءَ خواهش کي پورو ٿيندو ڏسڻ ٿي چاهيان ! |
| اقبال ماءُ جا هي اکر ٻڌي جهڪي هن جي پيرن تي هٿ رکي نيلوفر کي پاڪر پائي ٻاهر هليو ٿو وڃي ۽ شهناز به منهن کي موڙا ڏئي هلي ٿي وڃي- | اقبال — پر امان .... آئون ته پنهنجو گهر .... ماءُ — نه، هي گهر هاڻ صرف نيلوفر جو آهي . تنهنجو هن گهر سان ڪوبه واسطو ڪونهي . |

| هدايتون | مڪالما |
| --- | --- |
| | ڪــي اهو ڪونه لڳو ته ڪي منهنجون اکيون بي نور آهن - پر اڄ واقعي لڳيم ٿو ته آئون انڌي آهيان پٽ. اکين جو نـور هائي وڃايو اٿم. |
| | نيلوفرــ امان هل تـه پاڻ هلي ادا وٽان ٿي اچون. |
| | ماءُ ــ چري ته ڪانه ٿي آهين. |
| | نيلوفرــ امان نـون ڪجهه بـه چئو، سڀاڻي مان ادا وٽ ضرور وينديس. |
| | ماءُ ــ سڀاڻي جون ڳالهيون سڀاڻي سان، هينئر وڃي سمهي رهه. |
| | نيلوفرــ مون کي ننڊ ڪانه ٿي اچي. |
| | ماءُ ــ اکيون پوري ليٽي پئه، پاڻهي ننڊ اچي ويندئي. |
| نيلوفر سواليه انداز ۾ ماءُ ڏانهن نهاري ٿي ــ | نيلوفرــ امان تو کي ننڊ ايندي؟ |
| ماءُ ڪڪ ٿي جواب ٿي ڏي. | ماءُ ــ اجايا سجايا سوال نه پڇندي ڪر. |
| | نيلوفرــ پر جي امان، ادا هينئر اوچتو گهر هليو اچي ته..... |
| هوءَ ٿڌو ساهه ڀري ٿي ۽ منظر ساڪت ٿي وڃي ٿو. | ماءُ ــ نيلوفر پٽ ـ اهڙي آس نه ڏياريم جا نه ساري سگهي نه جياري سگهي. |

# [ڏيک ــ ڇهون]

اقبال جو نئون گهر.

اقبال ڪجهه پڙهي رهيو آهي.

شهناز سندس پر ۾ اچي ٿي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner
soorihsindhiadab

| هدايتون | مڪالما |
| --- | --- |
| شهناز ڏورو اداس ٿي چوي ٿي. | شهناز— پر توهان ته مون سان ڳالهايو به ڪونه ٿا. |
| | اقبال— شهناز مون توکي ڪيترو سمجهايو آهي ته هاڻ انهن ڳالهيون مون کي ياد نه ڏيار، مون اهو زهر به ڪن جي ڪري پيتو هو. |
| | شهناز— ليڪن توهان تي اڃا به هنن جو ئي خيال ڇانيل آهي. |
| | اقبال— امان ۽ نيلو کي آئون ڪڏهن به وساري نه ٿو سگهان. تو مون تي ظلم ڪيو آهي شهناز، تو منهنجي وجود کي ئي ورهائي ڇڏيو آهي. |
| | شهناز— پر تڏهن به توهين ته منهنجا ڪونه ٿيا آهيو! |
| اقبال اٿي دري وٽ ٿو بيهي ۽ ڏيک ختم ٿئي ٿو. | اقبال— اهائي ته تنهنجي بيوقوفي آهي، جو تو سمجهيو ته مون کي امان جن کان ٽوڙي تون منهنجو پيار حاصل ڪري سگهندينءَ! آئون ته هاڻ هڪ اهڙي ٻه واٽي تي بيٺو آهيان جتي مون کي ڪا به راهه نظر ئي نٿي اچي. |

soorihsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## هدايتون

اقبال اداسيءَ مان وراڻي ٿو.

## مڪالما

سيڪريٽري — سر مونکي ڇڏڻ ته نه گهرجي، پر ٿي سگهي ٿو ته آئون توهان جي ڪنهن ڪم اچي سگهان.

اقبال — بس اها ئي ڳالهه آهي.... ڪيترا ڏينهن ٿيا آهن جو آئون امان جن سان مليو ئي ڪونه آهيان.

سيڪريٽري — توهين ملڻ وڃو ڇو نه ٿا؟

اقبال — انهيءَ عذاب ۾ ته آهيان — خبر ناهي امان مونکي گهر ۾ اچڻ به ڏي يا نه؟

سيڪريٽري — هوءَ ماءُ آهي، آخر توهان کي ڪيئن روڪيندي!

اقبال — تون هن کي ڪونه سڃاڻين! هوءَ ڏاڍي ضدي آهي.

سيڪريٽري — ڇا آئون توهان جي باري ۾ هن سان ڳالهايان!

اقبال — نه نه.... تون ڪو فڪر نه ڪر....

اقبال جو موڊ ڪجهه بدلجي ٿو ۽ هو ٻئي گڏجي ٻاهر نڪرن ٿا — ڪيمره هنن جي وڃڻ کي فالميند ڪندي آهستي آهستي فيڊ آئوٽ ٿئي ٿي.

سيڪريٽري — سر.... ڇا اڄ ڪيڏانهن آئوٽنگ جو موڊ ڪونهي؟

اقبال — نه نه.... اڄ ته شام جو امان وٽ پارٽي آهي تون ايندينءَ نه؟

سيڪريٽري — ها سر.... ڇو نه!

اقبال — هل ته مان تو کي ڇڏيندو وڃان.

soorinsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

**هدايتون** **مڪالمو**

# [ڊيڪ نائون]

افبال جو گهر.
پارٽيءَ جو منظر.

گهر ۾ مهمانن جو هجوم آهي. شهناز ۽ نسرين مهمانن جو آڌرڀاءُ ڪري رهيون آهن. اقبال سيٺين کان بي تعلق آهي ۽ ٻي دليءَ سان سيٺين سان ملي رهيو آهي.

ڪجهه مهمان پنهنجي منهن ڳالهائي رهيا آهن. بيرا ۽ نوڪر چانهه ۽ ڪيڪ کڻي هيڏانهن هوڏانهن اچي وڃي رهيا آهن ۽ ڪي مهمان هڪٻئي سان ملي خوش خيرعافيت پڇي رهيا آهن. هڪ هنگامو مچيل آهي.

مهمان نمبر ١ — يار اقبال کي گهر تمام سٺو مليو آهي.

مهمان نمبر ٢ — ڀاءُ به ته ڊيسينٽ ماڻهو آهي.

مهمان نمبر ٣ — پر يار هڪڙي ڳالهه آهي ته ايڏي سٺي عهدي تي هئڻ جي باوجود، منجهس ذري جيتري به مغروري ڪانهي.

ڪجهه خواتين پاڻ ۾ گفتگو ڪري رهيون آهن. هو هڪٻئي جي ڪپڙن، وارن جي اسٽائيل ۽ جتين کي چتائي ڏسي رهيون آهن.

خاتون نمبر ١ — ادي، اڄڪلهه جي ظاهري ڊيڪ ويڪ معاشري کي تمام گهڻو نقصان رسايو آهي.

خاتون نمبر ٢ — پر جيڪڏهن الله ڪنهن کي ڏني ته ان سان ڪهڙي ريس؟

هوءَ ٺهنائي سان چوي ٿي.

خاتون نمبر ٣ — پر سادگيءَ ۾ به ڪو حرج ته ڪونهي. بلڪ هڪ

| هدايتون | مڪالمو |
| --- | --- |
| آهن . اقبال ان گفتگوءِ دوران وڏيڪ بيچين ٿي وڃي ٿو ۽ خاموشيءَ سان ٻاهر نڪري وڃي ٿو . | وانگر ڦٽو ڪري ڇڏي . |
| نسرين ڪيس ويندو ڏسي شهناز کي ڪجهه چوي ٿي ۽ شهناز به اقبال جي پويان نڪري وڃي ٿي . | |

[ڏيک ڏهون]

| هدايتون | مڪالمو |
| --- | --- |
| (ماءُ جو گهر رات جو وقت) گهر جي ٻاهران دروازي تي اقبال ڊڪيءَ تي ويٺو آهي . شهناز هن کان لڪندي لڪندي اچي ٿي ۽ ٻاهران دريءَ وٽان وڃي اندر ليئو پائي ٿي جتي نيلوفر ۽ مائس ڳالهائين پيون . ماءُ حسب معمول چڻ ته خلا ۾ گهوري رهي آهي . | نيلوفر — امان، ادا وري مڙئي نهاريو ڪونه، پر تون اڄ ان، در انهيءَ آس ۾ ڪوليو ويٺي آهين ته متان اچي وڃي! فاطمه — اها آس ته هاڻي ساهه جو سهارو آهي پٽ، دل ٿي چوي ته خدا ڪري جتي هجن خوش هجن. ڪنوار به ڏاڍي ياد ٿي اچيم. |


Scanned with CamScanner

## هدايتون

جي آڏو هٿ ٿي ٻڌي. فاطمه هن جا هٿ محسوس ڪري الهن کي پنهنجي ٻنهي هٿن ۾ جهلي ٿي. شهناز هن جا هٿ اکين سان ٿي لائي.

هي سڄو حصو نهايت جذباتي آهي ۽ ڊائلاگ تمام سست رفتار سان هلن ٿا. هن وقت سڄاڻ اقبال جي وارن ۾ آڱريون ڦيري رهي آهي ۽ هو سڪون سان اکيون بند ڪيو ويٺو آهي.

## مڪالمو

شهناز ــ ڏوهه ته منهنجو ئي آهي چاچي! جي آئون پراڻن صلاحن تي هلي بيوقوفي نه ڪريان ها ته توهان کي هيترا ڏينهن پٽ جو انتظار نه ڪرڻو پوي ها .... مون کي ڪهڙي خبر ته پيار جا ڪئي روپ آهن! توهان کي خبر آهي ته اقبال هتان هلي چڙ ته هڪ بدليل انسان ٿي ويو هو. صرف اهڙو بوتو جنهن ۾ روح نه هجي، اهڙي تصوير جنهن کان رنگ رسي ويا هجن. چاچي، هو صرف منهنجو ناهي، هو توهان جو ۽ نيلو جو به آهي.

اقبال ــ ۽ تون ڪنهن جي آهين؟

شهناز شرمائجي ڪمري ۾ اندر پهچي ٿي وڃي ۽ ٻئي هو سڀ ٺهڪ ڏئي کلن ٿا.

soorihsindhiadab


Scanned with CamScanner

# منزلون ۽ مسافر

کردار:-

سليم : هڪ نوجوان

زيبو : ڳوٺاڻي ڇوڪري

بابا : زيبوءَ جو پيءُ - حويليءَ جو رکوالو

اختر : سليم جو دوست ۽ ساٿي

نسرين : سليم ۽ اختر جي ساٿي

انسپيڪٽر ۽ پيا :

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

| هدايتون | مڪالمو |
| --- | --- |

# [ڏيک ـــــ پهريون]

وقت رات

سمهڻ جو ڪمرو. ڪتاب رسالا بي ترتيب. کٽ وڇايل. رات جو وقت. هڪ نوجوان پنهنجي خيالن ۾ غلطان. سندس چهري تي هڪ الجهاتل خوف جو تاثر آهي. هڪ پيرسن شخص لالٽين کڻي اندر داخل ٿئي ٿو. هو چرڪ پري، هن ڏانهن نهاري ٿو ۽ پيرسن تي نظر پوڻ سان ڪجهه سڪون محسوس ڪري ٿو. پيرسن لالٽين هڪ پاسي رکي ٿو ۽ هوريان هوريان اچي هن جي آڏو پٽ تي ويهي ٿو. سليم اٿي ويهي ٿو ۽ شڪايت واري انداز ۾ چوي ٿو.

سليم ـــ اوهان کي گهڻا پيرا چيو اٿم ته ائين منهنجي آڏو پٽ تي نه ويهندا ڪريو.

پوڙهو آهستي چوي ٿو.

بابا ـــ سائين اسان مسڪين ماڻهو، اسان لاءِ هيءَ جاءِ ٺيڪ آهي. هتي ته روز ڏوان ماڻهو اچڻ وڃڻ وارا آهن. اوهان جي ڪري عادتون مٽايم ته شايد هتي جي ڪم کي آئون سنڀالڻ جهڙو ئي نه رهان. ! اوهان ويهو منهنجو خيال نه ڪريو.

سليم لاچار ٿي ويهي ٿو. پر لڳي ٿو ته هن کي اها ڳالهه اصل ڪو نه ٿي وڻي.

سليم ـــ اڄ دير ڪيو بابا؟

بابا ـــ ڳوٺ ۾ ڪاڄ هو، اتي ويو هوس گهڻن ڏينهن کان پوءِ ماڻهن

soorihsindhiadab


Scanned with CamScanner

هدايتون | مڪالمه
---|---

# [ڏيک ڏيون]

— منظر بدلجي ٿو —

ساڳيو وقت، پوڙهو آهستي آهستي ٿڪل انداز ۾ پنهنجي جهوپڙيءَ ۾ داخل ٿئي ٿو. سندس نوجوان ڌيءَ زيبو ليٽي پئي آهي. کڙڪي تي هو اٿي ويهي ٿي، پيءُ کي ملول ڏسي چوي ٿي.

زيبو — بابا خير ته آهي، اوهان ويڳاڻا ڇو آهيو؟

بابا — هون .... ڪجهه به نه .... ڪجهه به ناهي.

زيبو — ڪجهه ته آهي جو اوهان ائين ڇرڪ ڀريا پريو.

بابا — چيم نه، ڪجهه نه آهي. ماڻڙي ڪري سمهي پئه.

زيبو وڃي اچي پيءُ جي پير ۾ ٿي ويهي.

زيبو — مون کان لڪايو ڇو ٿا؟

بابا — ڇا ٿو لڪايان....؟

زيبو — اهو پاڻ کان پڇ.

بابا — آئون مهمان بابت پيو سوچيان.

زيبو زبردست ڇرڪ ڀري چوي ٿي.

زيبو — ڇا ٿيو مهمان کي؟

پوڙهو هن جي ڪلهي تي تسليءَ واري انداز ۾ هٿ هڻي چوي ٿو.

بابا — ڪجهه به نه.... الالجي ويچارو ڪهڙي مصيبت ۾ مبتلا آهي. رکي رکي ڪهڙا ڇرڪ ٿا پوانس جو سڀ ڪجهه وساريو ڇڏي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

| هدايتون | مڪالمو |
|---|---|
| | زيبو — هو پاڻ وڃي ته وڃي، پر اسان جي ڇٽي تي نه، ويندو.. مونکي سمجهه ۾ نٿو اچي ته اوهان کي ڇا ٿي ويو آهي؟ |
| پوڙهو شڪست واري انداز ۾ ٿو ڳالهائي. | بابا — شايد آئون پوڙهو ٿي ويو آهيان شايد منهنجي سمجهه مري چڪي آهي. |
| زيبو هن کي ٻانهن کان مٿي اٿاري در ڏانهن ٿي اماڻي. | زيبو — هن کي اسانجي آٿت جي ضرورت آهي بابا. |
| | بابا — مونکي توتي پورو ڀروسو آهي زيبو. |
| | زيبو — آءُ تنهنجي ڌائي آهيان، توکي مونتي اعتبار ڪرڻ گهرجي. |
| هوءَ وڏي اچي پيءُ کي ڀاڪر پائي ٿي ۽ پيءُ هنکي مٿي تي هٿ ڦيري ٿو. | |

## [ڏيک ـــ چوٿون]

| هدايتون | مڪالمو |
|---|---|
| صبح جو وقت. ملول سليم جڻ سڄي رات نه ستو آهي. هڪ بيگ ٺهي رکي آهي. بابا اندر داخل ٿئي ٿو. سندس هٿ ۾ هڪ ٽري آهي. جنهن تي هڪ ڪيٽلي ۽ هڪ ڪوپ رکيل آهي. هو هن کي ڏسي مرده آواز ۾... | سليم — مون کي اوهان جو ئي انتظار هو. |
| هو ٽري رکندي ۽ چانهه ڪوپ ۾ ٺاهيندي. هن کي ڏئي ٿو. | بابا — اچي پٽ. |

| هدايتون | مڪالمو |
| --- | --- |
| | جي تون نه پڙهڻ چاهين ته وس وارو آهين، ماڻهو اڪثر پنهنجين ڳالهين کي لڪائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. |
| پوڙهو تسلي ڏيڻ واري انداز ۾ چوي ٿو. سليم ڏکوئل ڪل ڪندو چوي ٿو. | سليم — ڳالهيون لڪائڻ! اوهان جهڙن مهربانن کي دلين جا احوال پڙهائيندي ڪيئن ڪي ملندو آهي. پر ڪا ڳالهه پنهنجي اندر کي پڙهائيندي ۽ ڊپ ٿيندو هجي ته پوءِ ان جو ڪهڙو علاج آهي؟ |
| | بابا — مون فيصلو ڪيو آهي ته تون هاڻي هتان صرف پنهنجي مرضيءَ سان ويندين. |
| نهايت ويچارائيءَ سان پوڙهي کي ڏسي ٿو، جهيڻي ۽ ڏکاري انداز ۾. | سليم — اوهان به عجيب آهيو بابا! پل ۾ جياريو ٿا، پل ۾ ماريو ٿا. |
| | بابا — حالتن تي منهنجو وس نه هو پٽ. مالڪ جي دل ۾ سوين اڌما اٿندا آهن ۽ انهن جي اثر سون کي لاچار ڪيو جو توکي چٺي ڏنم. پر تنهنجو ڏک ۽ پريشاني ڏسي، مون فيصلو ڪيو آهي ته مهمانن کي لوڙڻ مناسب نه آهي. پر اها خواهش آهيم ته تون.... تون.... پنهنجي ڏک ڪان ڪجهه ته ڪجهه اسان کي واقف ڪرين. |

soorihsindhiadab


Scanned with CamScanner

## هدايتون

جڏهن اهو گوڙ وڌي وڃي ٿو تڏهن هو خود به دانهون ڪرڻ لڳي ٿو.

## مڪالمو

سليم — نه .... نه .... نه .... آئــون .... نٿو ٻڌي سگهان. ناقابل برداشت آهي .... مون کــي پنهنجي دل جو آواز ٻڌڻ گهرجي. آئون .... سک نٿو ماڻي سگهان آئون ....

دروازي تي هن جون دانهون ٻڌي زيبو پريشان ٿي اچي بيٺي آهي. هوءَ هن جي اها ڪيفيت ڏسي رحم ڀريل نظرن سان ڏسيس پئي. انهيءَ ڏڪي ۽ پريشانيءَ جي عالم ۾، زيبوءَ تي نظر پئيس ٿي. انهيءَ لمحي اهــي سڀ گوڙ گهمسان بند ٿي وڃن ٿا هو حيران نظرن سان هن کي ڏسي ٿو.

نــدامت ۽ پريشاني وچان چوي ٿو.

سليم — تون.... تون.... شايد....

زيبو اچي ٿي اندر گهڙي ٿي. هن کي ڏسڻ ڪانسواءِ آهستي.

زيبو — اوهان جي شايد طبيعت ٺيڪ نه آهي- ڪنهن شيءِ جي ضرورت هجي ته....

سليم — مون کي ڪنهن شيءِ جي ضرورت نه آهي.... تون هتي ڇو آئي آهين- بابا ڪٿي آهي-؟

زيبو ڪند هيٺ ڪري آهستگيءَ سان وراڻي ٿي.

زيبو — جيڪڏهن بابا هجي ها ته، پڪ سان آئون هتي نه اچان ها.

soorihsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

| هدايتون | مڪالما |
| --- | --- |
| | هو پيلي ۾ ڪاٺيون ڪرڻ ويو آهي- اوهان جون ڏاڍيون پڪي نڪري آيس. |
| سليم عجيب نگاهن سان هن ڏانهن گهوريندي چوي ٿو. | سليم — توکي هتي اچڻ نه گهربو هو. |
| | زيبو — آئون سمجهان ٿي ته اوهان ڇا ٿا چئو؟ ۽ جيڪڏهن ڪو ماڻهو تڪليف ۾ هجي ته ان کي ڏسجي ۽ نه ڇا؟ |
| زيبو حيرت ڀريل نگاهن سان هن ڏانهن نهاريندي چوي ٿي. | سليم — منهنجون تڪليفون .... تون ڏسي ڇا ڪندينءَ؟<br>زيبو — ڏاڍا ڏکويل آهيو؟ |
| سليم ڏاڍي ڏکويل انداز ۾ چوي.<br>هوءَ عجيب نظرن سان هن کي ڏسي ٿي. ڪن پل لاءِ مختلف تاثرات هنهي جي چهرن تي اڀرن ٿا. زيبو هوريان هوريان ويندي. | سليم — ڪنهن ڪڏهن ڪنهن ٻئي جا ڏک محسوس ڪيا آهن؟ |
| | زيبو — اسان غريب مسڪين آهيون. دل جي اوجر تي جيئرا رهڻ وارا آهيون سائين، اسان کي اوهانجون اهي ڳجهارتون پلئه نه پونديون. جيڪڏهن ڪنهن شيءِ جي گهرج هجيوَ ته مون کي سڏي وٺندا ڪريو. |
| دروازي تي ٻيهي تيزيءَ سان ٻاهر نڪري وڃي ٿي. سليم حيران ٿي هن کي ويندو ڏسي ٿو. چند لمحن بعد هن جي چهري تي هڪ سڪون جي | |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

# شڪست

## ڪردار:-

جميل : هڪ نوجوان

زينت : جميل جي پڦيءَ جي ڌيءَ

حامد : زينت جو ڀاءُ

شانو : حامد جي زال ۽ فتح جي ڀيڻ

فتح : زينت جو مڙس

ڦاپل : جميل جي ماءُ

عباس : جميل جو پيءُ

حوا : زينت جي ماءُ

پيءُ : زينت جو پيءُ

رضيه : زينت جي ساهيڙي

soorhsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

| مڪالمو | هدايتون |
|---|---|
| مڃ تہ، هاڻي اهي سڀ ڳالهيون وساري ڇڏ ... ۽ ها ڪر تہ هن اڱڻ تي بہ ڪي خوشيون ٿين. | هي جملا چوندي ماءُ جي چهري تي اهڙا تاثرات اڀرن ٿا ڄڻ هوءَ ڪو مٺو خواب ڏسي رهي هجي. |
| جميل — نہ امان، شادي آئون ڪونہ ڪندس. | جميل کي هيءَ ڳالهہ ڪانہ ٿي وڻي. هن جواب تي ماءُ حيران ٿي پڇي ٿي. |
| ڦاپل — پر ڇو؟ | |
| جميل — منهنجي ڪنهن ڳالهہ ۾ دل ڪونہ ٿي لڳي. | ماءُ مايوس ٿي واپس کٽ تي وڃي ٿي ويهي. |
| ڦاپل — ابا، ماءُ جو چيو نہ موٽاءِ. | |
| جميل — مون کي مجبور نہ ڪر امان، مون کي مجبور نہ ڪر. | |
| | جميل سڙي، هڪ ڪرسيءَ تي ويهي، مٿي کي هٿ ڏيئي ٿو ڇڏي. ماءُ بہ ڏک ۾ مٿي کي هٿ ڏئي ٿي ويهي رهي. |

# [ڏيک ڇوڙتون]

| مڪالمو | هدايتون |
|---|---|
| | فتح عليءَ جو گهر - رات جي اونداهي - زينت ڪمري ۾ اڪيلي ويٺي آهي. هن کي مڙس جي اچڻ جو انتظار آهي. ٻاهر ڪتن جي ڀونڪڻ جو آواز پيو اچي، هوءَ اٿي لالٽين جي وٽ کي ٿورو مٿي ٿي ڪري. زينت ڊڄي ٿي. |
| دروازي تي ٺڪ ٺڪ. | زينت آواز ٻڌي دروازو کولي |


Scanned with CamScanner

| مڪالمو | هدايتون |
|---|---|
| | ٽي - فتح علي ڏاڍو ڄنڊو اندر داخل ٿئي ٿو - هن جي وات مان شراب جي ٻوء ٿي اچي ۽ زينت منهن ٻئي پاسي ٿي ڪري. هو جهومندو ڪٽ تي وڃي ٿو ڪري - زينت سندس پيراندي ۾ وٽ ويهي پيرن مان بوٽ ٿي لاهيس ته ٻير ٻري ٿو ڪري. زينت هٿ هٽائي ٿي ۽ اٿي ٿي بيهي - هو اکيون کولي ڏسي ٿو ۽ وري اکيون بند ڪري ٿو ڇڏي - زينت هٽي ڪرسيءَ تي ويهي ٿي رهي - سندس اکين مان ڳوڙها وهڻ ٿا لڳن ۽ فتح علي اتي ئي سمهي ڪونگهرا هڻڻ لڳي ٿو - هڪ لمحي کان پوء زينت اٿي فتح عليءَ جي مٿان اجرڪ ڏي وجهي ڇڏي - ۽ پڻ ڪمري کان ٻاهر نڪري بتيءَ جي وٽ هيٺ ڏي ڪري ڇڏي - ڪئميرا هن جي چهري تي اچي زوم آئوٽ، |

## [ڏيک پنجون]

| | |
|---|---|
| | ڪئميرا حوا جي چهري تي ڪلي ٿي - بيمار آهي - حامد ۽ شانو سندس پرم وٽا آهن - هو ۽ ڪجهي به ٿي ۽ اٿين لڳي پيءُ جڻ ڏاڍو انتظار اٿس - |

| هدايتون | مڪالمو |
| --- | --- |
| حامد هن جي مٿي تي هٿ ڦيرائي رهيو آهي- | حوا — اڄ الائجي ڪهڙي مونجهه آهي، جيڪا ساهه ئي نٿي ڪڍڻ ڏئي. |
| | حامد — امان سڀ ٺيڪ ٿي ويندو، ائين ئي ڪمزوري اٿئي. |
| | حوا — ها ابا، عمر به آهي. نيٺ جيڪو ٿيڻو تهيو آهي سو ضرور پهچندو به. |
| شانو ڏاڍي ڏک ۾ پئجي ليکي- هوءَ پنهنجي سس کي مايوسي جون ڳالهيون ڪرڻ کان روڪي ٿي- | شانو — چاچي، اهڙيون ڳالهيون ڇو ٿي ڪرين. |
| حوا پٽ ڏانهن ڏسندي چوي ٿي- ان تي شانو پنهنجي مڙس ڏانهن نهاري چوي ٿي. حامد ماءُ ڏانهن ڏسي ٿو- | حوا — گهڻا ڏينهن ٿيا آهن، جو زينت نه آئي آهي. |
| | شانو — (پنهنجي مڙس کي) توهان وڃو ۽ ڀاڀي زينت کي وٺي اچو. |
| هن جي ان ڳالهه تي ماءُ هٿ وڌائي هن کي روڪي ٿي- هن جي چهري مان ائين لڳي پيو ڄڻ هن کي ڪو صدمو ٿيو آهي- حامد اٿي وڃي ٿو ۽ شانو حوا جي مٿي کي زور ڏيڻ لڳي ٿي ۽ حوا آهستي آهستي اکيون ٻوٽي ڇڏي ٿي. | حوا — نه نه، اڃا پيو فتح ناراض ٿيندو. |
| | شانو — اهيءَ ۾ ناراض ٿيڻ جي ڪهڙي ڳالهه آهي — توهان وڃو. |

هدايتون — مڪالمو

# [ڏيک ڇهون]

زينت ماءُ جي کٽ تي ويٺي آهي، جيڪا آهستي آهستي کنجهي پئي. شانو ٻه مٺي ڪي زور پئي ڏئيس. هڪ طرف حامد ڪرسيءَ تي ويٺو آهي ۽ ٻئي طرف ٻئس چلم ٻيو پئي. حوا آهستي آهستي اکيون کولي ٿي ۽ هن جون نگاهون زينت تي وڃي ٽڪن ٿيون. زينت هن کي اکيون کوليندي ڏسي خوش ٿئي ٿي ۽ چوي ٿي.

زينت — امان، ڪجهه فرحت اٿئي؟

حوا — بس هاڻي ڪجهه مونجهه گهٽي آهي.

زينت — ڇٽين ته ڊاڪٽر کي ڪٺي سڏايون.

حوا هٿ جي اشاري سان وري زبان سان به ڊاڪٽر جي گهرائڻ تي منع ٿي ڪري.

حوا — نه نه .... ڊاڪٽر جو ڪو ضرور ڪونهي.

ٻيءُ ٻريان چلم جو نڙ وات مان ڪيڍي بيزاريءَ مان جواب ٿو ڏئي.

ٻيءَ — تنهنجي الهيءَ ضد تہ ماريا آهيون. هاڻ سڄي رات پئي کنجهندين ءَ.

ان وقت اوچتو در کولي فتح الدر داخل ٿئي ٿو. هو ڪاوڙ ۾ آهي. سندس انهيءَ حالت تي سڀ حيران ٿين ٿا. زينت گندي ٽيڪ ٿي ڪري ۽ شانو ڊوڙي ٿي وڃي پاءُ سان ملي. پر فتح ڪيڏانهن به ڪونه ٿو نهاري ۽ سڌو اچي ٿو زينت جي پانهن ۾ هٿ وجهي. هوءَ گهبرائجي ٻيهي ٿي رهي - ٻيءُ

# [ڏيک ستون]

| هدايتون | مڪالمو |
| --- | --- |
| جميل جي اداس ۽ ويڳاڻي چهري تي ڪئميرا کلي ٿي. ۽ چند لمحن کان پوءِ سندس ماءُ اندر ڪمري ۾ داخل ٿئي ٿي. هن جي هٿ ۾ لفافو آهي. ماءُ چپ چاپ هن جي پرسان بيهي ٿي. گهڙي کن کان پوءِ ماءُ هن جي ڪلهي تي هٿ رکي ٿي، هو چرڪ ڀري ماءُ کي ڏسي ٿو ۽ اٿڻ جي ڪوشش ڪندي ماءُ کان لفافو وٺي کولي ٿو ۽ چهري تي عجيب تاثرات ابرن ٿا. | جميل — امان نوڪريءَ جو خط آيو آهي. |
| هن جي چهري مان ڪجهه خوشيءَ جو احساس ٿئي ٿو ۽ ماءُ به هن کي خوش ڏسي خوش ٿئي ٿي، جميل پني کي باربار پڙهي ٿو. هو ماءُ کي ٻڌائي ٿو ۽ ماءُ حيران ٿي وڃي ٿي. | ماءُ — ابا ڪهڙي؟<br>جميل — جيڪو امتحان ڏنو هيم.<br>ماءُ — ايس- پيءَ وارو.<br>جميل — ها، اي-ايس-پي. |
| ماءُ جي چهري مان خوشي ظاهر آهي- هوءَ ڏاڍي خوش ٿئي ٿي ۽ خوش ٿيندي ٿيندي وري اداس ٿي وڃي ٿي، جميل ماءُ کي اداس ڏسي ويجهو اچي ٿو. | ماءُ — شڪر آهي منهنجا خدا، اڄ ته آئون ڏاڍي خوش ٿي آهيان.<br>باقي.... |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

| هدايتون | مڪالمو |
| --- | --- |
| زينت جي ماءُ اندر داخل ٿئي ٿي. هن کي ڏسي زينت اٿي اٿي ٿي. | ماءُ — زينت. |
| | زينت — جي امان. |
| | ماءُ — جميل آيو آهي. |
| زينت ڇرڪ پري اٿي کڙي ٿئي ٿي. | زينت — ڇو، ڇو آيو آهي؟ |
| ماءُ هن جي حيرت تي ڪو تبصرو ڪونہ ٿي ڪري ۽ نهايت سادگيءَ سان چوي ٿي. | ماءُ — امان، هو پوليس جو وڏو آفيسر ٿي هن علائقي جي گشت تي آيو آهي، سو هيڏانهن بہ آيو. هو تہ پيئولي ڪو نہ ٿي پر مون روڪيومانس. |
| زينت هن کي نهايت جذباتي انداز ۾ چوي ٿي. | زينت — نہ نہ امان هن کي نہ روڪيو. |
| ماءُ حيرت سان چوي ٿي. | ماءُ — تہ تون ڪولہ ملندينس؟ |
| | زينت — نہ امان.... آئون ڪونہ ملنديسانس. |
| ماءُ حيران ٿي ڪنڌ جهڪائي ڇڏي ٿي. | ماءُ — عجيب ڇوڪري آهين، هو ڇا چوندو؟ |
| ماءُ هٿ لوڏي وڃي ٿي. زينت سڏڪا ڀرڻ ٿي لڳي. رضيہ پاڪر ٿي پائيس. | رضيہ — هڪ دفعو ملڻ ۾ ڇا ٿيو؟ |
| | زينت — نہ ادا.... رضي، آئون هن سان ڪهڙي منهن سان ملان. |
| | رضيہ — ڏاڍي سخت دل آهين. |
| زينت دل تي هٿ رکي جهڪي ٿي وڃي. رضيہ گهبرائجي ٿي وڃي. | زينت — مون کي ڪجهہ نہ ٿيو رضي.... |


Scanned with CamScanner

| هدايتون | مڪالمو |
| --- | --- |
| | حوا — اسان جو هاڻي هن جي حياتيءَ تي ڪو حق ڪونهي. هوءَ پنهنجي زندگي پاڻ بنائڻ چاهي ٿي. اسان هاڻ هن کي نه روڪيندا سين. اسان جو هن تي حق به ڪوڙو رهيو آهي! |
| حوا جي اهو ٻڌائڻ تي ٻيءُ سخت حيران ٿي وڃي ٿو ۽ سندس چهري تي تشويش جا آثار اڀرن ٿا. هوءَ ڪنڌ سان هائوڪار ڪري ٿي. ٻيءُ جي چهري تي هڪ عجيب تاثر اڀري ٿو. | ٻيءُ — چئين سچ ٿي .... پر آخر رهندي ڪٿي؟<br>حوا — ادا جي گهر پيو ڪٿي؟<br>ٻيءُ — جميل جن جي گهر؟ |
| هو چوي ٿو. | ٻيءُ — پر اهو ٺيڪ ته نٿو لڳي. ائين دنيا جهان وارا ڇا چوندا؟ |
| ماءُ سخت نظرن سان مڙس ڏانهن ڏسي ٿي. | حوا — اهڙيون اجايون ڳالهيون نه ڪريو. هن جي دل اڳيئي پڪل آهي .... هن کي سندس حال تي ڇڏي ڏيو ته بهتر ٿيندو. |
| هو پنهنجي ڪئي تي سخت نادم ٿو نظر اچي ۽ ڪلها ڌوڻيندي چوي ٿو. | ٻيءُ — آئون ته اڳيئي پنهنجي ڪيئي تي پشيمان آهيان .... منهنجي غلط فيصلي هن گهرن کي برباد ڪري ڇڏيو آهي. هاڻي جيڪڏهن ائين ڪرڻ سان زينت کي سڪون ملي ته آئون ڪنهن به ڳالهه ۾ ارهو نه آهيان. |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

| هدايتون | مڪالمو |
|---|---|
| جميل آهستي چوي ٿو. | جميل — هي رشتو دل جو رشتو آهي زينت .. |
| هوا ۾ ڦاٿل ڪمري ۾ اندر وڃڻ ٿيون ۾ جميل زينت ڪان ٻار وٺي ٿو. | |
| | زينت — جڏهن دل ٿي ٽٽي پوي ته! |
| | جميل — ٽٽل دل جو رشتو ته اڃا به وڌيڪ مضبوط ٿيندو آهي. |
| زينت وڏي ڪوچ تي وڃي ويهي ٿي. | زينت — مون مطلب ڪونه سمجهو. |
| جميل ٻار کي ڪنيو ڪوچ جي پاسي کان بيٺو آهي. ٻنهي جي اکين ۾ ڳوڙها آهن. جميل جي اکين مان پيار به پيو بکي، هـو چپ ڏندن ۾ پڪوڙي ٿو. هو ٻار کي سيني سان لڳائي ٿو. | جميل — زينت .... مون تو سان پيار ڪيو آهي زينت — ضروري ناهي ته جيڪڏهن تون مون کي حاصل ٿي نه سگهين ته اهو پيار به ختم ٿي ويو! نه نه، اهو پيار ته اڄ به موجود آهي. پر هاڻ ان جو روپ پيو آهي! هاڻ آئون پنهنجو سچو پيار هن ننڍڙي ٻي ڳهوري ڇڏيندس .... ۽ جڏهن هي وڏو ٿيندو ۽ مرڪندو تو وٽ ايندو، ته تنهنجي اکين ۾ جيڪا چمڪ پيدا ٿيندي ۽ تنهنجي منهن تـي جيڪو ممامتا جـو رنگـ ايندو، تنهن کي ڏسي آئون سمجهندس ته مون کي پنهنجي زندگيءَ جو حاصل ملي ويو. |

| هدايتون | مڪالما |
| --- | --- |
| زينت جذبات ڪان جميل جي هٿ تي هٿ ٿي رکي، جنهن کي جميل آهستي هٽائي ٿو. هن کي چڙ ته، ڪو سڪون ملي ٿو. | |
| | زينت ــ تون واقعي عظيم آهين جميل. |
| | جميل ــ نه زينت، مون کي عام جميل ٿي رهڻ ڏي .... |
| | ڪاش! پاڻ ڪنهن بهتر حالت ۾ ملون ها!! خير .... پر ملياسين ته سهي .... |

پورو ٿيو

soorihsindhiadab


Scanned with CamScanner



## قاضي خادم کي

اڄ کان ڪجهه سال اڳ سنڌيونيورسٽيءَ ۾ ايم اي (انگريزي) ڪرڻ دوران پنهنجي ڪلاس ۾ ڏٺو هئم ، هو ڪلاس جي سيني چوڪرن چوڪرين وچ ۾ استادن سان گهڻو سوال جواب ڪرڻ ڪري نمايان هوندو هو . . . سندس ادبي ذوق جي ڄاڻ مون کي انهيءَ وقت پئي هئي . . .

جنهن جو عملي مظاهرو سڀ کان پهرين پاڻ انگريزيءَ مان چار ناول ترجمو ڪري ڪيائين . ترجمي جي فن لاءِ ضروري آهي ته مترجم ٻنهي ٻولين جو ماهر هجي . . . سو پاڻ پنهنجي ٻنهي ٻولين جي ماسٽري (ماسٽر آف سنڌي ۽ ماسٽر آف انگلش) کي ڪم آندائين .

ان کان پوءِ سندس پهريون طبعزاد ناول ”پيار ۽ سپنا“ ڇپيو ، ۽ هاڻ هڪ ٻيو ناول ڇپجي رهيو اٿس ”درد جي خوشبو“.

”لڙڪ لڙڪ زنجير“ سندس ريڊيو ۽ ٽي ويءَ لاءِ لکيل ڊرامن جو مجموعو آهي جنهن ۾ ڪل ڏهه ڊراما آهن. سندس موضوع عام طور انسان جو انسان لاءِ پيار ۽ انسانيت جي عظمت ۾ يقين هوندو آهي . سندس ڊرامن ۾ سماجي مسئلن جي به اپٽار هوندي آهي . هنن ڊرامن ۾ اسانجي زندگيءَ جي ڀرپور نموني سان عڪاسي ڪيل آهي.

**فهميده حسين**

۱۳- فيبروري ۱۹۸۱ع


Scanned with CamScanner

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو ته تاريخ هميشه انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نه رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي ته سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد ته سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نه صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀرپور ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](http://books.sindhsalamat.com)

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book